سنڌ جي سورهيائي ۽ هنر منديءَ جو داستان

# مورڙو ۽ مانگر مڇ



لوڪ ادب سلسلي جو ڇٽيهون ڪتاب (36)

# مورڙو ۽ مانگر مڇ

## سنڌ جي سورهيائيءَ ۽ هنر منديءَ جو داستان

مرتب:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو سنڌ

2006ع

[ڪتاب جا حق ۽ واسطا قائم]

چاپو پهريون سال 1967ع تعداد: هڪ هزار
چاپو ٻيون سال 2006ع تعداد: هڪ هزار

قيمت: هڪ سؤ رپيا
**[Price Rs. 100-00]**

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
**تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ**
**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)**
**Email Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

---

هيءُ ڪتاب مئنيجر پريس سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

## ڇپائيندڙ پاران

”موڙو ۽ مانگر مڇ“ لوڪ ادب سيريز جو ڇٽيهون نمبر ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سال 1967ع ۾ جناب محمد ابراهيم جويي تڏهوڪي اعزازي سيڪريٽري جي اياڪاريءَ ۾ بورڊ جي پريس منجهان ڇپجي پڌرو ٿيو. هينئر هيءُ ٻيو ڇاپو آهي، جيڪو هن سال يعني سال 2006ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. 39 سالن جي ڊگهي عرصي ۾ هيءُ ڪتاب سنڌ جي مختلف ڪتاب گهرن تي موجود رهيو ۽ عام و خاص جي دلچسپيءَ جو سبب بڻيو رهيو. گذريل ڪجھ وقت کان عوامي حلقن پاران مارڪيٽ ۾ هن ڪتاب جي نئين ڇاپي وڪامجي وڃڻ جا اطلاع مليا ۽ گڏوگڏ نئين ڇاپي شايع ڪرڻ جي بہ گهر ٿي. انهيءَ گهر کي مدِ نظر رکندي مانواري پبليڪيشن ڪاميٽيءَ کان هن ڪتاب جي نئين ڇاپي جي منظوري ورتي وئي ۽ ڪتاب، نئين سونهن ۽ خوبصورتيءَ سان ڇپائي لائق پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت تي ڪتاب جي مرتب جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن مهاڳ ۽ مقدمي ۾ تفصيلي روشني وڌي آهي. اُن تي وڌيڪ ڪجھ لکڻ سج کي آرسي ڏيکارڻ جي برابر آهي.

اميد تي ڪجي، تہ هيءُ نئون ڇاپو پڙهندڙ حلقن ۾ اڳ کان بہ وڌيڪ مڃتا ماڻيندو.

**اعجاز احمد منگي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ
خميس ٦ - شعبان المعظم ١٤٢٧ھ
بمطابق 31- آگسٽ 2006ع

# فهرست


| عنوان | | صفحو |
|---|---|---|
| مهاڳ | | 5 |
| مقدمو | | 8 |
| مورڙي ۽ مانگرمڇ جي تفصيلي ڳالهه | | 15 |
| روايت [1] | امين کتي جي نالي سان بيت | 59 |
| روايت [2] | مير ٻگهيي جي نالي سان بيت | 68 |
| روايت [3] | امين وندير جي نالي سان بيت | 85 |
| روايت [4] | - | 96 |
| روايت [5] | غلام حيدر تيرهي جا چيل بيت | 105 |
| روايت [6] | حڪيم ڌاهري جا چيل بيت | 108 |
| روايت [7] | - | 116 |
| قصو مورڙي جو | دريا خان جاگيراڻي جا چيل بيت | 122 |
| روايت [8] | مل محمود پلي جا چيل بيت | 131 |
| روايت [9] | شيخ محمود جا چيل بيت | 134 |
| روايت [10] | نامعلوم | 138 |
| روايت [11] | سانوڻ فقير خاصخيلي جا چيل بيت | 146 |
| روايت [12] | ولي محمد ڪيري جا چيل بيت | 150 |
| روايت [13] | طيب جا چيل بيت | 159 |
| روايت [14] | گلو مياڻي جا چيل بيت | 164 |
| روايت [15] | نامعلوم | 167 |
| روايت [16] | مدو فقير نظاماڻي جا چيل بيت | 169 |
| روايت [17] | نالي چڱي شر جا چيل بيت | 177 |
| روايت [18] | الله بخش مُرگر جا چيل بيت | 182 |
| روايت [19] | علي ملاح جا چيل بيت | 183 |


## ضميمو


| | | |
|---|---|---|
| روايت [20] | امين چارڻ جا چيل بيت | 191 |

# مهاڳ

سنڌ جي 'لوڪ ادب' ڪي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سن1955ع ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي سامهون رکي ويئي، جا 1956ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري 1957ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ڏنل هدايتن موجب، ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ "سنڌي لغت آفيس" سان گڏ "لوڪ ادب" جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته مقامي طور گڏ ڪيل توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پيتي صاف ڪري، ڇپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال 1957ع ۽ 1958ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٽيل انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اُتاريو، ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري، سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبندڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر ڀاڱي بابت، نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال1969ع کان شروع ڪيو ويو.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول

۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ٿيهه اکريون، ڪافيون وغيره. مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن. انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل "لوڪ ادب" کي بعينه 'فوڪ لور' (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اڃا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اڃا تائين ڳوٺ آهي، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو، ته هن تجويز ذريعي "لوڪ ادب" جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ جڻ اٿاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اُميد ته آئنده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جيتوڻيڪ بنده جي طرفان پيش ٿي، مگر اُن جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي، جن هن تجويز کي سن1956ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ، صاف ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي جن بنده

لاءِ سگھڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طور سان هيءُ ڪتاب 'لوڪ ادب سلسلي' جو ڇٽيهون ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد ڊسمبر 1964ع تائين گڏ ٿيو. سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي پيٽي ترتيب ڏيئي مئي 1965ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو. ۽ جون 1965ع ۾ مسودي جي آخرين تصحيح ڪري، پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني ويئي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم ممتاز مرزا هن ڪتاب جي مواد کي اُتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽڻ ۽ دوبارہ صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو ۽ محترم محمد اسماعيل شيخ ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي، ۽ پڻ مسودي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٽاءَ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

خادم العلم

**نبي بخش**

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
10- فيبروري 1967ع

باسمه تعاليٰ
ام للانسان ما تمنيٰ فلله الاخرة والاوليٰ

# مقدمه

’مورڙي ۽ مانگر مڇ جو داستان‘ سنڌ جي مشهور قصن ۽ داستانن ۾ هڪ انفرادي حيثيت رکي ٿو. هيءَ هڪ جنگي داستان آهي، پر جنگ سامونڊي جانور سان آهي. هيءَ داستان سنڌ جي ملاحن جي همت ۽ حڪمت عملي، توڙي سنڌ ۾ ڪلن جي اعليٰ هنر ۽ حرفت تي شاهد آهي. مجموعي طور سان هيءَ سنڌ جي سورهيائي ۽ هنرمنديءَ جو داستان آهي.

مورڙي جي پائرن جي خود اعتمادي، جو ٻيا ٽانگها ۽ تار پيلي آخر وڃي ڪلاچيءَ جي ڪُن تي ڪاهيائون. سندن همت ۽ مردانگي، جو هڪ ٻئي جي مدد لاءِ ڪمر ڪشي بيٺا ۽ وڃي مانگر جي منهن پيا پر قدم پوئتي نہ هٽايائون. مورڙي جي دورانديشي ۽ دانائي، جو هُوڙهہ تي ڪُن ۾ ڪاهي ڪونہ پيو پر مانگر مڇ سان سهي سنيري وڙهيو ۽ دلوراءِ بادشاهہ کان مدد وٺي اهڙو ڪو ڪَل وارو ڪائو جوڙايائين جنهن ۾ ويهي اُونهي ۽ عميق ۾ لٿو ۽ مانگر مڇ سان مقابلو ڪري ان کي ماريائين. ’ڪائي جي ڪَل‘ ذريعي، اُنهي ۽ اوڙاهہ سمنڊ ۾ ماڻهو جي هيٺ لهڻ واري تخيل جي تاريخ جانچبي تہ سنڌ جو هيءُ داستان ان جي آڳاٽن اهڃاڻن مان نظر ايندو. دلوراءِ جي دؤر ۾ سنڌ ۾ ڪلن جو هنر ۽ حرفت انهيءَ پايي تي پهتل هو، جو اهڙو ڪو اوزار ٺاهيائون جنهن کي مورڙي استعمال ڪيو. ائين ٿي سگهي ٿو تہ قصي ۾ پوءِ ان واقعي کي وڌائي پيش ڪيو ويو هجي، پر بنيادي طور ڪا اهڙي ڪَل هئي، جنهن کي استعمال ڪيو ويو. جيڪڏهن ان ’ڪَل‘ کي محض تخيل قرار ڏجي، تہ بہ اهو تخيل بذات خود

قابلِ قدر آهي. موجوده دؤر ۾ ساموندي ٽوين جو ڪائي ۽ ڪلن وارن پيجرن ۾ هيٺ لهڻ جڻ مورڙي جي تخيل جي تعبير آهي.

## قصي جي قدامت

مورڙي جو داستان دلوراءِ جي دؤر سان وابسته آهي. دلوراءِ غالباً عربن جي دؤر جي آخر ۽ سومرن جي شروعات واري دؤر ۾ اندازاً پنجين صدي هجريءَ جي نصف اول ۾ ٿي گذريو. انهيءَ لحاظ سان هيءُ داستان پنجين صدي هجري يعني يارهين صدي عيسويءَ ۾ اسريو ۽ سومرن جي رومانوي دؤر ۾ ڳايو ويو. سَمن جي دؤر ۾ هيءُ داستان ايترو ته مقبول عام هو جو چوڏهين- پندرهين صدي عيسويءَ ۾ ان بابت اهڙا ته پُر معنيٰ بيت چيا ويا جو ڳائيندڙن انهن کي اهل دل صاحبن جي مجلسن ۾ ڳايو. مثلاً هيٺيون بيت سنڌي ذاڪرن شيخ الشيوخ عبدالجليل جي سماع جي محفل ۾ پڙهيو[1] ته:

جو گهڙي سو ني، ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾،
خبر ڪونه ڏي، ريچ ڪچاڙي رنديو.

شيخ عبدالجليل سن910هه/1504ع ۾ وفات ڪئي. اهو بيت سندس وفات کان اڳ ڳايو ويو ۽ بلڪل ممڪن آهي ته بيت اجا به ڪنهن آڳاٽي شاعر جو چيل هجي.

ان بعد ٻارهين صدي هجري (ارڙهين صدي عيسوي) ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ حضرت شاهه عبداللطيف رحه 'سُر گهاتو' ۾ هن داستان جي خاص نُڪتن کي ورجايو.

هن ڪتاب جي سلسلي ۾ اسان کي هن قصي جون جيڪي عام روايتون مليون، تن ۾ سڀ کان اول غالباً 'امين' شاعر جا چيل بيت آهن ۽ اهو شاعر پڻ غالباً ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر جو هو.

امين جا بيت هن ڳالهه جي تفصيلي سٽاءَ تي آڳاٽا شاهد آهن جي اسان تائين پهتا آهن. پر امين ڪير هو ان بابت مختلف رايا آهن.

---

[1] ڏسو اسان جو ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" (قديم دؤر کان سمن جي دؤر تائين) مطبوع حيدرآباد 1962ع، ص116-117.

صفحي 59 تي روايت [1] 'امين ڪتي' جي نالي سان مشهور آهي، جو چون ٿا تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر جي مشهور سالڪ ۽ سگهڙ جلال ڪتيءَ جو ياءُ هو. ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي طور ڏنل منظوم روايت (ص191) امين چارڻ ڏانهن منسوب آهي. جيئن تہ اها روايت اسان دادو ضلعي جي مشهور چارڻ سگهڙن جي بياض تان نقل ڪئي، انهيءَ ڪري قدري وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ اهي بيت امين چارڻ جا چيل آهن.

روايت [1] ۾ امين ڪتي ڏانهن منسوب بيت ۽ هن ضميمي واري روايت ۾ امين چارڻ جا بيت.هڪ ٻئي سان ملن ٿا. مگر تنهن هوندي بہ پڙهڻين ۾ ڪافي فرق آهي. صفحي 68 تي روايت [2] جا بيت مير ٻگهيي ڏانهن منسوب آهن، ۽ صفحي 85 تي روايت [3] وارا بيت 'ونديرُ' شاعر ڏانهن منسوب آهن. حالانڪ مير ٻگهيي توڙي ونديرُ وارا بيت، شاعر امين جي بيتن جُو نقل آهن. شاعر 'ونديرُ' وارن بيتن مان، هڪ ۾ تہ 'امين' جو نالو اچي ٿو جنهن مان ظاهر آهي تہ 'امين' وارن بيتن کي ٻئي پوءِ ٻين شاعرن پنهنجي نالي منسوب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. بهرحال امين جا بيت آڳاٽا آهن. جن ۾ مورڙي جي سڄي ڳالهہ بيان ٿيل آهي.

## ڳالهہ جا ٽاٽا ۽ اُهڃاڻ

نظم ۽ نثر ۾ مليل روايتن جي بناء تي هڪ تفصيلي ڳالهہ مرتب ڪري هن ڪتاب جي شروع (ص8-58) ۾ ڏني ويئي آهي. ان ڳالهہ جي ٽاٽن ۽ اُهڃاڻن مان ڪي اڄا تائين موجود ۽ معلوم آهن. مثلاً ٻاچو ۽ ٻالاچ ذات جا 'ٻهليم' هئا ۽ اڄا تائين اها ذات موجود آهي. 'ڪلاچ' يا 'ڪلاچي' جو ڪُن نہ معلوم ڪهڙي جاءِ تي هو. مگر 'ڪلاچي' غالباً موجوده 'ڪراچي' واري پيٽي جو نالو هو ۽ جي 'ڪُن' سان مراد اُونهو ۽ عميق سمنڊ ونجي تہ اهو غالباً ڪراچيءَ کي سامهون هو. ٻر جيئن تہ ملاح ٻيڙيون 'ڪراچيءَ' کان هاڪارينداهئا. انهيءَ ڪري اهو ڪُن پڻ انهيءَ نالي پويان 'ڪلاچيءَ جو ڪُن' سڏجڻ ۾ آيو.

جنهن آفت سان مورڙي جو مقابلو ٿيو اها ڪهڙي آفت هئي؟ ان بابت عام روايتن ۾ بہ اشارا آهن. هڪڙين ۾ ان کي 'مانگر مڇ يا مڇُ' ۽

بين ۾ 'ڪُچون يا ڪچڻون' سڏيو ويو آهي. لاڙ وارين روايتن توڙي نئي ۽ ڪراچي جي ساحلي باشندن ۽ ملاحن جي راين موجب اهو 'ڪَچُڻون' هو. چون ٿا تہ سمنڊ ۾ وڏا ڪچڻان ٿين ٿا ۽ بيڙايتن سان وڙهن ٿا. بين روايتن ۾، جي وڌيڪ مشهور ۽ مقبول آهن، ان آفت کي 'مڇ' يا 'مانگر مڇ' سڏيو ويو آهي. 'مانگر مڇ' جي معني 'وڏو مَنگرو. ويلڙو ۽ ويسر جنسون انهن وڏن منگرن ۾ شامل آهن. جن کي انگريزيءَ ۾ 'وَهيل' (Whale) چئجي ٿو. 'شارڪ' (Shark) جو شمار پڻ مانگر مڇن ۾ آهي ۽ اهو ماڻهو کي کائي ٿو. هن قصي جي روايتن موجب هن آفت موررڙي جا ڇهہ ڀائر ڳڙڪائي ڇڏيا هئا، اهو تاڻو صرف 'مانگرمڇ' سان ئي لڳي ٿو.



موررڙي جي ڀائرن جو مقام

هيءُ قصو دلوراءِ جي دؤر جو آهي، جو غالباً پنجين صدي هجريءَ جي نصف اول ۾ ٿي گذريو. دلوراءِ جي ڪاريگرن اها 'ڪائي واري ڪَل' جوڙي، جنهن ۾ ويهي، موررڙو هيٺ سمنڊ ۾ لٿو ۽ وڃي مڇ کي ماريائين ۽ ان جو پيٽ چيري ڀائرن جا لاش ڪڍيائين. شهر ڪراچيءَ ۾ ڪَڏي ڪان ماڙيپور ڏانهن ويندڙ رستي تي (موجوده 'وزير مينشن' نالي سرڪيولر ريلوي اسٽيشن جي سامهون) وچ تي هڪ چؤ سول اندر سَتن قبرن جو هڪ

خاص مقام آهي، جن مان ڇهه مورڙي جي پائرن جون ۽ سَتين سندن پيڻ جي چٽي وجي ٿي. انهيءَ مقام کان ڪافي پنڌ اڳتي ۽ رستي کان هڪ پاسي ٽڪريءَ تي هڪ اڪيلي قبر 'مورڙي جي قبر' نالي سان مشهور آهي.



مورڙي جو اولاد موجود آهي. جو ڪراچي (ڪراچي شهر)، شمس جو ڳوٺ، بابا ۽ ڀٽ ٻيٽن، ابراهيم حيدري وغيره بستين ۾ رهي ٿو جن مان ٽي پاڙا (1- ڪَلاچي وارا 2- لاڙا ۽ 3- بندري) 'مورڙي- پوٽا' مشهور آهن.

(ن- ب)

# متن

## مورڑو ءِ مانگر مچ

# مورڙي ۽ مانگر مڇ جي تفصيلي ڳالهه *

’ٻاڇو‘ ۽ ’ٻاراڇ‘ نالي ٻه ننڍڙا يتيم ٻارڙا هئا. سندن پيءُ گذاري ويو هو. سندن وڏا ذات جا ’ٻَهلِيم‘ هئا. پيءُ جي گذارڻ بعد هي ڇورا ڇنا ٻارڙا پيا پنهنجي ڳوٺ ۾ ڀٽڪندا هئا.(1)

انهيءَ زماني ۾ ’ڦُلوندَ‘ نالي ’ڪلان ڪوٽ‘ جو بادشاهه هو جو اولاد جو سڪايل هو. هڪ ڀيري شيل شڪار ڪندو درياءَ جو ڪنارو وٺيو پئي آيو تہ ڳوٺڙي لڳ درياءَ جي ڪناري سان ٻاڇو ۽ ٻاراڇ کي راند ڪندي ڏٺائين. ٻارڙن جي هوشياري ڏسي پڇا ڪرايائين تہ ڪنهن جا ٻارڙا آهن. ڳوٺ وارن مان ڪنهن عرض ڪيو تہ: سندن پيءُ مري ويو آهي. هي ڇورا ڇنا آهن ۽ ڏٽيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو سندن اوهي واهي ڪونهي. تڏهن بادشاهه لشڪر کي چيو تہ: اسان شڪار جو خيال لاٿو اهي ٻارڙا وٺي هلو پوئتي. بادشاهہ ٻاڇو ۽ ٻاراڇ کي ڪلان ڪوٽ وٺي آيو ۽ پٽن وانگر سندن پرورش ڪيائين. ماڻهن ۾ ٻئي بادشاهہ جا پٽ پيا سڏبا هئا ۽ بادشاهہ جو پڻ مٿن ڏاڍو راض هو. اڄ ننڍا، سڀان وڏا ۽ آخر اچي سمجهہ

---

* هيءَ تفصيلي ڳالهہ سگهڙ ڏٽي بخش ڏؤنڪائي ۽ سگهڙ سليمان جهانجهٽجيءَ جي مکيہ روايتن ۾ ٻين شامل نثر ۽ نظم ۾ ڏنل روايتن جي بناءَ تي قائم ڪئي وئي آهي.

سگهڙ ڏٽي بخش ڏؤنڪائي بلوچ (عمر 65 ورهيہ. وينل لڳ سامارو ضلعو ٿرپارڪر) جي زباني، هيءَ ڳالهہ ڪن بيتن جي ميلاپ سان اوٻاهيي کي پٽ جمڻ تائين قلمبند ڪئي وئي. ڏٽي بخش چيو تہ مون اها ڳالهہ مڱرين فقيرن کان ٻڌي، جيڪي ’مڪٽاٽي مڱريا‘ سڏجن. اهي سڄي ڳالهہ ڪٽندا هئا. سگهڙ سليمان جهانجهٽجي (عمر 70 ورهيہ. وينل لڳ هوسڙي تعلقو حيدرآباد) 1958ع ۾ هن ڳالهہ جون ٻہ روايتون قلمبند ڪرايون: هڪ نثر ۾ مڪمل روايت ۽ ٻي منظوم روايت (نمبر [4]. امين ونڍير؟ جا ڇيل بيت). انهن مختلف روايتن جا اختلاف حاشين ۾ نروار ڪيا ويا آهن.

(1) روايت [19] موجب ٻاڇو ۽ ٻاراڇ اصل ڪيچ جي ڪناري لڳ ”گنڊا سنگ“ شهر جا رهندڙ هئا. ان شهر جي غرق ٿيڻ بعد ڪيچ جي ”نَرئي“ شهر ۾ آيا ۽ جڏهن جوان ٿيا، تڏهن سنڌ ۾ آيا ۽ حب نديءَ جي ڀرسان ”سوناريءَ جي جبل“ وٽ اچي رهيا.

پريا ٿيا ته گڙ ڪمانون ڪٽي شڪار تي وڃڻ لڳا. روزانو شڪار ڪري اچي کوهن وٽ ويهندا هئا، ۽ مايون جڏهن دلا کڻي پاڻي ڀرڻ اينديون هيون ته گڙ هڻي سندن دلا ڀڃندا هئا.

اتي رعيت ڀڄي اچي بادشاهه وٽ دانهيو ته تنهنجي پٽن اسان جا دلا ڀڃي سڄ ڪري ڇڏيا آهن. هاڻي هي حال آهي جو گهر ۾ پاڻي پهچي ئي ڪونه ٿو ۽ اُڃ پيا مرون. بادشاهه چيو ته منهنجا هي نيپاج آهن، پٽن کان وڌيڪ پيارا آهن. ڪين آءٌ ڪيڏي ته نٿو سگهان، اوهان ڪي ٽامي جا دلا گهڙائي ٿو ڏيان جي نڪي ڀڄن نڪي ڀُرن، پيا ڀرجو.

جڏهن سڄي شهر کي ٽامي جا دلا گهڙجي مليا ته ٻاچو ۽ ٻاراچ چيا ڪيو جو لوهار وٽ ويا ۽ چيائونس ته اسان کي رُڪ جون ڪمانون ۽ رُڪ جا گڙ گهڙي ڏي مڙس هئا سگها. سو اهي رُڪ جون گڙ ڪمانون کڻيو اچي گس جهلين. جيئن ئي مايون ٽامي جا دلا کڻيو اچي لنگهن ته نڪاءَ جو گڙ ڪن ته دلن مان آرپار نڪريو وڃن. پلا رُڪ جي گڙن کي ٽامي جا دلا ڇا جهلين! رعيت وري وڃي بادشاهه وٽ دانهيو. سندن فرياد ٻڌي بادشاهه چيو ته: 'ڇوڪرن خاطر آءٌ رعيت ڪونه لڏائيندس. باقي هاڻ ڇوڪرن کي موڪل ڏبي ته جيڏانهن وڻين اوڏانهن وڃن.' پوءِ ٻانهيءَ کي چيائين ته: اڄ جنهن مهل شڪار ڪري اچن ته جُتين جا مُنهن ڦيرائي ڇڏجان ۽ ٿيري مڇيءَ جي ڳِيي ۽ جَوَن جي ماني ڏجانِ. پوءِ ٻانهيءَ ائين ڪيو ته سهي ڪيائون ۽ پاڻ ۾ چيائون ته: اڄ ابي پاڻ کي لوڏيو آهي. تڏهن ٻانهيءَ کي چيائون ته: 'هي مڇي ماني وڃي ابي کي ڏي اسان جي الله واهي.'

ٻاچو ۽ ٻاراچ هئا، ذات ڀلي ڀهليم
تن جو گهارڻ 'ڪلان ڪوٽ' تي، ماڳ مَيا محليم
ٻر بديءَ کٽي بدنام ڪيا، چوريءَ ڪيا به سقيم.[1]

پوءِ هي موڪلائي روانا ٿيا. ڪجھ پنڌ وڃي وري آيا. چيائون ته هيڏي خزاني مان پاڻ کڻئي ته پائي به ڪانه هينئر رات ٿي ويئي آهي ۽ خزانو

---

[1] روايت [2] موجب.

ڪَڙجي ويو هوندو باقي اَمان جي نت هلي ڪٽون. جنهن ۾ سوا لک جي لعل آهي. محل ۾ آيا تہ راڻي سُتي پئي هئي. نت ان جي نڪ ۾ پئي هئي. اها لاٿائون، راڻي جاڳي پئي، سڄاتائين پر ڪجي ڪانہ چائين: پلي وڃي پنهنجو ڪم ڪن.

پوءِ هوا اُتان پنڌ پيا ۽ ڪهندا آيا تہ واٽ تي ڏسن تہ هڪڙو باغ آهي، جيڪو سُڪو پيو آهي. هڪ جوڳي ستو پيو آهي. ڪَتي جي جهولي، پاڻهي پاڻ پئي ڪٽي ۽ پاهوڙي پاڻ پئي ميڙي پائرن چيو تہ هن فقير وٽ گُن آهي، انهي مان ڪجهہ پرايون. ونو تہ نار ڪي ڳيرا ڏيون، جيسين اُٿي، الائجي ڪڏهن اُٿي! باغ ڪي جو پاڻي آيو سو سائو ٿيو. جڏهن جوڳي اٿيو تہ هو ٻوڙي وٺس ويا چيائين: چوڪرا، اوهين هتي ڪيئن آيا؟ منهنجو باغ پياريو اَٿوَ جيڪي گهرو سو لهو. چوڪرن چيو تہ: اسان وٽ خدا جو ڏنو سيڪي آهي، اسان ڪي پنهنجي گُن مان ڪجهہ سيکار. ائين چئي اها سوا لک لعل واري نت بہ سندس آڏو نذر رکيائون. جوڳي خوش ٿيو ۽ چيائين تہ "منهنجو نالو 'راول زين' آهي[(1)] آءُ اوهان ڪي جادو سيکاريندس پر انهيءَ شرط سان تہ هڪڙو منهنجي خدمت ۾ رهندو ۽ هڪڙو علم سڪندو."

وڏي سبق ياد ڪيو، ننڍو خدمتگار
عقلوند اڳي هئا، وهم وڏي ويچار
ساڏو تنهن سامي‌ءَ ڪان، ٿيا هوش پريا هشيار[(2)]

ننڍي ٻاڇو وڏي ياءُ ٻاراڇ ڪي چيو تہ آءُ ننڍو آهيان، خدمت تو ڪريان، ۽ تون وڏو آهين سو ويهي پڙهہ اهڙيءَ طرح ننڍي خدمت ڪئي ۽ وڏو پئي پڙهيو. پر ننڍو نهايت هوشيار هو، سو جيڪي اکر ڪَن تي پئي پيس سي ويو ياد ڪندو. اها خبر نڪا وڏي کي پئي تہ نڪا ساميءَ کي. هو

---

(1) روايت [3] موجب. جادوگر جو نالو "جوڳي راول ريمر"
"حڪمت ڪاڻ هلي ويا، وٽ راول جوڳي ريمر."

(2) روايت [2] موجب

اهڙيءَ طرح ٻارنهن ورهيه جوڳي 'راول زين' وٽ جادوءَ جو علم پڙهيا.[1] ۽ پوءِ ڪانئس موڪلائي روانا ٿيا.

موڪلائي ٻارهين ورهيه، هليا سُوڌي ساميءَ ڪاءُ
ٻاچو سڌ ڪيو ٻاراچ کي، ادا! اوري آءُ
آهي اوچو وڻ تي، ڪو آکيرو اڳياءُ
آنا ڳيريءَ ڪاءُ، تون سيري آءُ سبق سان[2]

هلندي هلندي ڪنهن هنڌ هڪڙو ڏٺهو وڻ نظر آين، جنهن تي ڳيريءَ جو آکيرو هو. آکيري ۾ ڳيريءَ جا آنا پيل هئا. ٻاچو وڏي ياءُ کي چيو: ادا! ٻارنهن ورهيه جادو سکيو آهين، اڄ تہ ڪو مشاهدو ڏيکار!

تڏهن وير چڙهيو وڻ تي، ڪامل قوت ساڻ
ڪڍيئين ڪوڙي هينان، آنا ڳيريءَ ڪان
ڪٽيو تن ڪکن مان، هن پهس لڪايو پاڻ
پکيءَ پيو نہ گمان، تہ ڪو وڃي چور چوري ڪريو[3]

ٻاراچ هاٺوڪار ڪئي. تڏهن ٻاچہ چيس تہ سامهين وڻ تي آکيري ۾ پيل آنا، اهڙيءَ طرح ڪٽي آءُ جيئن ڳيريءَ کي خبر نہ پوي. ٻاراچ متي وڃي، اکر جي زور تي آنا ڳيريءَ هينان سورڻ لڳو. آنا ڪٽڻدو ڪٽٽ ۾ هٽندو ويو. ننڍيو وري اهڙو هوشيار هو جو هينان ئي جادو هٽندو آنا هن کان ڪڍندو پنهنجي ڪٽٽ ۾ هٽندو ويو.

دانَهہ درخت تان لهي، جان وٽ آيو ياءُ
وير نهاري وُر تو ڪامل ڪوڏ منجهاءُ
يَرا! ڪو جو وريو واءُ! جو آنا اُڏامي ويا[4]

ٻاراچ هيٺ لهي آنا ڳوليا، پر اهي نہ ڏسي حيران ٿي ويو. ننڍي کلي چيو تہ:

---

[1] روايت [4] "وينا چوڏهن چاليها، ۽ پڙهيا مَندَ مهاءَ"
[2] روايت [3] موجب
[3] روايت [3] موجب
[4] روايت [2] موجب

جان تون سبق نہ سکئين، جان ڪَل پکيءَ پيئي
نکو ڪُوڪٽ وچ ۾، نڪا بلا يي ماريئي
تڏهن ڏتاري سامي، ڪڍيو آهي پاڻ کي.[1]

توکان آنا ويا ڪيئن، تو آکيري مان آنا کنيا هئا يا نہ؟ جي آنا کنيئي تہ پوءِ ڪيڏانهن ويا؟ شايد توکي جوڳيءَ جادو سيکارڻ بدران ڏتاري چڏيو آهي. اهو ٻڌي باراج ڏاڍو ڏمريو ۽ چيائين تہ:

سامي پاڙهيس سڦري، جوڳي پاڙهيس جوان
پر متان تهتائي تو ڪڍيا، ٿو خوشيون ڪرين خان.

مون آکيري مان آنا پڪ سان کنيا آهن، پر خبر ناهي تہ ويا ڪيڏانهن! جي توکي اعتبار نٿو اچي تہ بيهہ تہ توکي انهيءَ ڳيريءَ جا پَر بہ ڪتري آٽي تو ڏيان. سو بہ اهڙيءَ طرح جو خبر ئي ڪانہ پونديس. ائين چئي اچا وڻ ڏانهن وڌيو تہ ٻاچو چيس تہ: ادا! جوڳيءَ وٽ پڙهيو تون آهين، پر ڪي اکر جادو جا آءٌ بہ پنهنجيءَ پر ۾ سکيو هوس. تو آنا برابر کنيا، پر مون وري اهي آنا جادوءَ جي زور تي تنهنجي گوڏ مان ڪڍيا آهن. ائين چئي آنا کيسي مان ڪڍي ياءُ کي ڏنائين. اهو ڏسي باراج ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ تہ کلندا ڪُڏندا، جادو هٽندا ۽ هڪ ٻئي کي آزمائيندا ڪلان ڪوٽ ڏانهن روانا ٿيا. ڪلان ڪوٽ ڏانهن ويندي، انهيءَ وچ تي 'ٻانيڻ واهہ' جو شهر هو. وات تي ڪين ڪن خبر ڪئي تہ 'ٻانيڻ واهہ' ۾ پريون پاڻ ٿيون هٽن. سو چيائون تہ ٻيلي 'ٻانيڻ واهہ' کي ڏسي پوءِ ڪلان ڪوٽ هلندا سون.

کلن ڪُڏن پاڻ ۾ ٻئي وير وريُون
ڀڳڻ 'ٻانيڻ واهہ' جو هلي شَملي شيل ڪريون
سُجن ٿيون اِن پار ڏي، پوشيديون پريون
گامون گهوٽ پريون، اُتي ٻُريا انهي پار ڏي[2]

هي اچا ٻانيڻ واهہ کان ميل ڪن ٻري هئا تہ ڪين ٻاهہ جو شهاءُ ڏسجڻ ۾ آيو. نندي چيو وڏي کي تہ سج اُبري ويو. وڏي چيو تہ: نہ، سج جي

---

[1] روايت [3] موجب
[2] روايت [2] موجب

هيٺان ماٺهو پيو اچي. ٻَريون جيڪي ٻڌيون اٿئي سي اِهي آهن. چيائين: ڀلا هلون تہ خبر پوي ويجها آيا تہ ڏٺائون تہ ڪا حُسن وند هندو سوناري مائي. سويل پاڻي ڀرڻ آئي هئي ۽ دلو اچي هيٺ پاڻي ۾ واريو هئائين[1] مائيءَ کي حمل هو. ٻاچو وڏي ڀاءُ کي چيو تہ: ادا! جادوءَ جي زور تي ڏٺو اٿم تہ سوناري پيٽ سان آهي، ان کي ڏيءَ ڄمندي، جنهن جو لکيو توسان آهي. تنهن ڪري چونہ اڳو پوءِ ڪانئس سڱ مڃايو هلون. تڏهن ٻاراڃ، سوناريءَ کي ٻاڻ هنيو تہ هوءَ دلي سميت اتي ئي سُڪ تي بيهي رهي. مائيءَ گهڻئي زور لاتا پر وريو ڪي ڪين.

ٻريا انهيءَ پار ڏي، دانهہ ديکٽهار
ڏٺئون سوناري شهر ۾، ڪا مَت پري موچار
پوشيدي تي پاڻي ڀريو، جُهلي منجهہ جهالار
هن کي ٻاڻ ٻاراڃ هنيو وهلو تنهين وار
تڏهن نيڻ نمائي نار، هئي ڪِراڙي قليل تي[2]

مائيءَ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ۽ ٻاچو ۽ ٻاراڃ کي ڏسي سهي ڪيائين تہ اها حرڪت انهن جي آهي. ٻاچو ۽ ٻاراڃ اتي هلڻ لڳا. تڏهن مائي روئي کين چيو تہ مون کي هيئن قابو ڪري نہ وڃو ڀلائي ڪري مون کي ڇڏايو.

ڪِراڙي قليل تي، زال ڪري زاريون
لاڙيو لڙڪ اکين تان، هَئي وجهي هاريون
پرو تان پيٽي ڪريو، وڃو نہ ماريون.

هنن صَلاح ڪئي تہ مائي ٻلائتي آهي، هاڻي سڱ گهرونس. سو موٽي مائيءَ وٽ آيا مائيءَ چين تہ: منهنجي جند ڇڏايو. تڏهن ٻاچو چيس تہ: مائي! تنهنجي پيٽ ۾ ڌيءَ آهي، اُن جو لکيو منهنجي وڏي ڀاءُ سان آهي. جيڪڏهن سڱ ڏيڻ جو انجام ڪرين تہ توکي انهيءَ آزار کان ڇڏايون.

---

[1] روايت [2] موجب 'ڪلان ڪوٽ' ۾ سوناريءَ کي پاڻي ڀريندي ڏٺائون.
[2] روايت [3] موجب

پرُون، پيٽي تان ڪريون، جي تون باسين هيءَ،
ڏي سڳ سوناريءَ! جا اٿئي پيٽان ڏيءَ،
نہ تہ جوڪو اٿئي جيءَ، ڀڳڻ مرنڊئين ڀيڙي[1]

تڏهن مائيءَ ڳالهہ ڳٽي خيال ڪيو تہ 'الائي ڏيءَ ڄميم يا پُٽ، سو بہ اَلائجي مري يا جيئي! تنهن ڪري في الحال سڳ باسي جند ڇڏايان،'

ڳٽيو توريو ڳالهڙي، بيٺي ڏيان ڏري
تہ هي وسن ڪنهن ولات ۾، جن جو پنڌ پري
ڏيءَ ڄمي يا پُٽ ڄمي، ڪي ڄاپندي مري
اِها ڳالهہ ڳٽي، باسي سڳ پري هلي[2]

مائي، سڳ باسي، دلا پري اُتي هلي. ٻاچو ۽ ٻاراڄ بہ اُتي هليا. ننڍي وري بہ هڪل ڪئي وڏي کي تہ ادا! زالن جي ڳالهہ تي پروسو ڪهڙو! ڇونہ مائيءَ جي پُٽ وٽي هلون، سندس گهر بہ ڏسون ۽ سندس مرد کان بہ هلي سڳ جي پڪ وٺون!

ٻاچو چئي ٻاراڄ کي، سڻ ڪو عرض سهي
تہ زالن سندس ڳالهڙي، حيلي ڪنهن نہ هلي
ڏسون گهر رتول جو هلون ڪَڏَ ڪَهِي.

سو ٻاچو ۽ ٻاراڄ، مائيءَ جي پويان لڳا آيا. مائيءَ دير ڪئي هئي، تنهنڪري سندس مڙس "رامو" سونارو گهر کان ٻاهر نڪري انتظار ۾ ويٺو هو. مائيءَ کي ايندو ڏسي، سوناري ڊوڙي اچي مائيءَ کان دلو جهليو. اتي ٻاچو هڪل ڪئي ٻاراڄ کي تہ: هاٿي مهل اٿئي، ٻاڻ هڻ. ٻاراڄ ٻاڻ هنيو تہ دلو ڪچ ۾ قابو ۽ سوناري جا هٿ دلي ۾ قابو. سوناري، دلي لاهڻ لاءِ ڏاڍا زور لاتا، پر وريو ڪي ڪين. تڏهن حيران ٿي سوناريءَ کان پڇيائين تہ: هي ڪهڙو اسرار آهي جو هٿن ۾ ڄڻ تہ ڏاڻ پئجي ويا آهن؟ تڏهن هُن ٻاچوءَ ۽ ٻاراڄ جو سمورو بيان ڪري ٻڌايس تہ ڪهڙي طرح آءٌ پڻ ڏيءَ جو سڳ باسي آئي آهيان. سوناري ڪاوڙ ۾ چيو تہ: نہ نہ، آءٌ انهن کي سڳ

---

[1] روايت [3] موجب
[2] روايت [3] موجب

ڪونہ ڏيندس. ائين چئي جند ڇڏائڻ لاءِ وڏيڪ زور لائڻ لڳو پر نہ سندس هٿ دلي مان نڪرن ۽ نہ وري دلو مائيءَ جي. ڪڇ مان نڪري ٻاچو ۽ ٻاراچ ٻہ ڏٺو تہ سونارو ڳالھہ نٽو مڃي، سي اتي هلڻ لڳا تڏهن سوناريءَ مڙس کي چيو تہ: جن ٻاڻ کي ٻاڻ هنيو آهي، سي اِهي جوان اٿئي، جيڪڏهن هائو ڪار ڪندين تہ جند ڇٽندي. سونارو ٻہ اچي عاجز ٿيو هو. سو لاچار سڱ ٻاسي، زال کان پڇيائين تہ نالا ڇا اَٿن؟ هن ٻڌايو تہ: ٻاچو ۽ ٻاراچ. پوءِ سوناري سڏ ڪري چين تہ

سونارو سڏ ڪري، ٻاچو ۽ ٻاراچ!
مون سا مٿي تي مَنِي، جنهن هلي آيئو حاج[1]
نيڪئو! ڪو نظر ڪريو اوهان جا ڪامل ٿيندا ڪاج.

سوناري کي چيائون تہ جي سڱ نہ ٻاسين ها تہ سڄي عمر اتي قابو ٿيو بيٺو هجين ها. پوءِ سوناري تان جادو لاٿائون، تڏهن جند آزاد ٿيس. سونارو کين سڏي گهر ۾ وٺي آيو ۽ مانيءَ جي دعوت ڪيائين:

ويهاري تن ويرن جا، طعام ڪيائين تازا
پوءِ صبحئون ساڄا، وڃي چڙهيا ڪلان ڪوٽ تي[2]

ماني تڪي کائي چيائون تہ: اسين ٻارهين ورهيہ سڱ وٺڻ ايندا سين ۽ پوءِ ڪلان ڪوٽ ڏانهن روانا ٿيا.

پوءِ گڏين 'ماموئي' ملڪ ۾، جي لهن تارن تي ترياءُ
'واگهہ' گڏيو هونِ واٽ تي، همت جو همراهہ
هونِ شوق شڪار جو وَڏائون سهڙ بي سجهاء
ڪٽي پڇائي ٻاڻ سان، ٿيا راهي انهي راهہ[3]

اجا اڳتي هليا تہ ٻہ "ماموئي" پائر گڏين. جي پڻ جادو ۽ حڪمت ۾ خبردار هئا. چارئي ڄڻا هڪ ٻئي کي خبرون چارون ڏئي خوش ٿيا. ۽ پوءِ پاڻ ۾ سنگت ڪري اڳتي روانا ٿيا. وري ٻہ ڪجهہ پنڌ ڪيائون تہ "واگهہ" نالي هڪ شخص ڏيکائي ڏنين. واگهہ ٻہ نڱي ۽ حرفت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ

---

[1] مَني = مڃي.
[2] روايت [3] موجب
[3] روايت [7] موجب

هو. ان کي پنهنجي سنگت ۾ آٽي پنجئي ڇٽا پنڌ پيا. وات تي شوق شڪار ڪندي، هڪڙو سهو شڪار ڪري، سيخ ۾ پچائي ڪباب ڪري کنيائون، ۽ خيال ڪيائون تہ ڪنهن وسئن ڪَي ويجهو هلي کائيندا سين ۽ ٽڪ بہ پيئندا سين.

هلندي هلندي واڳھ خيال ڪيو تہ بيلي، سهو هڪڙو مڙس پنج، پتيءَ ۾ ڇا ايندو؟ هاٽي جي اتڪل ڪندس تہ ڦبندس، نہ تہ سڄو ڏينهن بک بہ مرندس، ۽ هنن ڇٽني سان بہ ڪين پڄندس. سو ڇا ڪيائين جو وڃھ وٺي سهي مان ذرو ذرو ماس پٽيندو کائيندو هليو. کائڻ جي آواز جي ڪري متان ٻين سنگتين کي شڪ پوي، سو هُنن سان ڳالهيون بہ ڪندو هليو. تان جو سَهي جي هڪڙي ٽنگ کائي ويو. آخر جڏهن پنڌ ڪري ٿڪا ۽ بُک بہ اچي تپاين، تڏهن هڪڙي هنڌ ويهي ٽَڪ پڳائون، ۽ ڪباب کائڻ لاءِ هڙ کوليائون تہ ڏسن تہ سَهي جي هڪڙي ٽنگ آهي ئي ڪانہ. عجب ۾ پئجي ويا. هٺا بہ حرفتي ٻر ڪري ڇا سگهن! نيٺ رٿ رٿيائون تہ سيني کان ساک وٺڻ گهرجي. ٻر ٻهرين واڳھ کان ساک ونجي. جيڪڏهن سچي ڪيائين تہ وهواهہ. نہ تہ وري ڪا ٻي اتڪل ڪبي.

وين چوري کائي چاري ۾، ويو ڪندو انهن سان الاءُ
پتيون ڪيائون پاڻ ۾ [جڏهن تي] ونڊ وراهہ
چيٺ ڪيائون چوٽينءَ جي، ونو واڳھ ڪنان ويساهہ
صحبت سندو ساءُ، پائر پڄن ڪينڪي.[1]

اها صلاح ڪري واڳھ کي چيائون تہ: ساک ڏي واڳھ چيو تہ: "ادا! سهڙ جنگهون ني، چوٽين ڪير چوي؟" ڪير تو چوي تہ آءُ ڪوڙ تو ڳالهايان. واهہ جو سنگت جو اُجورو تا ڏيو! جيڪڏهن منهنجي ڳالهہ تي پَت نٿي اچيوَ تہ آءُ پنهنجي وات وٺيو هليو ويندس. تنهن تي سنگتين چيس تہ: ادا! اسان کي ساک ڏيئي، پوءِ بلاشڪ جيڏانهن وڻئي، اوڏانهن هليو وڃ. واڳھ چيو تہ: ادا! اڳتي هلو اڳيان ڪنهن مسجد ۾ هلي، مُلي کا فيصلو تا ڪرايون. الله سان ڪم پوندم، توهان سان ڪوڙ اصل نہ

---

[1] روايت [7] موجب

ڳالهائيندس. هنن دل ۾ چيو تہ: ٻيلي، هن ڪئي آهي دغا، تنهن جي ڪيئن بہ سزا ملڻ کپيس. پهريائين ڪنهن بہ طرح ڳالهہ اچي ٿئي، جيئن سنگتين جو هڪ ٻئي تان شڪ لهي، پوءِ هر ڪنهن جي مرضي، وٺيس تہ گڏجهي هلي، وٺيس تہ واٽ وني. اها ڳالهہ ڳٽي وري بہ واگهہ کي چيائون تہ: ادا، دوستن سان ڪا دغا ٿهي ٿي؟ جي ڪجهہ ڪائجي تہ سَلجي، سَلجي نہ تہ پاڻ ڪٽي پلجي. هاڻي جيڪڏهن ڪاڏي اٿئي تہ ڪٽي سچي ڪر تہ جهيڙو لهي ۽ هر ڪو خوش ٿئي. چئي: ادا، دوستن سان دغا ڪانہ ڪئي اٿم، پر جي اوهان کي هرو ڀرو مون کي ڏوهي ڪرڻو آهي تہ پوءِ مرضيءَ جا مالڪ آهيو.

جڏهن واگهہ ڪنهن بہ طرح نہ مڃيو تڏهن چئني ڄڻن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ اڳيان جيڪو ڳوٺ آهي، تنهن مان هلي چوري ڪريون ۽ واگهہ کي وڻ سان ٻڌي ڇڏيون، پوءِ سڀ سچي ڪرائيندا سونس. نيٺ اها رٿ ڪري وڃي چوري ڪيائون، ۽ چوريءَ جو مال ڪٽي ڳوٺ کان ٻاهر اچي واگهہ کي چيائون تہ: ادا، هينئر بہ مهل اٿئي، جي سچ نٿو ٻڌائين تہ سياڻي هن ڳوٺ جا ماڻهو اهڙي ڪار ڪندئي جو سڄي عمر ياد ڪندين. چئي:

سهڙ جنگهان تي، چوٽين ڪير چئي،
جي اوهان پت نہ پئي، تہ وڃو انهيءَ واٽ سان.[1]

پر تڏهن بہ واگهہ چيو تہ: ادا، سهي ٽنگون تي، چوٽون ٿئيس پيچ. شايد اوهان اڳي سهو نہ ڏٺو آهي. هاڻي جي اعتبار نٿا ڪريو تہ پنهنجي واٽ وني هليا وڃو. اڄ کان وني پنهنجي ياراني ٽُٽي. هنن بہ ورائي ڪٽي واگهہ کي وڻ سان ٻڌو ۽ چوريءَ جو مال سندس پيَر ۾ رکي، پريان وڃي لڪي ويهي رهيا.

صبح جو مال جي مالڪن کي سڄاڳي ٿي،ُ اٿي ڏسن تہ گهر کي ڀُهارو آيو پيو آهي. چورن جا پير کڻي اچي واگهہ تي بيٺا. ڏسن تہ مال بہ سلامت ۽ چور بہ هٿيڪو. سو ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ واگهہ کان پڇيائون تہ:

---

[1] روايت [7] موجب

تون ڪير آهين، ڪٿان ٿو اچين؟ واگهہ چيو تہ: الائجي ڪير مڙس هئا، جيڪي مون کي ٻڌي، اوهان جو مال منهنجي پرسان رکي هليا ويا آهن. مال جي ڏٺين سمجهيو تہ اهي ضرور هن جا سنگتي هوندا. تن سڀني کي ڪرائڻ لاءِ اچي ورتس. ڏاڍي مار ڪيڏي، مال ڪٽي، واگهہ کي اتي ئي ٻڌل ڇڏي ڳوٺ ڏانهن ويا تہ وڃي چڱي مڙس کي جاڻ ڪريون. اِتي چئني يارن واگهہ کي هڪل ڪئي تہ: جي سچي ٺٺو ڪرين تہ هن کان وڏيڪ جُٺ ٿيندئي. پر جي سچي ڪندين تہ انهيءَ مصيبت کان بہ ڇُٽندين ۽ پنهنجي سنگت بہ رهجي ايندي اتي واگهہ ڏٺو تہ چون سچ ٿا. هنن حرفتين سان اڪيلو پڇي ڪونہ سگهندس.

چا سهڻ چا صفت، نڪي اوهان واگهہ بہ وڃايو
اوهان چئني ڪيڏ چوريءَ جي، ڪيترو ئي ڪاهيو
پَڪي ڪاڏي خير ٿيو ڪيو بيءَ جو سعيو
جي وچ ۾ ويهاريو نہ تہ وڃي واگهہ وطن تي.[1]

تنهنڪري لاچار ٿي چيائين تہ: ادا، چا لڳي سَهو چا ايتري جُٺ، توهان سهي جي هِڪڙيءَ تنگ لاءِ وٺي هيتري ڇِڪ ڇڪان ڪئي آهي. هاڻي نهيو پَڪي ڪاڏي خير ٿيو بيءَ سيخ جو سعيو ڪريو. هاڻي مرضي توهان جي، پاڻ سان وٺي هلو تہ واهہ، نہ تہ وڃان پنهنجي راهہ! تڏهن چئني صلاح ڪئي تہ ”ڪوڙ سچ جو پتو پيو، هاڻي مٿو ڇو هڻون؟“ سو چيائونس تہ:

توسان پيچ پريت جا، ڪئيسُون ڪِل رڳي خالي
هاڻي نشا پي نوان ٿيو مست موالي.[2]

پوءِ پنجن ئي سَنگتين اڳين ڳالهہ وساري، خوب خوشيون ڪيون ۽ گڏجي ڪاڏائون پيتائون. ان بعد واگهہ کانئن موڪلائي پنهنجي وطن روانو ٿيو.

قصو ڪوتاهہ- واگهہ جي وڃڻ کان پوءِ چارئي سنگتي اڳتي روانا ٿيا. وات تي ’مامرين‘ جو ڳوٺ آيو. موڪلائڻ وقت مامرين. ٻاچو ۽ ٻاراچ

[1] روايت [7] موجب
[2] روايت [7] موجب

جي مهماني ڪئي. ماموين وٽ ڪَنجهي جي هڪڙي برڪتي تالهي هئي، جنهن کي ڌوئي صاف ڪري، وچ تي رکي صدا ڪيائون تہ طعام سان ڀرجي ويئي. تالهيءَ مان هنن کي ڏؤ ڪيو. پوءِ پاڻ ۾ ڪچهري ڪري وچي سُتا. باچو ۽ باراچ، تالهيءَ جي ڪرامت ڏسي پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ ڪيئن بہ اها تالهي ڪٽجي. هوڏانهن وري ماموين خيال ڪيو تہ مڙس بئي آهن اڙٻنگ، متان تالهي چورائي وڃن، تنهن ڪري اهڙي اٽڪل ڪريون، جو لعل بہ لبي ۽ پريت بہ رهجي اچي. سو ڇا ڪيائون جو تالهي پاٽيءَ سان ڀري، ڇڪي ۾ رکي، هيٺان پاڻ سمهي رهيا. انهيءَ لاءِ تہ هي جي تالهي ڇڪي تان ڪڍندا تہ پاٽيءَ جا ٽيپا ضرور هاربا. تنهن ڪري سجاڳي تي پوندي ۽ تالهي سلامت رهندي

ڀري رکي ڀؤ ڪان، مٿئون ماموئن
متان ڪٽي ڀي وڃن، تہ ٿئي جاڳائي جَر تي.[1]

باچو ۽ باراچ بہ اڳيان وڏا حرفتي هئا. تن اِها اٽڪل سمجهي، اڌ رات جوُ اتي، تڙ سان تالهيءَ جو سمورو پاڻي ڦوڪي ڪڍيو ۽ پوءِ تالهي ڇڪي تان لاهي، خيال ڪيو تہ جي تالهي پاڻ وٽ رکنداسين تہ ظاهر تي پوندي. تنهن ڪريُ اها درياءَ جي وچ سير ۾ لڪائي آيا ۽ چيائون تہ ماموين کان موڪلائي روانا ٿينداسين تہ ڪڍي ڪٽي ويندا سين. اهو ڪم ڪري وري اچي سمهي رهيا.

اڌ رات جو اوچتو ماموين جي بہ اک کُلي، ڏسن تہ تالهي آهي ئي ڪانہ. صلاح ڪيائون تہ هنن کان سواءِ ڪنهن کي مجال ناهي، جو اسان کي ٺڳي سگهي. پوءِ آهستي آهستيُ اٿي، تالهيءَ جي ڳولا شروع ڪيائون، ۽ کُپ جي نشانن مان سهي ڪيائون تہ تالهي درياءَ ۾ لِڪل آهي. اهاُ اتان ڪڍي پاٽيءَ سان ڀري وري بہ آڻي ڇڪي تي رکيائون ۽ سمهي رهيا. صبح جي وقت سڀني جا سامان سلامت هئا. پر هڪ ٻئي جي حڪمت بہ ڏسي ڇڏيائون.[2]

---

[1] روايت [7] موجب
[2] ماموين ۽ واگهہ جي گڏجڻ جو بيان فقط روايت [7] موجب آهي.

قصو ڪوتاهه- ٻاڇو ۽ ٻاراڇ، ماموين کان موڪلائي ڪلان ڪوٽ ۾ آيا. چون ٿا تہ ٻارنهن ورهيہ ڪلان ڪوٽ ۾ ڪَٽيائون، پر ڪنهن ڪونہ سُڃاتا. جڏهن ٻارنهن ورهيہ پورا ٿيا، تڏهن صلاح ڪيائون تہ ٻارهين ورهيہ تہ غريب جو ٻار بہ ٿو سامائجي، سو پاڻ وارو سڱ ساماڻو وينو هوندو، هلو تہ هلي ڳهرون.

ڪَيئون ڪلان ڪوٽ تان، ٻارهين ورهيہ وُر
ڳهريئون سڱ سوناري ڪان، جو پڇي پنهنجيءَ پَر
هاريا! هيئن نہ ڪر، نہ تہ ڏيان ٿو دانهن دَلوءَ ڪي.[1]

ٻاڇو ۽ ٻاراڇ ڪي سڱ ٻاسڻ ڪان پوءِ، سوناري کي ڌيءَ ڄائي هئي. ڇوڪري سدا ملوڪ هئي، ۽ اُن جو نالو "سونَ" رکيو هئائون. ٻاڇو ۽ ٻاراڇ جي ڊپ کان سوناري گهر ۾ هڪڙو ٻُهرو نهرائي، ڇوڪريءَ کي ان ۾ لڪائي ڇڏيو. جا ٻُهري ۾ اندر ئي نپجڻ لڳي. ماڻهن کي ائين ٻڌايئون تہ ڇوڪري مري وئي.

نڪري ڄائي جرم مون، ٻي ڪل ناهي ڪائي
دختر تنهن ديوار ۾، نيئي ۽ ڪئون لڪائي
جوڙي ڄاءِ جنسار سان، وچ ۾ وهائي
هنن کي بہ عين هئا اندر ۾، عطا اَلاهي
ٻا م تنهين ٻُهري ۾، هُنن کي لِڪئي لَهائي.[2]

تان جو ٻارنهن ورهيہ گذري ويا. ڇوڪري اڃي جوان ٿي هئي، ۽ ٻاڇو ۽ ٻاراڇ بہ وري نہ موٽيا هئا. تنهن ڪري انهن جي اچڻ جو آسرو لاهي، ڇوڪريءَ کي پرڻائڻ جو ارادو ڪيائون ۽ خيال ڪيائون تہ جي هو سڱ گهرڻ آيا تہ بہ ڇوڪري پرڻيل ڏسي موٽي ويندا. اهو خيال ڪري ڇوڪريءَ جي سڱ لاءِ حيلا هلائڻ لڳا. پر ڊپ کان ڪوبہ سوناريءَ جو سڱ قبول ئي نہ پيو ڪري انهيءَ ڪري جو چيائون تہ سوناري کي تہ ڌيءَ هئي ڪانہ، هيءَ ڇوڪري ڪٿان آئي؟ تان جو ٻاڇو ۽ ٻاراڇ بہ اچي رسيا.

---

(1) روايت [3] موجب
(2) روايت [7] موجب

سوناري کان سڱ گهريائون، پر هن چيو تہ چوڪري ننڍي هوندي ئي گذاري وئي. هنن جادو هڻي ڏٺو تہ چوڪري سامائي، هڪڙي ٻُهري ۾ ويٺي آهي، تڏهن سوناري کي چيائون تہ: اسان سان ڪوڙ ڪيو اٿئي، جيڪڏهن سڱ نٿو ڏين تہ اسين زوري بہ کڻي ويندا سين. سوناري چيو تہ: مون سڱ لاچار کان باسيو هو. انجام تہ برابر ڪيو هئم. پر آءٌ هندو توهين مسلمان، سو توهان کي سڱ ڪيئن ڏيندس؟ مانٽ ڪري هليا ويو، نہ تہ دلوراءِ کي خبر ڏئي، شهر مان تڙائي ڪڍندو سانوَ هاڻي هنن کي جواب بہ مليو ۽ دلوراءِ جو دڙڪو بہ مليو. سو مانڙي ڪري موٽيا ۽ شهر کان ٻاهران جهنگ ۾ لڪي. دونهون دکائي ويهي رهيا پاڻ ۾ صلاح ڪيائون، ٻاچو ٻاراچ کي چيو تہ: ادا، پاڻ وٽ ايترو اکر آهي جو سڱ پاڻ کنيو هلنداسون. هاڻي وڃ، رات جو سڄي شهر جي ننڊ ٻڌي آءُ، ۽ انهيءَ مائيءَ تي بہ بہ اَکا رکيو آءُ، جيڪا کڻنداسون.

کنيئون سوناري شهر مان اُٿي آڌي رات
پرورا تون پت رهاءِ، اِها وائي وين وات
پرهہ ڦٽي پريات، دانهہ پهتا ٻيءَ دس ۾.[1]

ٻاراچ ويو سو سڄي شهر جي ننڊ پڙهي آيو. جو ماڻهو جتي هو اُتي سمهي رهيو. سڄي شهر ۾ جڙ تہ راڪاس گهمي ويو.

پوءِ مائي کي اڌ رات جو اهڙيءَ طرح کنيائون. جو اُن کي سار ئي نہ ٿي. جڏهن مائي سڄاڳ ٿي تہ چيائين: هاڻي آءٌ اوهان جي آهيان. ڀائرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ پاڻ وٽ پريءَ جو ٻچو آهي. پاڻ کنهن ڳوٺ ڳام ۾ رهڻ جهڙا نہ آهيون. هلو تہ جهنگل ٻيلو وسائي ويهون. پوءِ اچي جهنگل وسائي، لوڙهو تار ناهي ويهي رهيا. وڏي (ٻاراچ) ننڍي (ٻاچو) کي چيو تہ توکي پرڻائيندس. تنهن تي ننڍي چيو تہ: منهنجي ماءُ ٿئي، تون وڏو آهين. تون پرڻج. پوءِ ٻاچو وڃي مُلون وني آيو ۽ وڏي ڀاءُ سان نڪاح پڙهايائينس.

ٻنهي ڀائرن جي پاڻ ۾ ڏاڍي محبت هئي. چيائون تہ هڪڙو شڪار ني وڃي تہ هڪڙو گهر ۾ ويٺو رهي. هڪڙو ويٺو هوندو هو. ٻيو جڏهن

---

[1] روايت [3] موجب

شڪار ڪري ايندو هو ته وينل سؤ وکون پري هن کي سامهون ويندو هو. جيڪو به وينو هوندو هو، سو گهر ۾ نه ويهندو هو. نڪري ٻاهر ويهندو هو. پوءِ ٻئي ڀائر ڳرهاتي ڏئي گهر ۾ ايندا هئا.

قدرت خدا جي سان ڪو بادشاهه شڪار تي چڙهيو ۽ شڪار ڪندو ڪندو انهن جي گهر وٽ آيو. گهر کان پري هو ته حڪم ڪيائين ته: تانبو ڳوليو ته شڪار لاءِ جامڪين کي ٻاهه ڏينداسين. هيڏانهن هوڏانهن ڳوليندي هڪڙو همراهه اچي هنن جي گهر تي بيٺو ته مائي ڪنهن ڪم ۾ هئي. گهر کان ٻاهر نڪتي. ڪم ڪري هڪڙي گهڙيءَ ۾ وري گهر ۾ هلي ويئي. ڀاءُ جيسين ُاتي، تيسين همراهه هن جي حسن جو ُاهاءُ سهي نه سگهيو سو آنهر جي گهوڙي تان ڪري پيو. تنهن تي ٻاچو ُاتيو هن جا ڏندڻ پيچي کيس ُاتاري سنئون ڪيائين. ٻاچو پڇيس ته: ڪيئن آيو آهين؟ چيائين: مون کي تانبو آٽي ڏي هن تانبو آٽي ڏنس، اهو کڻي بادشاهه کي آٽي ڏنائين. بادشاهه چيس ته: دير ڪيئي؟ چيائين: دير ڪيم، پر ُهتي هڪڙو ماڻهو وينو آهي، آءٌ ان وٽ هڪڙو ٻار ڏسي آيو آهيان. ُتنهنجي گهر ۾ ڪائڻ جون ڪَريون، ۽ اَن جا وٽاءَ وينيون آهن. جي سگ ڏني سگ ملئي ته سگ وٹه تَڪن ڏني ڏين ئيَ ته تڪا ڏيئي وٺه پر جي تون بادشاهه آهين، حڪم ڪري ڪٽين ته اسين تنهنجا ماڻهو آهيون. هلو ته هلون. تنهن تي بادشاهه چيو ته: حڪم ڪري ڪين ڪٽنداسون، هلي گهر ڪريو. ائين چئي بادشاه گهوڙا ڪاهي ُاتي آيو. ٻاچو نڪري آيو. پري کان بيهي سلام ڪيائين ۽ چيائين: ڪريو خبر، هي لشڪر هتي ڪيئن آيو آهي؟ چيائون ته: بادشاهه آيو آهي، تو وٽ جيڪو سگ وينل آهي ُان جي گهر ڪرڻ سو ڏي ٻاچو چيو ته: خبردار! جيڪي اوهان کي چوڻو هو سو چيوَ متان وڌيڪ چئجو. پوءِ بادشاهه کي چيائين ته: بادشاهه آهين، توکان ڪونه تو ڊڄان، پر خدا جي خوف کان تو ڊڄان. سگ تو گهريو هاٿي موتي وڄ. بادشاهه جڏهن روانو ٿيو تڏهن هڪل ڪيائين ته: بيهي رهه هو بيهي رهيو. پاڻ ويو گهر. هڪڙي بصر جي پتي ڪنيائين، ۽ چاقو هٿ ۾ ڪيائين. بادشاهه جي روبرو بصر جي ُڏنڊ چَاقو سان لاهي ورتئين. چيائين ته: هاٿي بصر ڪو تو وٽ آهي. بادشاهه چيو ته: آهي. چيائين: هاٿي هيءَ پِتي بصر ۾ ُاچلي، ملائي، پوءِ بصر جي خبر وٺج

بادشاهہ موتي آيو ۽ اهو بصر ڪوٺيءَ ۾ اڇلائي نظر ڪيائين تہ ذات بصر جي سري لٿي پئي هئي. بادشاهہ ڏنو تہ منهنجو هن سان ٻيو ڪوبہ زور ڪونہَ هلندو، سو هڪڙي ڏوتيءَ کي وچي هٿ ڪيائين، ۽ اُن کي چيائين تہ: ماڻهو ڏنو اٿم، اُهو آٽي ڏينم تہ تَڪن سان ڍَئي ڇڏيئين. ڏوتيءَ چيو تہ: ماڻهو گڏي ڏيوم، جيڪو انهيءَ گهر ۾ ڇڏي اچيم. پوءِ هن کي آٽي ٻاچو ۽ ٻاراڇ جي گهر وٽ ڇڏيئون. مائي رڙهي اچي سڏ ڪيو. ٻاچو وينو هو سو نڪري آيو. چيائين: مائي، تون ڪهڙي ڪم سان آئي آهين؟ جواب ڏنائين: آءُ بيواهہ آهيان، هتي رهنديس. ٻاچو مائيءَ کي لوڏي ڪڍيو چئي: تون اسان جي ڪم جي ناهين. اتي ياڄائيس هن کي اندران سڏ ڪيو تہ: ادا، تون ٿو وچين شڪار تي تہ بہ تنهنجو ياءُ ٻاهر وينو آهي، آءُ اڪيلي ويٺي آهيان. هاٺي اوهين ٻئي ناهيو تہ بہ زائفان آهي، مون سان گڏ ويٺي ڳالهائيندي ٻاچو چيو تہ: مائي، هن زال مان پاڻ کي چڱائي ڪانہ رسندي تون وڏي آهين، ماءُ جي برابر آهين، چئين ٿي تہ پوءِ تنهنجو چيو ڪونہ ٿو موٽايان.

خير، هن ڏوتيءَ کي سڏي ويهاريو. ڏوتي اچي ويٺي، تنهن کي اچي بادشاهہ جي تُندي لڳي تہ: هاٺي همٿ ڪر. سوناريءَ ڏنو تہ جي ڳالهہ ڪنديس تہ هن کي ماري وجهندا. پلي ويٺي هجي: سو دل جي دل ۾ رکي ويٺي هنن سان ڳالهائي. ڏوتيءَ ڏنو تہ مون بہ۔ ٽي مهينا مٿو هنيو هيءَ رن تہ نٽي مڃي، باقي آءُ بہ يائرن کي تہ ويڙهائي وڃان. سو ٻاراڇ جي اچڻ جي مهل ٿي تہ هيءَ رستو وٺي بيهي رهي. ٻاراڇ جڏهن وٽس آيو، تڏهن پڇيائينس تہ: ماسي! ڪيڏانهن؟ چيائين تہ: وڃان ٿي تہ سُٺ پَٽ آٽيان تہ ويٺي ڪم ڪريان، پر اَبا ٻاراڇ، مون کي خبر ڏي تہ اها مائي جيڪا گهر ۾ ويٺي آهي، سا زال تنهنجي يا ٻاچو جي؟ تنهن تي هن چيس تہ: مائي، ڍڄ خدا پر، هيترا ڏينهن توکي ويٺي ٿيا آهن، توکي خبر ئي ڪانهي: چيائين: اَبا، هڪڙيءَ ڇَٽ ۾ بہ ڪُتائي نہ چٽين! تنهن تي ٻاراڇ کي اها ڳالهہ دل ۾ ٿي تہ يلا يائي، هيءَ ڳالهہ ڪيئن ٿي؟ ٻاچو دستور موجب سؤ وکون پري وٽس ويو. ٻاراڇ جڏهن وٽس آيو، تڏهن اڳي ڳوهاٽي پائيندا هئا، پر هينئر ڦري پُٺي ڏئي بيهي رهيو.

ڪنهن جنهن ڪوڙيءَ ڳالهہ تان، وڏ وٺا هي وير
ٻاچو متي، ٻُگهيو چئي، آندي ياءَ متي يُلگير
هن چيس تہ ادا، منهنجي من جي اڳين ڪانہ اُڪير
هُن بہ چيس تہ مُئو سٽنڊين منهنجو ويندي چس وير.

ٻاچو وڏي ياءُ ٻاراچ جو رخ بدليل ڏسي، اتان ئي ياءُ ڪان موڪلايو ۽ چيائين تہ: تو مون تي شڪ آندو آهي، هاڻي جيئري منهنجو منهن نہ ڏسندين. ائين چئي ٻاچو ويندو رهيو ۽ ٻاراچ گهر اچي وينو. مائي چٽيهہ لڪٽي هئي، تنهن هن کي اڪيلو ايندو ڏسي چيو تہ: ادو ٻاچو ڪونہ آيو، ڪيڏانهن ويو؟ چيائين: اچي ٿو. هن نتايو گسايو پر مائي اچي ڪنيس تہ: ٻاچو پيدا ڪر. اتي ڳالهہ ڪيائين تہ هيءَ ڳالهہ هئي، جنهن تان اسين ڪاوڙيا سون. چيائين: تون مرد هئين، پڇين ها، ڳاڇين ها، تنهنجو ڪلهي يائي هو. بس، پوءِ تہ ٻاراچ گهر ۾ ويهي رهيو. شڪار تي بہ ڪونہ ويندو هو. ياءُ جو اچي ڳاراٽو لڳس. ڏينهون ڏينهن ڳرندو ويو. آخر هڪڙي ڏينهن زال کي چيائين تہ: مون اُتر ڪان بس ڪئي. هاڻي ڪو اهڙو بلو ڪر، جيئن تنهنجو مڙهہ بہ ڪُتا ڪانگ نہ ڪِين، ۽ مون کي بہ هلي ماٽهن پيڙو ڪر. تنهن تي مائي ڪارو ناهي، اُن ۾ مڙس کي وجهي، ڪٽي اُتي هلي. اچي تہ مهندان مهاٽن جي هڪڙي مياڻ هئي. اُتي هڪڙي هنڌ سامان لاهي ويهي رهي. مهاٽا مائي سهٽي ڏسي، وتس ڊوڙي آيا هنن کي چيائين تہ: ادا، چا تا ڏسو؟ آءٌ بہ اوهان جهڙو انسان آهيان. منهنجي مڙس جو هي حال آهي، هاڻي مون کي ڪا جهوپڙي ناهي ڏيو تنهن ۾ آءٌ پنهنجو مڙس رکي ويهي رهان. مهاٽن دل ۾ خيال ڪيو تہ مڙس هن جو مئو پيو آهي، اڄ نہ مُئو تہ سياٽي مرندو. مائي اسان ڪان ڪيڏانهن ويندي هُو چوي آءٌ ناهيان، هو چوي آءٌ ناهيان. آخر جُهڳي ناهي ڏنئون.

جڏهن ٻاراچ جو سؤ ورهين پورو ٿيڻ لڳو تڏهن زال کي چيائين تہ:

پُٽ ڪٽي توکي الله ڏئي، مولو مهر منجهان
نالو تنهن نينگر جو، ڪٽي اوياهيو رکجان.
ٻاراچ جي مرڻ کان پوءِ قدرت سان مائيءَ کي پُٽ ٿيو.

اوباهيو باراڇ ڪي، ڏنو پُٽ خداءِ
بينو طرحين تعظيمون ڪري، سُتت من ساماءِ
اُت بہ وچان رضا رب جي، وٺي ويئي ساءِ،
پر پيءُ مئي تيو چورڙو، پيو تڪر لاءِ واجهاءِ[1]
جرڪا جراڙئي ڏِنڊ جا، ڪُرڙا پنيو ڪاءِ
ڪار سکيو ميڏڪي، هنر سرس سواءِ،
پوءِ ملاحن پرٺاءِ، ڪٽي وير ويهاريو وچ ۾.[2]

مڙس جي چوڻ موجب نالو 'اوباهيو' رکيائينس. اوباهيو اڄ ننڍو سيان وڏو اچي رڙهڻ جهڙو ٿيو. سو هن گهر وڃي، هُن گهر وڃي، ٽڪر پور پني اچي پنهنجيءَ ماءُ کي ڏئي. اتي مهاڻن مائيءَ کي چيو تہ: هاڻي شادي ڪر تہ توکي مڙس ڏيون. چئي: ابا، هڪڙا منهنجا اَبا تيو هڪڙا ادا تيو پاڻهي منهنجو پُٽ وڏو ٿيندو، مون کي ڪٽي ڪمائيندو. نيٺ اوباهيو بہ اهڙو اچي ٿيو جو مهاڻا مڇيءَ جي شڪار تي وڃن تہ هو بہ ساڻن گڏجيو وڃي.

هڪڙو ڏينهن الله جو ٿيو. صلاح ڪيائون تہ اڄ هلو تہ شڪار لاءِ سون مياڻي ڊنڊ تي هلون. اتي اچي رَڇ هنيائون تہ نالي لاءِ مڇي هڪڙي بہ نہ مُئي. چيائون تہ: اڄ هي پاڻ سان نياڳو گڏجي آيو آهي. هاڻي وري هرڪو پنهنجي پنهنجي نصيب جو رَڇ اُڇلي ڏسي، ڏسون تہ پنهنجي نصيب ۾ چا تو اچي! مهاڻا سيئي هئا. سيني پنهنجي نصيب جو رڇ اُڇليو پر مڇي هڪڙي بہ ڪنهن کي هٿ نہ آئي. اوباهيي چيو تہ: آءٌ سياڳو هجان ها تہ مائٽ منهنجا مرن ڪين ها. پر هاڻي منهنجي نصيب جو بہ تہ رَڇ اُڇلي ڏسو. هُن جي نصيب جو رَڇ اُڇليئون. چُوندل ائين ٿا چون تہ ڏاڏي آدم جي زماني جا مڇ بہ رڇ ۾ نڪري آيا. ايتري مڇي نڪتي جو گهوڙن وارن گهوڙا ڀريا. اُٺن وارن اُٺ ڀريا. گاڏين وارن گاڏيون ڀريون. گهر اچي مهاڻن صلاح ڪئي تہ هن ۾ ايتري مٽيا آهي جو هيءَ سون مياڻي هٿ ڪري ويندو. چونہ ڪيس ماري ڇڏيون. اها صلاح ڪري، ڇَڙون ڪنيائون ۽ ڇڙن

---

[1] ٻيءُ روايت موجب "پر پيءُ مئي ٿيو چورڙو مري ويڙس ماءُ"
[2] روايت [2] موجب

جي چوٽين ۾ ڦاهيو ڦاسائون. اوباهيي چيو تہ: چِڙُن جي چوٽين ۾ ڦاهيون ڇو ڦاسيون اٿوَ؟ چيائون تہ: مڇيءَ جي شڪار تي هلڻو آهي، اسان ۾ آهين ٻاڳ وارو تون، سو توکي لاهينداسين ڊنڊ ۾، پوءِ تون هٽندين پاڻيءَ ۾ تانگوڙا تہ مڇي ايندي مٿي، اها هنن ڦاهين ۾ جهلينداسين. اها صلاح ڪري، ست ڄڻا گڏجي اوباهيي کي وٺي، جڏهن مياڻ تي آيا، تڏهن هو ڪاهي پيو پاڻيءَ ۾، ۽ وٺي جو تانگوڙا هڻي تہ هو هتان وريو هو هُتان وريو. چيائين: ٻيلي! ڇا ٿا ڪريو؟ جواب ڏنائون تہ: توکي ماريون ٿا. چئي: منهنجي ماريي مان توهان کي هٿ ڇا ايندو؟ پوءِ هن کي خدا ايتري مٽيا ڏني، جو انهن جي هٿن مان ڦاهيون ڪسيندو انهن جي ڪنڌن ۾ وجهندو انهن کي ٺي پاڻيءَ ۾ هيٺ هٽندو آيو. ستن ٺي کي ماري صحيح سلامت ڳوٺ آيو. مهاڻن هن کي اڪيلو ايندو ڏسي پڇيو تہ: ٻيا ڪيڏانهن ويا؟ چئي: سون مياڻي ڊنڊ ۾ مون ڇڏيا، ٻي مون کي خبر ڪانهي. چيائون: ٻيلي، مڙسن جي خبر وٺو الائي ڇو دير ڪيائون. پوءِ تہ هڪلي آيا ڊنڊ تي. اڇن تہ همراهہ ڊنڊ ۾ مئا پيا آهن. هر ڪنهن کي ڦاهي ڳچيءَ ۾ پيل ۽ اها وڻ ۾ ٽنگيل آهي، ۽ ڏڙ پيا پاڻيءَ ۾ ترن. پوءِ انهن کي جاءِ بجاءِ ڪري، پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ هن ۾ ايتري مٽيا آهي، جو سون مياڻي ڊنڊ هٿ ڪندو. سو پٽيل وٽ آيا. ان کي چيائون تہ: هن کي پنهنجي ڌيءَ پرڻاءِ، پوءِ من سون مياڻي پنهنجي هٿ ۾ رهي. پٽيل هن کي پنهنجي ڌيءَ پرڻائي.

ڪي چون ٿا تہ ٻاچو ۽ ٻاراڇ، سوناريءَ کي ڪٽي، ڪلاچيءَ لڳ سمنڊ جي ڪپ تي، مهاڻن جي هڪڙي ڳوٺڙي ۾ اچي رهيا. ڇوڪري مسلمان ٿي، سندس ”سونَ“ نالو رکيائون، ۽ ٻاراڇ اُن سان شادي ڪئي. ٻئي ڀائر چوريءَ کان سواءِ ٻيو ڪو ڌنڌو ڪونہ ڄاڻندا هئا، تنهن ڪري آسپاس مان چوريون ڪري پيا پيٽ گذر ڪندا هئا. ٻہ- ٽي سال گذرڻ بعد ننڍو ٻاچو مري ويو. ڀاءُ جي موت، ٻاراڇ کي ڏاڍو صدمو رسايو. ڏکيءَ سکيءَ جو ٻانهن ٻيلي هئس. ڀاءُ جي مرڻ کان پوءِ دلشڪستو ٿي پيو. اڪيلو ڄڻو زال کي ڇڏي ڪيڏانهن وڃڻ مناسب نہ سمجهي، خدا جي خوف کان ٻنو ۽ چوري ڇڏي، گناهن کان توبهہ ڪري، مهاڻن وٽ مزوري ڪري پيٽ گذر ڪرڻ لڳو.

هڪو رسيو رحمت رب جي، تنهن مان نئيو پاس
ٽيو بيلي هڪڙو، رت رنائين راس
موتي مداين ڪان، دَهلي دل سندياس
پوءِ توبهہ تُرت ڪياس، چوري ويس چت مان.[1]

ان بعد ٻاراچ کي پٽ ڄائو. جنهن جو نالو اوباهيو رکيائين. اوباهيو اڃا ننڍڙو ئي هو تہ ٻاراچ بہ مري ويو. باقي رهيا 'سون' ۽ پٽس 'اوباهيو'. مهاڻن جي چڱي مڙس، مائيءَ تي هٿ رکيو ۽ کيس پنهنجي نياڻي ڪيائين. اوباهيو اڄ ننڍو سڀان وڏو. آهستي آهستي مهاڻن جي ٻارن سان گڏجي سمنڊ سان نينهن رکيائين. ٿوري ئي وقت ۾ هو پاڻيءَ جو اهڙو گهيُڙو ٿيو. جو ذات مهاڻو ساڻس پڇي نہ سگهي.

اوباهيو اڪيلي سر مڇي مارڻ ويندو هو. سندس ٻاڄين مڇي تمام گهڻي مرندي هئي. ٻيا مهاڻا بہ سندس ٻاڳ ڏسي، ساڻس اچي پيڙا ٿيا. ٿوري ئي وقت ۾ اوباهيو تمام شاهوڪار ٿي ويو. ڪلاچيءَ جي مياڻ جو مقاطعو مهاڻن جي پٽيل کي مليل هو تنهن اوباهيي کان مياڻ جي ونديءَ جي گهر ڪئي. پر اوباهيي نہ ڏني. ٻين مهاڻن بہ ڏنو تہ اوباهيو ٿوري گهڻي ڏينهين مياڻ کانئن کسي ويندو، تن ٻوڙي وڃي دلوراءِ کي دانهن ڏني تہ: اوباهيو چورڙو هو. جو اسان ننڍو ڪري نپايو.

ٿي دانهين در دلوءَ جي، وڃي ميئن ٻڌايو
تہ هڪڙو ڏئي ڪونڪو، ٻيو وڃي ڪڳ ڪايو
نہ جاري ياڻي جار جو، ڪتان اوچتو آيو
چورو مائتن چني ڇڏيو اسان ننڍو نپايو
هاڻي ڪنجڪي ڪڏايو تان وهلوئي وئي اڇي.[2]

هڪڙو تہ اسان مهاڻن مان ڪونهي، ٻيو تہ جيڪا مڇي ماري، سا پاڻ کايو وڃي ۽ محصول بہ ڪونہ ڏئي. تڏهن دلوراءِ ڪوتارن کي حڪم ڪيو جي گهوڙي تي چڙهي ويا ۽ اوباهيي کي وٺي آڻي دربار ۾ حاضر ڪيائون.

---

[1] روايت [2] موجب
[2] روايت [1] موجب

دلوراءِ ڪانئس پڇيو ته: توکي ڪنهن اجازت ڏني آهي ته بنان محصول وڃي مڇي مار؟ جواب ڏنائين ته: توکي خدا پنهنجي مهرباني سان بادشاهه بڻايو آهي. تنهنجي بادشاهيءَ ۾ ڪئين لکين پيا پلجن، ۽ ڪيڳ وينا ڪائين. هاڻي تو جهڙي سخي کي آءٌ راڻُر چو ڏيان! اوباهيي جي جواب تي وهواهه تي وئي. دلوراءِ به هن جي هوشياريءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس ڏوهه معاف ڪري، کيس موڪل ڏنائين ته پلي پيو مڇي مار. اوباهيو بادشاهه کي سلام ڪري موٽي آيو. ملاحن، موريي تي بادشاهه جو راضُ ڏسي ڪٽي ماٺ ڪئي ۽ پٽيل جو به اوباهيي تي اهڙو اچي خيال ٿيو جو دل ۾ چيائين ته مون وٽ به ـ تي نياڻيون وينيون آهن، چونه ڪٽي کيس پنهنجو ناني ڪريان. اهو خيال ڪري پنهنجيءَ برادر کان پڇيائين. برادر وارن چيو ته: هن چوڪري جو نالو نه نيشان، تنهن کي ڪيئن سڱ ڏينديں! پر جي چوڪرو لائق آهي ته انهيءَ شرط سان سڱ ملندس ته ڪلاچيءَ جي ڪُن واري مانگر مڇ جو آنو ڦيهي اچي.

ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ ڪن ايامن کان هڪڙو خوني مانگر مڇ رهندو هو. ايڏو ته وڏو هو، جو وات پٽيندو هو ته هزارين مڇيون، ڪُميون ۽ پيا ساهوارا اچي وات ۾ پوندا هئس ۽ هو رڳو ڳيت ڏيئي ڳڙڪائي ڇڏيندو هو. ڪئين پهر اندر پاڻيءَ ۾ ٽُبي هنيو وينو هوندو هو. پُلجي ڪو ٻيڙو انهيءَ طرف ويو ته وري نه موٽندو هو. تنهن ڪري مهاڻا اُن طرف مڇي مارڻ اصل نه ويندا هئا. خيال ڪيائون، مڇ ته مارڻ جو ڪونهي، باقي جي سندس آنو ڦيهي ڇڏبو ته ڪاوڙجي، ڪُن ڇڏي ٻئي ڪنهن پاسي هليو ويندو ۽ اها مصيبت اسان تان هميشه لاءِ ٽري ويندي. اوباهيي کي جڏهن اِهو شرط ٻڌايئون، تڏهن هو هائوڪار ڪري، سَهي سنبري ڪُنَ ڏانهن هليو. اوباهيي جي ٽُٻيءَ جو مُدو تي پهر هو. ٽپا ڪيائين جو سوئو هٿ ۾ ڪٽي، پاڻيءَ ۾ ٽپي پيو ۽ يڪي ٽُبي هڻي، وڃي مڇ جي مٿان ويٺو. قدرت سان ان مهل مَڇ سُتو پيو هو. هن به نه ڪئي هم نه تَم، سُوئي سان آنو ڦيهي موٽي آيو. اوباهيو شرط پورو ڪري آيو. راڄ ۾ واهه واهه تي وئي ۽ سڀني ماڻهن سندس بهادريءَ کي ساراهيو. چڱي مڙس به خوش ٿي انجام موجب کيس پنهنجي وڏهر ڌيءَ پرڻائي.

ورِ وهاريائون وچ ۾، تيو سُهاڳي سوءِ
ڇهہ پٽ پهرينءَ مان، ٻي جا ٻرٽيو جوءِ
تنهن مان مانجهي مورڙو، ٻَر ڏر جائو پوءِ
لوڪ مڙوئي چوءِ، اَنين پيڻ 'سيرهين'.

اوباهيي کي اُن زال مان ڇهہ پُٽ ٿيا: پَنهير، اگاريو مانجهاندو لَلو سانئر ۽ هنجهہ. ان پهرينءَ زال جي مرڻ کان پوءِ ڇڳي مڙس کيس وري پنهنجي ٻي نياڻي ڏني، جنهن مان هڪ پُٽ "مورڙو" ۽ هڪڙي ڌيءَ "سيرَهين" ڄايس.[1] پُٽ جڏهن ڪتڻ ڪمائڻ جهڙا ٿيا، تڏهن اُهي بہ مڇي مارَڻ جو ڌنڌو ڪرڻ لڳا. اوباهيي سيني کي ٻرٽايو ۽ پوءِ روزگار سانگي، سمنڊ جي ڪپ تي جدا ڳوٺ ٻڌي وڃي اُتي رهڻ لڳو. ڳوٺ جو نالو پنهنجي ماءُ جي نالي پٺيان "سون مياڻي" رکيائين.

راڄ ٻڌائون پانهنجو ٻنائي ٻَئنتَر
مڏي ملاحن سين، هئي تيرهن سؤ تر
نَو سؤ نَتَر ٻيڙيين، جُنبيو ٻيهن جر
تن جو مَٿو ناهہ ڪو، جي جهلين ڀَن هن ڀَر
هڪڙا ڪڳ ڪاڏائون پاڻ ۾، ٻيو جاڦو اڳرو جَر
تن سين سانبوين جي، هئي واهہ گهڻي ويتر
ٻر پاڻيءَ سندي پَر، مُور نہ سکيو مورڙو[2]

قدرت سان سون مياڻيءَ ۾ مڇيءَ جو ايترو مار ٿيو جو دلوراءِ کي ساليانی لک رپيا رڳو آنڪي اُڳرندي هئي. اهو ڏسي آسپاس کان ٻيا بہ ڪيترائي مهاڻا لڏي، سون مياڻيءَ ۾ اچي ويٺا. سون مياڻيءَ جي بندر تي نَو سؤ ٻيڙيون ۽ تيرنهن سؤ تُرها مڇي مارڻ لاءِ هڪيا هوندا هئا. ڀَن ڇڪڻ ۽ رَڇَ اُڇلڻ وارن جو تہ ڪاٿو ئي ڪونہ هو. ٻين ماڻهن جڏهن اوباهيي ۽ سندس پُٽن کي جاوا ڪندي ڏٺو، تڏهن حسد وچان دلوراءِ کي

[1] روايت [1] موجب: پهرئين پُٽ جو نالو "پڙهيار" هو. روايت [7] ۾ فقط ڇئن پُٽن جا نالا آيل آهن: پنهور، اگارو، مانجهاندو ۽ لاڏڪو. روايت [12] موجب: اگارو، متارو، اسماعيل، هنجهہ، مينهون ۽ لکُو. [1]، [4]، [7]، [10] ۽ [17] روايتن ۾ ڌيءَ جو نالو "جُمڙي" اچي ٿو: "انين پيڻ جُمڙي، لوڪ مڙوئي چوءِ"

[2] روايت [1] موجب

وجي دانهن ڏنائون تہ اوباهيو. سرڪاري محصول ڏيڻ کان سواءِ سموري پيدائش کايو وجي:

ڪستئون ڪوٺارن هٿئون، تنهن سالڪ سڏايو
دلوءَ پنهنجي ديهہ ۾، پاٽئون آٽايو
رائر راجا کي نہ ڏئين، تو ڪٺان لڪايو
چئي: رائر راجا کي نہ ڏيان، توکي واحد وڏايو
تنهنجا وجن ڪيترا، ڪٺيو ڪڳ کايو
رَسين رحمت رب جي، ٻرور پڇايو
هن ڳوڏي ڳالهايو ُات راءِ گهٽو راضي ٿيو.[1]

دلوراءِ هڪدم ماٺهو مو ڪلي اوباهيي کي پاڻ وٽ گهرايو.

هن دلوراءِ اڳيان اهڙي تہ هوشياريءَ سان ڳالهايو جو دلوراءِ سندس خطا معاف ڪري، اڳتي لاءِ سون مياٽيءَ جو مقاطعو کيس ڏنو سالیانو لک رپيا محصول مقرر ڪري ڏنائين.

اوباهيي جا وڏا ڇهہ پُٽ تہ ڏڱ مڙس هيا، باقي ننڍو پُٽ مورڙو ٽنگ کان منڊو ۽ تمام ڪمزور هوندو هو. تنهنڪري ُاهو نڪي ترڻ سِکيو ۽ نڪي مڇي مارڻ ويندو هو.

پاٽيءَ سندي ٻر، مور نہ سکيو مورڙو.

پائرن کيس چيو تہ: تون رڳو اوطاق تي وينو آئي وئي جي سار سنڀال لهہ. اسين توکي وَنڍي گهر ويٺي پُڄائي ويندا سين.

مور نہ سکيو مورڙو، ڪار نہ سکيو ڪاءِ
جوڙي ڏني جُنگ کي، پائرن پلي جاءِ
چيئون: چڱي دستور سين، وينو وانتا کاءِ[2]

هو بہ مَڱ ٿيو اوطاق تي وينو هوندو هو. پائرن کان جيڪا پَتي ملندي هيس. سا مهمانن کي کارايو پياريو وينو هوندو هو. اِنهيءَ ڪري کيس سڏيندا ئي "سخي مورڙو" هئا.

---

[1] روايت [1] موجب
[2] روايت [2] موجب

مورڙي جي ڀاڄاين کي اها ڳالهه نه وڻندي هئي ته ڪتين ڪمائين اسان جا مڙس، ۽ هي ٻئي ڄڻا، مورڙو ۽ سندس زال، نڪما ٿيو وينا کائين. سي مورڙي جي زال کي، شام جو جڏهن اها پاڻي ونڻ ايندي هئي، تڏهن طعنا مهڻا ڏينديون هيون ته 'اهڙي نڪمي مڙس کان ٻڏي وڃي مَر.'

ڪانئر وَر جي ڪامڻي، تنهنجو ڪم جو ناهي ڪانڌ
ڪانڌ ته تنهنجو ڪامڻو، پيند جهلي تو پاند
ڪـتـئـي ري وڙوانـد، اهـو ڪـيـڻ خـواري ڳـاڏئون.[1]

هوءَ ويچاري نڻانن جون جُنيون سهي به پاڻي ونئي ايندي هئي ۽ ڪڏهن به مورڙي سان اهو ذڪر نه ڪيائين. هڪڙي ڀيري مورڙي جون ڀاڄايون پاڻي ڀرڻ پئي ويون ته ڪن واتهڙن، انهن کان سخي مورڙي جو ڏس پڇيو. هُنن لاچار ڏس ته ڏنو پر هيڪاري اچي ڪاوڙيون. چيئي: ڪمائين اسان جا مڙس ۽ سخي سڏجي مورڙو! اڄ اچي ته سهي سندس زال پاڻي ونڻ ته سڏيون سڻايونس. شام جو دستور موجب مورڙي جي زال پاڻي ونڻ وئي ته هن کي طعنا مهڻا ڏنائون. هُن ويچاريءَ روئي وڃي مڙس کي دانهن ڏني ته: مورڙا! تنهنجي ڀاڄاين، طعنن سان منهنجو اندر ئي ساڙي ڇڏيو آهي. اهڙيءَ مڇيءَ کان ته پنڻ ڀلو آهي. مورڙي خيال ڪيو ته زالون اسان ڀائرن کي پاڻ ۾ ٽيون ويڙهائين، سو دڙڪو ڏئي چيائينس ته: توکي ڪهڙو اهنج آهي؟ زالون ئي راڄ ڦٽائينديون آهن. سو تون ماٺ ڪري ويٺي هُج. منهنجا ڀائر مون تان ساهه ٿا ڇڏين، ۽ تون وري اسان ڀائرن کي ٿي ويڙهائين. وڃي پاڻي ونئي آءُ!

آءُ پـُر ڀائرن جو، آئين جويون ماريو جَڪ
هو ڪڏهن سَهن ڪينڪي، مون تي ڪَهه ڪَتر ڪَڪ
هاٿي لوڪ پوندي لَڪ، متان واتئون ڪا وائي ڪرين.[2]

ٿوري گهڻي ڏينهين، مورڙو پنهنجي گهر ڏانهن پئي آيو ته ڀاڄاين جو ڳالهائڻ ٻڌائين، جن سندس زال کي مهڻا طعنا پئي ڏنا ته: تنهنجو مڙس معذور آهي، ڪمائي نٿو سگهي، ته پوءِ تون ڪاپو ڪري ڪيس کاراءِ، يا ته رهه ڏيئي ماري ڇڏينس.

---

[1] روايت [1] موجب
[2] روايت [2] موجب

ڏنا ڏيراٽين مهڻا، مڙي وارو وار
تہ جان وهہ ڏيئي وَر ماَر جان ڪَر ڪاپو ڪامٽي.[1]
اتي پڪ ٽَيس تہ منهنجي زال سان کهڙي ويڌن آهي.
ڪوءِ ڪندبون يَتِ اَنهنجا، ڪوءِ اَن جا ڪيڻ
مُنهن تي چوُ مَ ويڻ، پنڙ پاهت ناهہ ڪو.[2]

ڪيس ڏاڍو ارمان ٿيو. متان وريَ جا سندس زال روئندي آئي، تنهن تہ هيڪاري ڏک ۾ وجهي ڇڏيس. خيال ڪيائين تہ سچ ٿيون چون، جو آءٌ بہ نڪمو ٿيو پائرن جي ڪمائي تي وينو آهيان. چو نہ پنهنجي مڙسي ڪري ڪجهہ ڪمايان، جنهن مان پنهنجو ۽ پنهنجي زال جو پيٽ پاريان.

اِهي پنهنجي ڪنن سين، آيو سڻندو مانجهي مور
مَڏي تنهن ملاح جي، هينئون لپٽيو هور
ڪري دل ۾ دور، رُسي هليو مورڙو.[3]

رات جيئن تيئن گذاريائين. صبح ٿيو ئي مس تہ رَڇ ڪُلهي تي رکي، مڇي مارڻ لاءِ روانو ٿيو.

سٽي سور جهلي هليو ڏاڍي ساڻ ڏکن
رات گذري ڏينهن ٿيو ڪيائين رَڇ ڪُلهن
مورڙو مڇيءَ تي هليو برس انهن پارن.

سيرهين ڪي جا اِها خبر پئي تہ مورڙو پاجاين جي طعنن کان مجبور ٿي، رڇ ڪَنيو مڇي مارڻ پيو وڃي، تنهن ٻوڙي وڃي پائرن کي ٻڌايو تہ: اوهان جي زالن مورڙي کي طعنن سان تائي ڪنيو آهي. سو وڃي پيو مڇي مارڻ پائرن کي خبر هئي تہ مورڙي کي مڇي مارڻ جوڏنگ ڪونہ اچي. تن يڪدم "هنجهہ" کي پڇايو تہ ڪيئن بہ ڪري مورڙي کي موٽائي وٺي اچ. هنجهہ ٻوڙي اچي مورڙي کي رسيو ۽ چيائينس تہ: توکي سيني پائرن سڏايو آهي. مورڙو موٽي آيو. سيني پائرن گڏجي ڪيس ڳل ڳرهاتيون پائي پرچايو. پوءِ پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ زالن کي بہ سڏيائون. جن پڻ مورڙي کي پرچايو.

---

(1) روايت [3] موجب
(2) روايت [1] موجب
(3) روايت [3] موجب

اوباهيي، مورڙي کي چيو تہ: مورڙا! ياڇايون پلي پيون جَڪ هڻن ۽ وات وڃائين، پر توکي مڇيءَ مارڻ لاءِ ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندا سين.

اُهو وقت گذريو، پر سندس ياڇايون پنهنجي عادت کان باز نہ آيون. نيٺ هڪ ڏينهن، هُن سون مياڻي ڇڏڻ جو پڪو پهہ ڪيو ۽ گهوڙي تي سنج وجهي، گز ڪمان کڻي، زال کي ساڻ ڪري اُتي هڪ پاسي روانو ٿيو.

جڏهن اوباهيي کي مورڙي جي وڃڻ جي خبر پئي، تہ ڊوڙندو پُٽن وٽ آيو ۽ اُنهن کي چيائين تہ: مورڙي کي پرچائي وٺي اچو. پائرن بہ جڏهن اها خبر ٻڌي، تڏهن زالن کي ڏاڍي جٺ ڦٺ ڪري، مورڙي جي پٺيان ويا، ۽ گس تي وڃي کيس جهليائون.

هنن پليون جويون پانهنجون، ويا پائر ميڙ ڪري
ميڙ مڃيائين ڪينڪي، اُماڻيائين پيري
ڳالهيون سڳن ٻدن جون، نَرُ ويو نبيري
پوءِ دلوءِ کي ديري، گڏيو ڀهڳڻ ٻانيڻ واهہ تي.[1]

مورڙي کي واپس ورڻ لاءِ ڏاڍا حيلا ڪيائون، پر هو نہ موٽيو. چيائين تہ: ٻہ- ٽي ڏينهن گهمي، دل وندرائي، موٽي ٿو اچان. ائين چئي اڳتي روانو ٿيو ۽ وڃي دلوراءِ جي شهر "ٻانيڻ واهہ" ۾ نڪتو ۽ هڪ جاءِ پُون- پاڙي تي وٺي ويهي رهيو.

ٻن چئن ڏينهن گذرڻ بعد، هڪ ڏينهن هي شڪار تي نڪتو. هڪڙي ڪوهہ جي پرسان اچي گز ڪمان سان شڪار ڪرڻ لڳو جتي شهر جي ڪن زالن پاڻي پئي پريو. اتفاق سان دلوراءِ بہ گهوڙي تي چڙهي، اُتان اچي لانگهائو ٿيو. هڪڙي ڏارئي ماڻهوءَ کي بيٺل ڏسي، پڇيائين تہ:

ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، هت تو ڪڏائين ڪيڪان
چئي: پُٽ اوباهيي ملاح جو، مور منهنجو نام
سون مياڻي گام، شهر اسان جو پدرو.[2]

---

[1] روايت [2] موجب

[2] روايت [3] موجب

ڪير آهين، جو بنان ٻڊ اِتي پيو ڪانَ هٽين ۽ بهادري ڏيکارين؟ مورڙي جواب ڏنو تہ: اوباهيي ملاح جو پٽ آهيان ۽ مورڙو منهنجو نالو آهي. روزگار جي سانگي تنهنجي ملڪ ۾ اچي نڪتو آهيان. مورڙي، پائرن ڪان ڪاوڙجي اچڻ جي ڳالهہ لڪائي ڇڏي دلوراءِ، اوباهيي کي سچاٽندو هو ۽ هن جي بهادريءَ جي بہ گهڻي تعريف ٻڌي هئائين. سو مورڙي کي پاڻ وٽ آيل ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس چيائين تہ: مورڙا! اجائي دل لاتي اٿئي. تون معذور ماڻهو منهنجي بادشاهي ڇڏي، ڪٿي وڃي ٻئي هنڌ تڪليفون سهندين! مون کي خدا جو ڏنو سڀ ڪجهہ آهي. جيڪي وٽئي سو مون کان وٺ. تون مون وٽ ئي ويهي رهہ. پوءِ تمام گهڻي عزت ڏئي، کيس دربار ۾ پنهنجو خاص نوڪر مقرر ڪيائين ۽ معمولي ڪم سندس حوالي ڪيائين.[1]

دلوءَ ڏئي دلاسو ڪٽي ويهاريو وير
مڇڻ ماندو ٿين مورڙا! هينون ڪر سڌير
کيڻ کندبون ۽ کير، توکي مولو ڏيندو مورڙا![2]

هڪڙي ڏينهن دلوراءِ وٽ دربار لڳي پيئي هئي. ڪئين امير امراء ۽ پهلوان وينا هئا تہ "ڪَڙوَل" نالي باغائي اچي دانهن ڪئي تہ: بادشاهہ سلامت! اوهان جي باغ ۾ هڪڙو ڪيهر شينهن ساماڻو آهي، جنهن سڄو باغ اجڙ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪئين سپاهي بہ ماري ڇڏيا اٿس. هاڻي ڪي پهلوان ڏيو جي هلي شينهن کي مارين.[3] دلوراءِ يڪدم پنهنجا پهلوان صوبا ۽ سردار گهرائي، شينهن کي مارڻ جو حڪم ڏنو پر ڪَڙول چيس تہ: بادشاهہ سلامت! تنهنجي صوبن ۽ سردارن جي پيٽي ڪانهي جو شينهن کي ماري سگهن. اڳ بہ تيرنهن سورهيہ سپاهي شينهن ماري کپائي ڇڏيا آهن، ڪنهن هڪڙي جي بہ ترار شينهن تي نہ وَهي. بادشاهہ درٻارين کي چيو تہ: اهڙو ڪو آهي جو شينهن جو مقابلو ڪري! جيڪي پوڙ پلاءُ ڪايو

---

[1] روايت [17] موجب مورڙي دلوراءِ کي سلام ڪري چيو تہ: آءٌ تو وٽ نوڪر بيهندس ۽ ڪم بہ ڪونہ ڪندس. پر پگهار پنجن ڄڻن جو وٺندس. جڏهن اوکي پئي تڏهن سر قربان ڪندس.
[2] روايت [3] موجب
[3] هڪ روايت موجب: دلوراءِ شڪار تي چڙهيو ۽ سون مياڻيءَ وٽ اچي پهتو. شينهن اوچتو جهنگ مان نڪري دلوراءِ تي حملو ڪيو پر مورڙي يڪدم تلوار ڪڍي شينهن جو سر لاهي وڌو.

وينا هئا، تن مان ڪير بہ ڪونہ ڪڇيو ۽ مورڙو اُتي بيٺو ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائين تہ: سائين! جي مون کي اجازت ملي تہ شينهن سان مقابلو ڪريان. بادشاهہ چيس تہ: تون ويهي رهہ. بادشاهہ تي ٻيا وينلن کي چيو ٻر ڪير بہ ڪونہ اُٿيو. تڏهن مورڙي وري بہ موڪل گهري آخر بادشاهہ موڪل ڏنيس. هيءَ بہ تلوار هٿ ۾ ڪٽي، گهوڙي تي چڙهي، ڪَرَوَل سان گڏ روانو ٿيو. شاهي باغ ۾ پهچي، ڪَرَوَل ٻريان ئي اشاري سان شينهن ڏيکاريو. شينهن بہ هن کي ايندو ڏسي، ڪاوڙ مان گجگوڙ ڪري، ڇچ مان نڪاءُ ڪڍي، مٿس جُلهہ ڪئي. شينهن کي ايندو ڏسي، مورڙي سپر سامهون جهلي، گهنگهرو ڇٽڪائي مٿي اُڇليا. شينهن ڏنو گهنگهرن ڪَي ۽ مورڙي نڪاءُ ڪرايس تلوار تہ بہ اڌ ٿي پيو. اهڙيءَ طرح شينهن کي ماري موٽي آيو.

مچاڻ بادشاهہ دلوراءِ خود گهوڙي تي چڙهي، مورڙي جي شينهن سان ويڙهہ جو تماشو ڏسڻ آيو هو ۽ ٻريان بيٺي سمورو لقاءُ ڏٺائين. جڏهن مورڙي شينهن کي ماري اچي بادشاهہ جو سلام ڪيو تڏهن دلوراءِ کيس پنهنجو گهوڙو ۽ پنهنجا هٿيار انعام طور ڏنا، ۽ اُتان گڏجي موٽي دربار ۾ آيا. اِتي دلوراءِ وري بہ کيس آفرين ڏيئي چيو تہ: مورڙا! جهڙا تنهنجا مائٽ بهادر ۽ نالي وارا آهن، تهڙو تو بہ پاڻ ملهايو. پلي مائٽن کي جائين، جن جو تو نالو ڪڍايو. هاٺي گهر جيڪي گهُرٽو هجيئي:

تڏ ڪاهي گهوڙو، هن ڪان دوڙي دلوراءِ
جوان تنهنجي جنگ جي، آڏ وڏائي آءِ
ٻيءُ ملهايئي پانهنجو مَر مَرڪي سندي ماءِ
گهرين جيڪي گهر، اٿئي سورهيہ مهل سنڌياءِ
چئي: لاهيَ ڏن ڇڏاءِ، سون مياٽي سڀ جُو.[1]

مورڙي جواب ڏنو تہ: بادشاهہ سلامت! الله جو ڏنو تنهنجو ڏنو سڀ ڪجهہ اٿم. ٻاقي هڪڙو عرض اٿم، اهو هيءُ تہ سون مياٽيءَ جو ڏن اسان تان معاف ڪر.[2]

---

(1) روايت [2] موجب

(2) روايت [6] موجب: مورڙو ڪاوڙجي دلوراءِ جي بادشاهيءَ ۾ ويو. اتي هڪڙو شينهن پيدا ٿيو هو جنهن ڪيترو ئي نقصان ڪري ملڪ ۾ ڌهڪاءُ وجهي ڇڏيو هو. دلوراءِ پڙهو گهمارايو تہ جيڪو شينهن کي ماريندو تنهن کي هيرا جواهر انعام ڏيندس. مورڙو بہ نوڪريءَ جي سانگي دلوراءِ جي دربار ۾ آيو اتي شينهن جي خبر ٻڌائين. مورڙي شينهن کي ماريو. بادشاهہ انعام ڏيئي چيس تہ: گهر جيڪي گهرٽو اٿئي. چيائين تہ: سون مياٽي تان محصول معاف ڪر.

جوين سندي ڳالهڙي, ڪاڪا ڪجي نہ ڪن
تون ادو اسانهنجو اسين جويون وجهون ٻن
اهــي مر پيون پــسرن, ڪِـلـيو وينو ڪاءُ تون.[1]

ان بعد وري بہ پائرن مورڙي ڪان ٿيل ڳالهين جي معافي ورتي. مورڙي بہ سڀ ڳالهيون وساري, پائرن سان انجام ڪيو تہ: اوهين موتي وجو آءُ جلد ئي ايندس. پائر موتي ويا. تن وڃي اوباهيي کي خوشخبري ڏني تہ مورڙي اچڻ جو واعدو ڪيو آهي, سگهوئي ايندو. اوباهيو ڏاڍو خوش ٿيو. مورڙي جي اچڻ جو ٻڌي, سڄي سون مياڻيءَ ۾ خوشيون ٿي ويون. آخرڪار مورڙو بہ سهي سنبري دلوراءِ کان موڪل وٺي, انين ڏينهن اچي سون مياڻيءَ ۾ پهتو. پيءُ ۽ ڀائرن ملڻ. ڀاجاين بہ ڪانئس بخشايو ۽ کيس ڏاڍيءَ حُب مان مانُ ڏئي, سوين سوڪڙيون پاڪڙيون ڏنائون. جُمڙيءَ بہ ٻوڙي اچي پاءُ کي پاڪر پاتو ۽ کيس چيائين تہ: ادا! جن کي تو انعام سان اڏي چڏيو ۽ جيڪي تنهنجو ڪنيو وينا ڪائين, انهن مان تہ ڪوبہ توکي وٺڻ ڪونہ آيو. جنهن هنڌان توکي ڀاجاين مهڻا ڏئي لڏائي ڪڍيو اُتي تون اجايو آيو آهين. خير, هاڻي جي آيو آهين تہ هيءَ سموري ڪمائي تنهنجي آهي. هاڻي موتي نہ وڃ, هتي ئي ويهي پنهنجي هٿن سان سمورو ڏنڌو هلاءِ

مورڙي کي اوباهيو ۽ پائر بہ ڇڏين ئي نہ چون تہ: هاڻي هتي ئي رهہ پر مورڙي چيو تہ: جنهن دلوراءِ بادشاهہ ايتري عزت ڏني اٿم, ان کي ڇڏي ڏيڻ مناسب ناهي. آخر جڏهن گهڻا ڏينهن گذريا, تڏهن انهن ڪان موڪلائي, اچي دلوراءِ جي دربار ۾ پهتو.

لائي گهڻا ڏينهڙا, وري ويو دلوءَ لوءِ
چئي: مون وڏو وهم ٿيوءِ, جو گهڻا لاتئي ڏينهڙا.[2]

مورڙي کي سون مياڻيءَ ۾ گهڻا ڏينهن لڳي ويا هئا. دلوراءِ کي مورڙي جي اچڻ جو ڏاڍو انتظار هو. هن جي اچڻ تي کيس چيائين تہ: مورڙا! ڏاڍا ڏينهن وڃي لاتئي؟ اسان ڀانيو تہ موتي ڪونہ ايندين. مورڙي جواب ڏنو تہ:

---

[1] روايت [2] موجب
[2] روايت [2] موجب

بادشاهه سلامت! پيءُ، پيٽ ۽ پائرن جي مون سان ڏاڍي پريت آهي. انهن ايترا ڏينهن ترسائي ڇڏيم:

هڪڙو ماڻهو مياڻي شهر جا، ڏور گڏيم ڏيهي
پيو ماءُ پيءُ موڪل نہ ڏين، جن کي هئي اُڪنڊ اڳيئي
ٻي ڳالهہ ڪريان ڪيهي، توسان قبلا عالم ڪوڙ جي.[1]

وري جو گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ پائن ڏٺم، سي ڇڏينم ئي نہ جيئن تيئن ڪري اُنهن کان موڪلائي، هتي پهتو آهيان. پوءِ دلوراءِ وري بہ کيس انعام اڪرام ڏيئي خوش ڪيو.

مورڙي جو پيءُ ۽ پائر اڳيئي شاهوڪار هئا، ويتر جو محصول معاف ٿين، سو ٿوري ئي وقت ۾ وٽن دولت جا انبار لڳي ويا. هن کان اڳ هو فقط سون مياڻي وٽ مڇي ماريندا هئا، پر جڏهن کان دلوراءِ جو پروانو مليس، تڏهن پيڙا اونهي سمنڊ ڏانهن ڪاهيائون. اوباهيي کين چيو تہ:

پُٽ! ڊنڊون ۽ ڊورا، آهن ڪئين ڊير
ڪلاچيءَ جي ڪُن جو، اٿو وڳر مٿان وير
پُٽ نہ پائجو پير، جو ڪچئون سُجي تو ڪُن ۾[2]

چيائين تہ: ابا! سڄي ملڪ ۾ ڪئين ڊنڊون ڊورا پيا اٿوَ انهن کي وڃي گهوريو ۽ مڇي ماريو پر پلجي بہ اونهي سمنڊ ڏانهن نہ وڃجو. چو تہ ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ هڪڙو وڏو ٿهري مانگر مڇ رهي ٿو، جنهن جو ماڻهن سان وير آهي.

چئي: ڪُٽڪ ديواني مڇ جي، شابس وڏءِ ڪن
اسين ڀهگڻ ڏيون ٻن، ڪلاچيءَ جي ڪُن کي.[3]

اوباهيي جا پٽ، پيءُ جي ڳالهہ مڇي ڪلاچيءَ جي ڪُن ڏانهن ڪين ٿي ويا. باقي پيو سڄو سمنڊ گهورڻ لڳا. ايتري تہ مڇي ماريندا هئا، جو پيڙا ڀرائي ٻين ملڪن ڏانهن موڪلي ناڻو ڪمائيندا هئا.

---

[1] روايت [1] موجب
[2] روايت [3] موجب
[3] روايت [4] موجب

پُٽ اوباهيي پڌرا، جيئن تي ساماٽا
تيئن مارين گهور اگهور ۾، پُٽا مَرڪن مهاٽا
ماريو تنهن مڇيءَ جا، ڪن تَڙم وڏا ٽاٽا
تن ڪان سوين ساٽيا، ڪريو وٽج واٽا
پوءِ نيڪ بڌيو ناٽا، تا پٽيون ورهائين پاڻ ۾.[1]

توري ئي وقت ۾ اوباهيي جي پٽن وٽ بي انداز ناٽو گڏ ٿي ويو. سڄي مُلڪ ۾ سندن همت ۽ شاهوڪاريءَ جي ڌاڪ هئي. اونهي ڪان اونهي سمنڊ تي بہ سندن اک ڪانہ تي ٻڌي ڪانئن سمنڊ جو ڪو حصو رهيل هو تہ اُهو هو "ڪلاچيءَ جو ڪُن". جنهن ڏانهن وڃڻ کان پيءُ منع ڪئي هئن.

ايتري ڌن دولت هوندي بہ سورهيائي ۽ سخا جي ناموس رڳو موررڙي جي ٿيندي هئي. هر ڪنهن ننڍي وڏي جي وات ۾ "موررڙي" جو نالو هو. اها ڳالهہ ڀائرن کي بہ ڏکي لڳندي هئي، تنهن ڪري هو هميشه انهيءَ وجهہ ۾ رهندا هئا تہ اهڙو ڪو ڪم ڪجي، جنهن ۾ اسان جي بہ ناموس ٿئي. اها اڳئي خبر هئن تہ ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ هڪڙو ڦهري مانگر مڇ رهي ٿو. جنهن ڪئين ٻيڙا سمنڊ داخل ڪري ڇڏيا آهن. آخر اها صلاح ڪيئون تہ ڇونہ انهيءَ مانگر مڇ کي ماري ناموس ڪيائجي! ۽ پوءِ لڪ چوريءَ ڪلاچيءَ جي ڪُن ڏانهن سانباهو ڪرڻ لڳا.

اوباهيي جي پٽن، مڇ کي مارڻ جو ارادو تہ ڪيو پر اها خبر ئي ڪانہ هئن تہ ڪلاچيءَ جو ڪُن ڪٿي آهي ۽ مڇ ڪيڏو آهي. چيائون تہ هلو تہ هلي بابي کان پڇون. لنگهي آيا اوباهيي وٽ ۽ مانگر مڇ جي خبر پڇيائون. اوباهيي چين تہ: ڪلاچيءَ جي ڪُن جي مون کي سموري سڌ آهي، پر اوهان کي ڏس نہ ڏيندس. آخر پٽن جو ضد ڏسي چيائين تہ: انهيءَ ڪُن ۾ ايڏو تہ وڏو مانگر مڇ رهي ٿو. جنهن جو رڳو وات ئي سورنهن گز آهي. اهو ٻڌي هنن کي اعتبار ئي نہ آيو. چيائون تہ: بابا! ڪوڙ ڳالهائي اسان کي مانگر مڇ کان ڊيڄار نہ ايڏو مانگر مڇ، اسان ٻُڌو نہ سُئو. پوءِ چيائون تہ: يلا، اهو مانگر مڇ ڪنهن اکين سان ڏٺو بہ آهي يا رڳو ٻڌل

---

[1] روايت [3] موجب

ڳالهيون آهن. تڏهن اوباهيي چيو تہ: اَبا! آءٌ اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان. ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ بيو تہ ڪير ئي ڪونہ گهڙيو آهي، باقي آءٌ عمر ۾ هڪڙو پيرو گهڙيو آهيان ۽ مانگر مڇ پنهنجي اکين سان ڏٺو اٿم.

اوباهيو پُٽن کي، ٿو چڱيءَ پت چئي
انهيءَ مانگر مڇ جي، تي ڳري ڳالهہ سُجهي
جيڪو پئي مُنهن مڇ جي، تنهن جو موتڻ مَس ٿئي
رکيو چنبا پَن تي، هُو واريو وات وجهي
خاوند خير ڪري، جو ٻيڙا اچن ٻاجهہ سين[1]

ڇهن ئي پائرن پيءُ جي ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪيو. چيائون تہ: بابو هرويرو اسان کي ڪُوڙا پار ٻڌائي، ڪُن ڏانهن وڃڻ کان جهلي ٿو. وري وڏڙن ۽ جُهونن ملاحن کان پڇيائون تہ: اوهان ڪڏهن ٻڌو تہ ڪو ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ گهڙيو؟ اُنهن چيو تہ: اسان ڪڏهن ڪونہ ٻڌو تہ ڪو ڪلاچيءَ جي ڪُن ڏانهن ويو يا ڪُن ۾ گهڙيو.

مورڙي جي پائرن پڇي پڪ ڪئي، ۽ سمجهيائون تہ مانگر مڇ ڏٺو ڪنهن بہ ڪونهي، رڳو اجايو ڊپ آهي. سو موتي پيءُ وٽ آيا ۽ اُن کي چيائون تہ: بابا! اسين وڃون ٿا ڪلاچيءَ جو ڪُن گهورڻ، جنهن جي مَڇ جو ملڪن ۾ ڏهڪاءُ آهي. اسان کي شاباس تہ ڪانہ چيئي مُرڳو روڪين ٿو. هاٺي تہ اسين بہ ڪلاچيءَ جو ڪُن گهوري، مڇ کي ماري ڏيکاريندا سين.

سيرهين کي جو اها خبر پئي سا ٻوڙي پائرن وٽ وئي ۽ کين منٿون ڪرڻ لڳي تہ: انهي قهري مڇ واري پاسي نہ وڃو. ٻر پائرن پيڻ جي ڳالهہ تي ڪَن ئي ڪونہ ڏنو. تڏهن ٻوڙي وڃي اوباهيي کي ٻڌايائين. وري جو ماءُ کي خبر پئي تہ انهي بہ پٽن کي گهڻئي منٿون آزيون ڪيون، ۽ ڪلاچيءَ جي ڪُن ڏانهن وڃڻ کان جهليو تہ: ابا! ان پاسي جيڪو ويو سو وري نہ موٽيو. اوهين بہ انهيءَ طرف نہ وڃو. ٻين مهاڻن بہ گهڻو ئي سمجهاين، ٻر هنن مڙسن جو شوق مقابلي تي جيئن پوءِ تيئن وڌڻ لڳو.

---

[1] روايت [3] موجب

پٽ تنهن پڙهيار جا، آتائي آهين
ٻيڙا ڪڍيو ٻاهر ڪريو، ٻينا ملاح مڪائين
ريشم منجهان راس ڪيو، ٻيا واڍيون وٽائين
اولا سندن عاج جا، ٻينا جوهر جڙائين
ڪشتيون ڪوڏ ڪلاچ ڏي، لهواريون لاهين
هاٽي لکيو لوڙائين، اج ڪِ سياٽي انگ جو.[1]

پوءِ تہ ٻيڙين جي نئين سر مرمت ڪرائي، پَٽ جا رسا وٽائي، انهن مان رَڇ ٻڌائي، ٻيڙين ۾ رکيائون. ۽ مڇ کي مارڻ جا هٿيار پنوهار ناهڻ لڳا.

اوباهيي جڏهن ڏٺو تہ مڙس ڪنهن بہ طرح نٿا مُڙن، تڏهن مورڙي ڏانهن ماڻهو اماڻيائين تہ من ان جي چوڻ سان مُڙي وڃن. قاصد، مورڙي کي سموري حقيقت کان واقف ڪري، اوباهيي جو نياپو ڏنو. مورڙي ان مهل ئي ڀائرن کي چوائي موڪليو تہ: ادا! جي مون کي ڀاءُ ڪري ڀانيو تہ پوءِ منهنجي هيءَ صلاح ياد رکجو. سمنڊ جا ٻيا ٽيئي پاسا اوهان لاءِ کليل آهن، پر ٻُلجي بہ انهيءَ ڪُن ڏانهن مُنهن نہ ڪجو. جي اوهان ڏن دولت لاءِ ايڏانهن سنبت ڪئي آهي تہ اهو بہ آءٌ اوهان کي ڏيان. باقي ڪلاچيءَ جي ڪُن تي ڪاهي، پاڻ کي هرويرو موت جي مُنهن ۾ نہ وجهو. ڀاءُ جي نياپي ملڻ تي هنن بهانو ڪري پيءُ کي چيو تہ: اسان جو سانباهو ڪُن ڏانهن نہ، پر ٻئي پاسي آهي. آخر سهي سنبري، ٻيڙا هاڪاري اچي ڪُن تي پهتا. هنن همراهن کي خبر ڪانہ هئي تہ مانگر مڇ ڪهڙي هنڌ وينو آهي.

سون مياڻيءَ جي مهاڻن کي جڏهن خبر پئي تہ اوباهيي جا پٽ ڪلاچيءَ جو ڪُن گهورڻ ٿا وڃن، سي بہ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ٻيڙيون سنيرائي ساڻن گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿيا.

گهاتو گهورڻ هليا، چڏيائون اوطاق
نو سؤ ٻيڙو گام جو، هونگ پوي پئي هاڪ
پڳهہ ڪٽي ٻُريا، مٿي ڪُن قزاق
دانهہ ساڻ دماڪ، ٻينا اولا ڏين عميق ۾.[2]

[1] روايت [2] موجب
[2] روايت [2] موجب

اوباهيي جو چوڻ نہ مڃي، ڇهہ ئي جوان ٻيڙا ڪاهي وڃي سير ۾ پهتا. ويچارو اوباهيو ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي پٽن جي خير سلامتيءَ سان موٽي اچڻ جون دعائون گهرڻ لڳو تہ: شال اُتر جو سٽائو واءُ تہ لڳي، جيڪو ٻيڙن کي اونهي سمنڊ ۾ ڌڪي وڃي، پر ڏکڻ جي هير لڳي جيڪا ٻيڙن کي سون مياڻيءَ موٽائي آڻي: پر جن جي قدرت جي طرفان مڇ جي هٿان موت لکيو هجي، سي ڪٿي تاُان ڪان بچي سگهن!

قصو ڪوتاهہ- ٻيڙا تِک تار لنگهي اچي ڪُن تي پهتا. لنگر هٽي پگهہ ڪيائون. مهاڻن رڇ ۽ پَن ڪٽي ڪُن ۾اُڇليا. مڇي هٿئي تما م گهڻي، سو ٻيا مهاڻا تہ مڇيءَ سان ٻيڙيون پري، خوشيون ڪندا مياڻيءَ ڏانهن موٽڻ لڳا. پر اوباهيي جي پٽن جا رڇ قدرت سان وڃي مانگر مڇ جي پير ۾ پيا. مڇ بہ ڪُن جي پاسي ۾ وينو هو تنهن ورائي ڪٽي رَڇن تي چنبا رکيا. رڇ قابو ٿي ويا. ڇهئي ڄڻا واري واري سان زور لڳائڻ لڳا. پر رڇ اصل نہ ڇُريا. رڇن سان گڏ ٻيڙا بہ قابو ٿي ويا. هاڻي موٽن سي ڪيئن موٽن! چيائون تہ مڇيءَ جي ڪري جار ايڏو ڳرو ڪين ٿيندو. خبر ناهي تہ رڇ ڇا ۾ رنڊيا؟ اِتي خيال آين تہ لاشڪ جنهن مڇ جون ڳالهيون ٻڌيون هيونسين. متان اُن جي ور اچي چڙهيا آهيون؟ اهو خيال ايندي ئي دهلجي ويا. اُن هنڌ پاڻي بہ ايڏو وڏو هو جو ونجهہ بہ نہ لڳي سگهي. نيٺ چيائون تہ: آيا آهيون تہ موٽي ڪين ويندا سون. پوءِ تہ خدا کي ياد ڪري ڇهن ئي پاڻرن گڏجي وٺي رڇ ڇڪيا، تہ بہ رڇ نہ ڇُريا. اها خبر ئي ڪانہ هين تہ رڇ ڇا ۾ اٽڪيا آهن. هنن جي ڇڪ ڇڪان تي مڇ کي بہ جا آئي ڪاوڙ تنهن رڇن ۾ وات وجهي ڏونڌاڙ ڏئي، رڇن ۽ ٻيڙن کي ڌڪي، وڃي ڪُن جو تر ورتو ۽ رڇ سوگها ڪري ويهي رهيو.

وجهي وات رڇن ۾، ديو ڏني ڏونڌاڙ
پاڻي پاڇيليون ڪري، ۽ مڇ ڏکن ڏهڪار
پوءِ منهن ڪڍي منهن ڪار، وڃي پيو پاڻيءَ تار ۾.[1]

[1] روايت [3] موجب

پاڻيءَ ۾ وجڻ کان اڳ مڇ منهن ڪيڏي ظاهر ٿيو جنهن تي هنن کي هيڪاري پڪ ٿي ته اچي مڇ جي ور چڙهيا آهيون. رچن چڏڻ تي به دل نٿي چين. جو اهي پَٽ مان نهرايا هٺائون ۽ سندن دلپسند هئا. پوءِ ته مڪڙيون موڙي اچي ڪُن تي بيٺا. ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته ڪنهن به طرح مڇ کي ماري ڪانئس رڇ ڇڏائجن. ساٽن جيڪي ٻيا مهاڻا هئا، سي به سڀ پنهنجون ٻيڙيون هاڪاري هليا ويا هئا. هي ڏاڍا دلگير ٿيا. آخرڪار وڏي ڀاءُ کان پڇيائون ته: پنهنجي زور جو ڪو آزمودو ورتو هجنئي ته اسان کي خبر ڏي ته تو ۾ زور ڪيترو آهي. تڏهن وڏي چيو ته: جي وڻ کي پاڙي ٻوڙي ڇڏيو هجي، ۽ ان جي انگهن سان رڇ اٽڪيو هجي ته آءٌ ٽبي هٽي، اُنهيءَ وڻ کي پاڙئون ڪيڏي ڇڏيان، ۽ چار کي ڪيڏي اچان.

نٺيو وڏي ڀاءُ کان، پڇي ڳوڏو ڳَر لائي  
ته توکي ظاهر زور جو ڪو آزمودو آهي؟  
چئي: ورائي ورک کي، پاڻي جي ٻوڙي  
اَڙي رَچ اَنگهن ۾، تنهين سان توڙي  
سو پاڙان پتوڙي، جوڙي ڪيان چار کي[1]

انهن مان هڪڙي ڀاءُ جي ٽبيءَ جو مدو اَٺ پهر هو تنهن ڀائرن کي چيو ته: آءٌ ڪُن ۾ گهڙان تو. جڪڏهن اَٺن پهرن تائين آءٌ موٽي نه آيس ته ٻيڙن جا واجهه وڏي موٽي وڃجو. منهنجي جيئڻ جو آسرو نه ڪجو. ائين چئي پاڻيءَ ۾ ٽبي هنيائين. مانگر مڇ به وات پٽيو وينو هو تنهن ورائي ڪٽي وات ۾ وڌس.

پهر انون ئي آئيو وينا ڪن وائي  
ادو اچ نه آئيو لنگهي ويس ڊائي  
ڪاهوڙي ڪائي، ڪنهن راوت رپ رهائيو[2]

اٺن پهرن تائين انتظار ڪيائون ٻر هو نه موٽيو. تڏهن وري "هنجهه" پاڻيءَ ۾ گهڙڻ لاءِ تيار ٿيو. چيائين ته: منهنجي ٽبي ٽن پهرن جي آهي، جيئرو هوندس ته موٽي ايندس، نه ته واجهه وڏي، ٻيڙيون ڇڏائي توهين هليا

---

[1] روايت [3] موجب

[2] روايت [4] موجب

وڃجو. ائين چئي اُهو به لتو پاڻيءَ ۾. مانگر مڇ اُن کي به ڳيهي ڇڏيو. تي پهر پائرن اُن جو به انتظار ڪيو. جڏهن اهو به نه موٽيو تڏهن آسرو لاٿائون. اُتي ”مانجهاندو“ اُتي ڪڙو ٿيو. پائرن کي پاڪر پائي چيائين ته: ادا! هاڻي جي حياتي هوندي ته وري ملنداسين. ائين چئي اُهو به اوڙاهه ۾ اَهلي پيو ۽ وڃ مڇ جي وات ۾ پيو. وري ”اڱاريو“ اُتيو. ڏٺائين ته پائر ڪين وريا. سو به بين پائرن کان موڪلائي ڪُن ۾ ڪاهي پيو. مڇ انهيءَ کي به ورائي ڪٽي وات ۾ ڪيو. اهڙيءَ طرح اُهو به وڃي پائرن سان پيڙو ٿيو. تڏهن وري ”پڻهيار“ پاڻيءَ ۾ ٽپي پيو. جيڪو سيني ۾ وڏو هو. پر اُهو به ٽپي هٽي مڇ تائين پهتو ئي مس ته اُن کي به مڇ ورائي ڪٽي سوگهو ڪيو. اهڙيءَ طرح پنج ئي پائر وڃي مڇ جي پيٽ پيا هئا. باقي بچيو ”ويڏو“ سو به رڃ ۽ ونجهه اُڇلائي، پائرن جي جدائيءَ ۾ دانهون ڪوڪون ڪندو پاڻيءَ ۾ ڪاهي پيو ۽ اُهو به وڃي پائرن پيڙو ٿيو.(1)

ڪيئون مارين ڪُن ۾، رات مٿان پيئي
اوليون اُجهڻ لڳيون، ويڙن واجهه وهي
ڪلاچئون ڪهي، ماري مڇ نه موٽيا.(2)

رات گذري وئي، صبح ٿيو پر ڇهئي جوان نه موٽيا. اوباهيو ويچارو پُٽن کي نه آيل ڏسي غمگين ٿي ويو ۽ چيائين: اڳي سويل موٽي اچن. اڄ الائي ڇو دير ڪئي اٿن. ٻوڙي سمنڊ جي ڪپ تي وڃي ۽ اُتي ٻيهو پُٽن کي سڏي آخر ٻڪ ٿيس ته ڪلاچي جي ڪُن واري مانگر مڇ جي منهن ۾ وڃي پيا. پوءِ ته مهاڻا ان جاءِ تي ٻيڙيون ڪاهي ويا. ڏسن ته هنن جا ٻيڙا

---

(1) روايت [6] موجب: موري جا پائر مڇي مارڻ لاءِ ڪلاچيءَ جي ڪُن تي ويا. ڪُن ۾ ڪنهن مانگر مڇ ٻچا ڏنا هئا. پاڻيءَ جي ڇاڇول تي اُهي ٻچا رڇن ۾ ڦاسي پيا. جن کي هنن وڍي ٽڪي ماري ڇڏيو. مڇ اُن مهل شڪار تي ويل هو. موٽي اچي مُئل ٻچا ڏٺائين. تڏهن ڪاوڙجي سندن ٻيڙن تي ڪاهيائين ۽ ٻيڙيون ۽ رَڇ ڇني، ڇهن ئي پائرن کي ڳهي ڇڏيائين.

روايت [7] موجب: موري جا پائر ٻيڙيون ڪاهي مڇي مارڻ ويا ۽ وڃي ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ ڄار وڌائون. جي مڇ ورائي ڪٽي وات ۾ ڪيا. واري واري سان ڇهئي پائر لٿا جن کي مڇ ڳيهي ڇڏيو. جمڙيءَ کي اها خبر پيئي سا پاڻ موري وٽ ويئي ۽ کيس پائرن جي موت جي خبر ٻڌايائين.

(2) روايت [2] موجب

سمنڊ ۾ پيا ٻُلڪن. سندن مولهيا، ٻيڙين ۾ پيا آهن. اوليون پڳيون پيون آهن، جي مَڇ ۽ رَڇن جي ڇڪ پڇي ڇڏيون آهن. اهو سامان ۽ ٻيڙا اوباهيي کي ڏنائون. اوباهيو پٽن جي موت جي خبر ٻڌي واويلا ڪرڻ لڳو. اِها خبر جڏهن سون مياڻيءَ ۾ پئي تڏهن ماتم مچي ويو.

هن حادثي جو ٻڌي سون مياڻيءَ ۾ ماتم پئجي ويو. مورڙي جي ڀاڄاين ڇُوڙا ٻيڙا لاهي ڪٽي سَٽيا، وار ڇوڙي، ڪارا ڪپڙا اوڍي ورلاپ ڪرڻ لڳيون.

ملاحين ڪيا مُنهن رتڙا، ڪُتي ڪانڌن لاءِ،
مهاڻيون رهيون ماتام ۾، سوڙهي هڪ ٻه جاءِ،
ماڻهو مُنجو مور ڏي، وڃي سُڌ سُڻائيس ساءِ،
ڀڙا تنهنجا ڀاءُ، ڪيڻون ماري ڇڏيا ڪُن ۾.[1]

سيرهين ۽ اوباهيو ٻوڙي سمنڊ جي ڪپ تي آيا، نلها ٻيڙا ڏسي آهون ۽ دانهون ڪرڻ لڳا. آخرڪار سيرَهين، اوباهيي کي چيو ته: ماڻهو موڪلي مورڙي کي گهراءِ ته اُهو اچي خوني مانگر مڇ کي ماري، ڀائرن جو وير وٺي. اوباهيي يڪدم مورڙي ڏانهن ماڻهو موڪليو. جنهن اهو حادثو وڃي مورڙي کي ٻڌايو.

وَنِي وير هَتاءِ ڪِري پٽ پُٽون تي
مانجهيَ پڇيو مورڙي کان، دلبر دلوراءِ
ڏي ڪُنَ ڪَل ڪاءِ، جا آيئي مانجهي مورڙا.[2]

مورڙي اُن وقت دلوراءِ جي دربار ۾ شراب پئي ورهايو. پيالا ڀريندي دلوراءِ ۽ ٻين اميرن وزيرن کي پئي ڏنائين ته پيءُ جو پيغام مليس.[3] ڀائرن جي موت جو ٻڌي اکين اڳيان اونده اچي ويس. شراب سان ڀريل پيالو هٿ مان ڇڏائي پَٽ تي وڃي ڪِريو ۽ پُرزا پُرزا ٿي ويو. تڏهن دلوراءِ پڇيس ته: مورڙا! قاصد ڪهڙو نياپو ڏنئي جو هوش ڇڏائي ويو اٿئي؟ تڏهن اکين ۾ پاڻي آئي. ڀائرن سان ٿيل حادثي جي خبر ٻڌايائين.

---

(1) روايت [2] موجب
(2) روايت [1] موجب
(3) هڪ روايت موجب مورڙو اُن وقت دلوراءِ سان گڏ شڪار تي هو.

ماڙيءَ چڙهيو مورڙو، تو ڏٺي دلوءَ کي دانهون
ڪالهه ڪري ويا ڪُن تي، سورهيہ سنائون
نڪو موٽي آئيو، نڪي ماٺهو مُڪائون
ڏسيو سُچا گهر گهاتن جا، ڪري اوباهيو آهون
اَدن ري آئون، ڏک گذاريان ڏينهڙا.[1]

دلوراءِ کي بہ ڏاڍو ڏک ٿيو. تنهن ڪيس موڪل ڏني تہ پلي وڃي سون مياٽيءَ ۾ رهي ۽ ڏکويلن سان حال پائي ٿئي.

مورڙو سون مياٽيءَ ۾ آيو تہ پيءُ، ڀاڄايون ۽ ڀيڻ ويڙهي ويس. چيائونس تہ: مانگر مڇ کي ماري پاڻرن جو وير وٺ. مورڙو هڪ تہ منڊو ٻيو پاڻيءَ جو گهيڙو ڪونہ هو، سو ماٺ ۾ اچي ويو تہ اهڙيءَ آفت کي ڪيئن مارجي، جنهن جو رڳو وات ئي سورنهن گز هو.

ماڙيءَ چڙهيو مورڙو، تو ڏسي ڀاڄايون
نڪي نٿون نڪن ۾، نڪي ڪلهن ۾ ٻانهيون
هن وٽ ڀاڄايون، آيون ڪارا ڪري ڪپڙا

پوءِ گهڻن ئي گهاتوئن کي هوڪاريائين، پر ڪنهن بہ ڪُن ڏانهن هلڻ جي هام نہ هڻئي.

مورڙي جي ڀائرن جو موت سانوڻ جي مهيني ۾ ٿيو هو. اُن وقت سمنڊ ۾ طوفان ۽ چولين جي چاڙهہ سببان ٻيڙيون ڪاهڻ ئي ناممڪن هو. انهيءَ ڪري هو بہ سمنڊ جي مانيءَ ٿيڻ تائين ماٺ ۾ رهيو. تان جو مٿان اسوءَ جو مهينو اچي سهڙيو. پاڻيءَ ۾ چينهرو آيو. سمنڊ ۾ جتي ڪٿي ٻيتاريون ظاهر ٿي پيون. وڏي ۽ اونهي پاڻي ۾ خبر ئي ڪانہ پوندي هئي تہ مڇ ڪٿي وينو آهي. پر هاڻي مڇ بہ اونهي سمنڊ ڏانهن ورڻ جي تي ڪئي. تل ترايون سڀ ريٽ سان پرجي چڪا هئا. هاڻي ڀاڄاين ڪان بہ سَنو نہ ٿيو سي سيئي ڪارا ڪپڙا ڪري، مڙي مورڙي وٽ آيون ۽ ڪيس طعنا مهڻا ڏيئي چوڻ لڳيون:

ڏکين، ڏير ڏسي چيو هي تو ُوڙ پاؤ ناهہ
اچي اوڏج ڪنجرو، پڳ مٿاهين لاهہ

[1] روايت [2] موجب

ڪر زالاٽا ڪپڙا، ڪَت پُوٽين جو پاءُ
سجڻن ريءَ سُڃ ۾، اچئي ڪيئن تو ساءُ
مردن بنان مهل ۾، ڪونهي ڪو همراهه
اُتي تُرت تيار ٿيءُ، ترس نه، ڪر ڪجهه تاءُ
جائين ٻيءَ پيٽاءُ، تڏهن تو ترسين تار ڪان[1]

ياڃايون، مورڙي کي چوڻ لڳيون ته: تون شايد ويريءَ کان وير انهيءَ ڪري نٿو وٺين جو هو تنهنجا سڳا ڀائر نه هئا. تو جهڙي ڀاءُ کان ته پينگ ڀلي هئي.

قسم ڪائي اُتيو، شان وڏي سان شير
ڪٽندس ڪاهوڙين جو پاٽيءَ منجهان پير
ماري ڪندس ڍير، لاهيندس مٺي مَڇ جي[2]

وَر- ولهين ياڃاين جي طعنن ۽ ورلاپن هاٽي هن کي ويهڻ نه ڏنو. مانگر مڇ سان مقابلو به ڪيس اڪيلي سر ئي ڪرڻو هو سو سوچ ويچار ڪري دلوراءِ وٽ ويو ۽ چيائينس ته: مونَ کي رُڪ مان هڪڙو ڪائو ۽ هڪڙو فانوس نهرائي ڏي فانوس ۾ اندران وَر وَر تي تکا ۽ مضبوط ڪات اهڙيءَ طرح رکيل هجن، جو ڪَل چورڻ سان وَر وَر تي ڀليءَ جي نُنهن وانگر اندر ٻاهر ٿي سگهن. تنهن ڪري مون کي ڪاريگر لُهار ۽ گهربل سامان موجود ڪرائي ڏيو ته آءُ اهو ٻُن بنايان. دلوراءِ يڪدم اهڙا ڪاريگر گهرائي ورتا، جن رات وچ ۾ ڪائو ۽ فانوس ناهي ڏنو.[3] مورڙو صبح سان اهي سامان کڻي سون مياڻي پهتو جتي سندس ياڃايون ڇُتا چوڙي، ننڍڙا ٻار ڪَڇن تي کنيو سندس واٽ ڏسي رهيون هيون.

دلوراءِ کي جڏهن مورڙي ٻڌايو ته: آءُ ڪنهن به طرح مڇ ماري ڀائرن جو وير وٺندس، سو حيران ٿي ويو ته مورڙو ڪمزور ۽ تنگ ڪان جڏو سو ڪيئن مڇ جهڙي آفت سان مقابلو ڪندو! پر جڏهن مورڙي کيس ٻڌايو ته

---

[1] روايت [10] موجب
[2] روايت [10] موجب
[3] روايت [12] موجب: مورڙي پاڻ لوهر کان ڪاهِت ۽ ڪائو نهرايو ۽ ڪائي ۾ ڪئين هنر ۽ هتيار رکيائين.

ڪيئن نہ هٿيارن جي حرفت سان مڇ کي مارينداس: تڏهن اهو مقابلو ڏسڻ لاءِ پاڻ بہ لشڪر سميت ڪوچ ڪري ڪلاچيءَ جي ڪُن تي آيو ۽ ٽنبو طولان هٽي ويهي رهيو.

سٽي مصلحت مور جي، چڙهيو دلوراءِ پاڻ
سنبري چڙهيو شير سان، ڪچون مارڻ ڪاڻ
اچي لٿا آهن جوانڙ، ٽنبو تاڪي تڙ تي.[1]

مورڙي کي مڇ سان وڙهڻ لاءِ سنبرندو ڏسي اوباهيو هنجون هارڻ لڳو ۽ مورڙي کي چيائين تہ: مورڙا! اڃا هنن ڇهن پٽن جو درد ئي نہ وسريو آهي تہ وري تون بہ تو سندن پنيان وڃين!

اوباهيو آهون ڪري، دانهون درد منجها
گهوٽن مُئي گهڻون ٿيون، سڙيو وڃي تو ساهہ
ستون ڏئين سر سير ۾، ڪوهہ ڪڇاڙيءَ لاءِ؟[2]

هو ڇهہ ڄڻا تہ وڃڻ کيَ ويا، خدا جي مرضي ائين هئي، پر باقي تون ئي وڃي منهنجي جيءَ جو اڳانڊو رهيو آهين، تون تہ مون کي اڪيلو ڇڏي نہ وڃ. اِتي پيا بہ کيس منع ڪرڻ لڳا، پر مورڙي کين جواب ڏنو تہ: ڀائرن کان سواءِ ڪهڙو جيئڻ؟ ڀائرن جي وڇوڙي اندر ۾ باهہ لڳائي ڇڏي آهي، سا تيسين نہ وسامندي، جيسين مانگر مڇ کي ماري ان جو رت نہ پيئان. پوءِ ڀاڄاين ۽ پيڻ کي چيائين تہ: جيئرو موٽي آيس تہ وهواهہ. نہ تہ بابي جو ڀارت هجيوَ. سون مياٽي سڄي اوهان جي آهي: ائين چئي مورڙي ڪانئن موڪلايو.

مورڙي يڪدم پنج سؤ سانَ ۽ پنج سؤ تازيون ويايل گهوڙيون ڦرن سميت آڻايون. پوءِ ڪُتن جي لوڌ گهرائي، ڪاٺو ۽ فانوس ڪٽي جڏهن ڪُن ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن ڪوبہ ماڻهو ساڻس گڏجي هلڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. چاڪاڻ تہ اڳئي مڇ جي هيبت ڏني هئائون. مورڙي چين تہ: مون کي رڳو اهو هنڌ هلي ڏيکاريو، جتي مڇ رهي ٿو. ملاحن لاچار اهو گهيڙ اچي ڏيکاريس. اتي ڪُن ڏانهن مُنهن ڪري چائين تہ: ٻليءَ جا ٻچا، خبردار ٿيءُ تو منهنجا ڀائر کاڌا آهن. پر آءٌ بہ جيسين توکي نہ ماريان، تيسين سُک نہ

---

[1] روايت [2] موجب
[2] روايت [2] موجب

سُمهان. پوءِ مضبوط رسا ۽ زنجير آڻي فانوس ۾ ٻڌائين ۽ انهن جو ٻيو ڇيڙو سانَن جي ڳچين ۾ ٻڌائين. ڪي رَسا وري گهوڙين جي ڳچين ۾ ٻڌايائين. اهو سڀ بندوبست ڪري، ماڻهن کي چيائين ته: جنهن وقت زنجيرن کي لوڏو اچي، ان وقت گهوڙين جي ڦرن پنيان ڪُتن کي ٻَڇ ڪجو ۽ سانن جي پُنيءَ تي تيل هارائي، هٿيار پنوهار ڪٽي فانوس ۾ تي وينو. ماڻهن فانوس کي ڪٽي ڪُن ۾ اڇلايو. فانوس اچا ڪُن ۾ ڪريو ٿي مس ته مڇ ڪٽي وات ڦاڙيو ۽ فانوس سندس وات ۾ هليو ويو. مورڙي يڪدم ڪاٺو ڪٽي مڇ جي پٽيل وات ۾ ٻنهي ڄاڙين جي وچ ۾ اُڀو ڏنو ته جيئن مَڇ وات نه پوري فانوس جڏهن مَڇ جي تڙيءَ ۾ آيو تڏهن مورڙي به ڪَل کي ڦيرايو ته فانوس ۾ لڪل ڪات ٻاهر نڪري آيا.

ُدز وڏي دماڪ سان، ُاتيو مڇ به مستانو
ڏيئي ڪات ڪلين ڪان، ڪيس راوت روانو
پوءِ دسيو ديوانو گهاتو پهرئين گهاوَ سان[1]

مَڇ جيئن جيئن فانوس کي ڳيهڻ جي تي ڪئي، تيئن تيئن ڪات ويا ٿي سندس نڙيءَ ۾ کُپندا ۽ ڪائي جون ڇهنباريون ڄاڙيون ڄاڙين ۾ گهڙنديون ويس.

اهڙيءَ طرح مورڙي وارو فانوس ويو اندر پيهندو ۽ رفته رفته ٻيا ڪات اُن مان نڪرندا تي ويا، جي مڇ جي ڪلين، آنڊن ۽ جيرن کي ڪپيندا تي ويا.[2] مڇ کي اچي لوڇ پوڇ لڳي. سمنڊ ۾ ڇاڇول پئجي وئي ۽ سارو پاڻي رت ۾ ڳاڙهو تي ويو. مڇ جي ڊپ کان جيڪي ڪنارن تي ماڻهو بيٺل هئا، سي وني ڀڳا ۽ گپ ۾ ڪرندا، مرندا، جهرندا وڃي ڪناري تي بيٺا. جڏهن مڇ ساٺو تي پيو، تڏهن مورڙي زنجيرن کي زور سان لوڏيو. ٻاهر بيٺل ماڻهن به يڪدم سانن جي پنيءَ تي ڪٽي اُماڙيون اُڇليون، ۽ ٻين وري گهوڙين جي ڦرن جي ڪَڍ ڪتا لاٿا ڦر ڊڄي زور سان ڀڄڻ لڳا ته گهوڙيون وري بيتاب ٿي ڦرن جي ڪڍ هٽڪنديون ڀڄڻ لڳيون. سانن کي جو ٻاهه تپايو سي به سمورو زور

[1] روايت [1] موجب

[2] روايت [6] موجب: مورڙو مڇ جي پاندي ۾ گهڙيو ته پاڻرن جا لاش سلامت ڏسجڻ ۾ آيس. اُنهن جي دل تي هٿ رکيائين ته اجا منجهن ساهه هو. روايت [7] موجب: مورڙو سڄي رات مڇ سان وڙهيو ۽ مڇ کي ماريائين.

لاٽڻ لڳا هوڏانهن فانوس کي جا ڇِڪ آئي تہ اُن سان گڏ مڇ بہ ٻاهر ڪڇڻ لڳو. تان جو گهلبو اچي ڪناري تي پيو. مورڙو پوءِ فانوس مان نڪري آيو ۽ واه واه ٿي وئي. پوءِ تہ مهاڻا ڪات ڪهاڙا کڻي اچي مڇ کي لڳا ۽ ان جي پيٽ کي چيري، ڇهن ئي ڀائرن جا لاش ان مان ڪڍي ٻاهر ڪيائون.[1]

دلوراءِ بادشاه، مورڙي جي مڇ سان مقابلي لاءِ پنهنجي لشڪر ۽ اميرن وزيرن سميت اتي موجود هو. جو مورڙي کي آفرينون ڏيئي روانو ٿيو. ساڳئي وقت ان موقعي تي سون مياڻيءَ جا سڀ مهاڻا، مورڙي جو پيءُ اوڀاهيو سندس ڀيڻ سيرهين ۽ سندس ڀاڄايون، سڀ موجود هئا، جي مورڙي کي صحيح سلامَت ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ کيس مڇ جي مارڻ جون مبارڪون ڏنائون.[2]

گهاتو ڀرئين گهاوَ سان، ڪيو خونيءَ کي کيرو
وڍيائين ويريءَ جو جيءُ ٻُڪيون جيرو
آفرين دلوراءِ چيس، تو ماريو متيرو
ارڏا! ڪيئي اهڙو ڀائرن تي ڀيرو
اِهو ڪُوپا! ڪم تيرو، جو ورتئي وير وقوف سين.[3]

[1] روايت [6]، [13] ۽ [16] موجب: مڇ کي ڪُن مان ڪڍڻ لاءِ ڏڳن جون سؤ جوڙيون آنڌائون، جن کي ڀاڄاريون وجهي، انهن ۾ ريشم جا مضبوط رسا ٻڌي، وري مڇ سان ٻڌائون. پوءِ ڏڳن کي هڪليائون، پر مڇ ايڏو هو جو چُريو ئي ڪون. تڏهن وري سؤ ڀاڏا آڻي ٻڌائون. اُنهن کان بہ مڇ ٻاهر نہ نڪتو. آخر دلوراءِ جي حڪم سان سڄي ملڪ مان نَوَ سؤ گهوڙيون ڦرن سميت اچي ڪٺيون ٿيون. پوءِ گهوڙين کي رسن سان جوٽي، ڦر ڀري ٻڌائون. جنهن مهل ڦرن دانهون ڪيون، تہ گهوڙين مڇ کي ڪُن مان ڇڪي ٻاهر آندو. روايت [7] موجب: سانن کي ڀاڄارين ۾ ٻڌي، سانن جي پنيءَ تي ٽانڊا اڇلايائون تہ اُهي مڇ کي ڪُن مان ڪڍي آيا. روايت [10]

پاتائون ڀاڄارين ۾، سوڏا سانن سؤ
ڪيچئون چريو ڪينڪي، جيڏا ڏنئون جؤ

[2] ڪن روايتن موجب: جنهن ڏينهن مورڙي کي ڀائرن جي موت جي خبر ملي، ان ڏينهن ئي دلوراءِ کيس رات وچ ۾ لوهارن کان ڪاٺو ۽ فانوس ٺهرائي ڏنا. مورڙو اهي کڻي ٻئي ڏينهن ڪلاچيءَ جي ڪُن تي پهتو ۽ مڇ کي ماريائين. هڪ روايت موجب: جڏهن مڇ جو پيٽ چيريائون، تڏهن اُن مان ڇهنئي ڀائرن جا لاش سلامت نڪتا، ۽ کين اُن وقت ڪُڪيءَ ۾ ساه هو. يڪدم ڪيهہ گهرائي هنن کي کڻي ويڙهيائون، پر سندن حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿي چڪا هئا، سو اُتي ئي ساه ڏنائون.

[3] روايت [2] موجب

مورڙي پائرن جا لاش ڏسي، جوش مان مڇ کي ڪات هڻي، رت جو ڍُڪ پري پيتو.

گهلي ڪڍيو گهير مان، مانجهي مڇ مٿير
چيري ڪڍيئين چاهه مان، ڇهئي نر ڇپير
وڍي ٽُڪي مڇ جا، هڏا ڪيئين ڍير
موڪليائين ماڻهو پيءُ ڏي، وڏيءَ تنهن وير
صبح جو ڪٽي هليا، سورهيه سرس سوير
پريون سُرڪيون رت جون، مڇ مان مورڙي شير
پالُوماٽي پير، سڀ ملهايا پانهنجا[1]

پوءِ پائرن جا لاش اُتي ئي دفن ڪري سون مياٽي موٽي آيو.[2]
اوباهيي وري مڇ جي کل لهرائي، رڱائي، اُن مان جوراب ٺاهي پيرن ۾ پاتا.

لاهي کل خونيءَ جي، رڱ ۾ رڱيائين،
جورابا جزيد جا، پيرين پاتائين[3]

مورڙو ڪجهه عرصو اُتي رهي اچي دلوراءِ جي دربار ۾ حاضر ٿيو. جنهن کيس گهڻو انعام ڏنو ۽ سون مياٽي هميشه لاءِ سندس خاندان کي جاگير ڪري ڏني. پر مورڙي کي چيائين ته: مورا! مون کي خبر پهتي آهي ته تو مردار مڇ جو رت پيتو آهي، تنهن ڪري هاڻي تون منهنجي ڪم جو ناهين. ۽ پلي وڃي سون مياٽي وساءِ جڏهن به توکي ڪا ضرورت پئي، ته اسان وٽان توکي ضرور مدد ملندي ان بعد مورڙي باقي حياتيءَ جا ڏينهن پائرن جي مقام تي مجاور ٿي گذاريا. جڏهن پاڻ وفات ڪيائين ته کيس به انهيءَ مقام ۾ دفن ڪيائون. اهو مقام اڄ تائين ڪراچيءَ لڳ اُتر- اولهه طرف مورڙي جي نالي سان مشهور آهي.

----------

[1] روايت [10] موجب
[2] روايت [6] موجب: لاشن کي وهنجاري سهنجاري، ڪنن تي ڪٽي گهر آندائون ۽ پوءِ وڃي دفن ڪيائون.
[3] روايت [7] موجب

# روايت [1] *

## بيت چيل امين ڪٽيءَ جا

1- ٻاڇو ۾ ٻالاچ هئا، ذات ڀلا ڀَوَ ڏِين
بديءَ ڪؤن بدنام هئا، چوريءَ ڪؤن ٻـ چين
حڪمت ڪاڻ هلي ويا، وٽ جوڳيءَ راول زين
هڪ ڪڙو تيو خدمت ۾، ٻيو اُيو اُات امين
ٻاڙهي تن ڪي ٻرت منجهان، جوڳي جيارين
تنهان پوءِ تِنين، موڪل گهري مهنت ڪان.
2- هڪڙو سبق سکيو، ٻيو ڪڙو خذمتدار
ٻاڙهي تنهين ٻرت منجهان، جوڳيءَ ڪيا جُهار
تنهان پوءِ تڪرار، ڪامل گهٽو قراريا.
3- موڪل وني هليا، سوڏي ساهيءَ ڪانءُ
عقلوند اڳي هئا، ٻيو پڙهي پين سماءُ
ويندي ڏنائون واٽ تي، ڪو آڪيرو اڳيانءُ
وير چڙهي ويو وڻ تي، سو ورنه ڪنهن واتاءُ
آنڊئين آنا ڳيريءَ جا، پؤنس لڪائي پانءُ
پکيءَ پيو نـ گمانءُ، تـ ڪو چور ڪري ويو چورَئي.
4- تنهان پوءِ تڪراري، ڪامل ڪَؤنس ڪيي ويو
ڪِ چڙهندي وڻ ڇُري پيو، ڪِ ڪَلَ پکيءَ پيئي
ڪِ آنا اتيئي، تون ايهين موٽي آئيين!

---

* هيءَ روايت سگهڙ حامد خان رند (عمر اَسي ورهيه)، وينل ڪڪرانڊ، تعلقو ميرپور ساڪرو جي زباني قلمبند ڪئي ويئي. حامد خان جي چوڻ موجب شاعر اَمين، مشهور سگهڙ جلال ڪٽيءَ جو پاءُ هو. اڄ (19 جنوري، 1964ع) ٻيهر حامد خان ڪان هي بيت چوائي پيٽيا ويا (ن-ب)

21- دلوءَ دلاسي اُتي، ويهاريو سو وير
تہ ماندو ٿي نہ مورڙا! ڪر تون ساھہ سڌير
ڪنڌ، مصريون، ڪير، هٿ مولو ڏيندءِ مورڙا!

22- دلوءَ دلاسي اتي، ويهاريو وريام
تَڪن ڪَمي ناهہ ڪا، ڪر اسان وٽ آرام
پوءِ سرهي سلام، وڃي پائرن پهتو پاءُ جو.

23- اڪر پڙهي اوپايو ٿيو تن منجهہ توانو
اُپريو ايءُ ساهہ جو، جنهن کي خوش نہ اڇي ڪانو[1]
چئي: جوان پري جانو وڃي پاءُ پرچايو پانهنجو.

24- پاءُ پرچائي پانهنجو، وري آيا وير
پيٽن اتي پاپ سين، ڪئي سڏ سڌير
سگهو ايندو مورڙو پرچايو ڪنهن پير
ڪنڌ، مصريون ۽ ڪير، ات مولي ڏنا مور کي.

25- هڪڙا ماڻهو مياڻي شهر جا، ڏڙَ گڏيم ڏيهي
پيو ماءُ پيءُ موڪل نہ ڏين، جن کي هئي اُڪنڊ اڳيئي
پي ڳالهہ ڪريان ڪيهي، توسان قبلا عالم ڪوڙ جي.

26- اُت ڏنگ ڏنائينس دست ۾، تہ درس دارون پيار
حاجت تن هٿن جي، تون وَنڪا ڪيم وسار
سانڪَ ڏنائينس هٿ ۾، ٿيو بادشاهہ پاڻ قرار
پوءِ دلوءَ کي دبار، وڃي ڪَڙول ڪُوڪي آئيو[2]

27- اٿي سڏيائين پانهنجا، صوبا ۽ سردار
تہ مڙس ماريا آهن مامري، نَو پورا ۽ چار
گجي تنهن گوجار، شيرَ گهٽا ٿي سٽيا.

28- شيرَ گهٽا ٿي سٽيا، جو وڙهي شينهن ويو
تون پاڇاين ۾ پڌرو توکي ڪوهہ ٿيو
ڪِلو جن ڪيو سي مڙس مڙوئي ماريا.

[1] بي پڙهڻي: اُپريو ئي شاهہ جو جو خوش اڇي خانو.
[2] ڪَڙول = دلوراءِ جو نوڪر. ڪُوڪي = سڏي -- هوڪاري

29- مڙس مڙوئي ماريا، جن مروڙيون ماريون[1]
شينهن انهن کي سامهيون، اکيون ٽيڪاريون
تيرهن تراريون، سي سر نہ وهيون شينهن جي.

30- اُت مانجهي اتيو مورڙو، ڪم چڙي سپ ڪار
جهاڳي ويو جهر جهنگ ڏي، جت هئي ڪلي جي ڪار
سپر اُپاڙي سامهين، ڪيئين تياري ترار
وَجي پهتو پار، لنگهي لاهي ليث ڪؤن.

31- لنگهي لاهي ليث ڪؤن، ان دائم ڏريو ڏيان
راجا گهڻو راضي ٿيو ٿيو مالڪ مهربان
ڏنائينس ڏيهہ ڪٽي، سون مياڻي ڏان
لکي مڪو لاڏڪي، اهو پائرن ڏي فرمان
ڪائو هي انعام، جو دعويٰ راءِ چڙي ڏني.

32- پٽ اويائي پڌرا، ڏيهہ سندن ڏاني
ٽيڙا انعامي، تڏهن وهم رکيائون ويڙهہ تي.

33- مون کي پانيو پاءُ، تہ مصلحت منهنجي ڪن ڪجا
ڪِلو ڪو مَ ڪجا، ڪلاچيءَ جي ڪُنَ سان[2]

34- ڪِستيون ڪست ڪلاچ ڏي، تا مانجهي مکائين
اولن متي عاج جا، اچيو جنهور جڙائين
ريشم رنگ رنگيلا، تا لاجن تي لاڙين[3]
ڪِيرا ڪُن ڪلاچ تي، وجيو ڪاهہ منجهان ڪوڙين
اج سيان لوڙين، اکر ايرادت جو.

---

(1) مروڙيون = فوجون.

(2) ٻي پڙهڻي:

مان جا چوان ڳالهڙي، سا پائر سٽيجا
ڪلاچي جي ڪن سان، ڪلو ڪو مَ ڪجا
سجي ٿو هن پار جو، ڪو ڏپ سٽائو ڏاءُ
مون جي پانيو پاءُ، تہ اها مصلحت لائجو من سان

(3) ٻي پڙهڻي: ريشم رنگيلا، بينا چوتيلا چاڙهين.

35- ڪالهہ ڪلاچي ڪُن تي، ويا هٿا مَل مڙي
جنگن سندي جنگ جي، ٻڌي پائرن خوب پڙي
ويا سپ گهوٽ گهڙي، ٻر وري وريو ئي ڪونڪو.

36- ڪالهہ ڪلاچي ڪُنَ تي، ويا جولي چار ڪٽي
رنڌين رڇ ”اَمين“ چئي، ويين وَم وٽي
اکر ارادت جي، وڌا هول هٽي
گهاتوئڙن گهٽي، تي دلگيري دل ۾.

37- پهريائين ’پَنيَهر‘ چيو گهاتو آءٌ گهڙندوس.
ترو تانگهي ڪُنَ جو وچي سنجن سار ڪندوس
ٽاٽو آهيم ٽبيءَ جو، پهر انين ايندوس
پوءِ سپ خبر ڏيندوس، تہ رڇ ڪچاڙي رنڌيا.

38- اُت ’اڱاري‘ پائرن کي، ڏنو ڏس ڪرو
ست پهر سَيل ڪري، ڏسان ڪُن ترو
هن ٿهري ڪلاچ جو آءٌ پائيندس پرو
ان ڪؤن پوءِ ڏرو منهنجي جيئڻ مَ ڪجا آسرو.

39- پڙ سخن پائرن سين، ڪيو ’مانجهاندي‘ مذڪور
ٽاٽو آهيم ٽُبيءَ جو ڇهون پهر پُور
ان ڪؤن پوءِ ضرور، منهنجي جيئڻ مَ ڪجا آسرو.

40- پڙ سخن پائرن سين ’ليلي‘ آکيو لال
ٽاٽو آهيم ٽبيءَ جو پنجون پهر ڪمال
ان ڪؤن پوءِ في الحال، منهنجي جيئڻ مَ ڪجا آسرو.

41- پڙ سخن پائرن سين، ’سانئل‘ آکيو سوال
تہ ٽاٽو آهيم ٽبيءَ جو چوٿون پهر ڪمال
ان ڪؤن پوءِ في الحال، منهنجي جيئڻ مَ ڪجا آسرو.

42- هميشہ ’هنجهہ‘ جي، ٽبي پهر تي
جتان تارو اُپري، جنگ جهان ئي ڏي[1]

---

[1] جتي ٽبي هٽندو اتان ئي نڪرندو هو.

گھاتو پائرن کي چيو اَئين وھم نہ پئجا بئي
آءُ ھوندس جئيرو جي، تہ سپ ڪَلَ ڏيندس ڪُن جي:

43- ڦِرِيائين پَنيھَر گھڙيو، متان اُھريو اڱارو
مانجھاندي مذڪور سين، ڪيو اتي امارو[1]
للو تن ۾ لاڏڪو جيئن ترت ڪڙي تارو
سانئل سنڍيو ڪينڪي، جو ھو پاٽيءَ پاسارو
ھٿ ڪراڙو ھنجھہ ھِو قوت قرارو
ھاڻ آيو تو وارو، ڪرھيين چونہ ڪلاچ تي:

44- وتِي وير ھتاءِ، ڪري پٽ پٿون تي
مانجھي پڇيو مورڙي کان، دلبَر دلوراءِ
ڏي ڪُن ڪل ڪاءِ[2]، جا آيئي مانجھي مورڙا!

45- چئي: ڪالھہ ڪلاچي ڪُن تي، ڦھر تي گنريو[3]
جُنگن سندي جَنگ جو مون کي ٻرو ڪونہ پيو
ھاٽي ڪائو ڪات ڏيو تہ وڃي مامرو ڪريان مڇ سين:

46- تنھن مھل تڪو ڏنئين،[4] ڪٽي ڪائو ڪات
ٻارھن گز ٻجھي تو اڳيان واڳونءَ وات
ايھا ڳالھہ اثبات، تي معلوم مانجھي مورڙي

47- سون مياٽيءَ موز جو، وڳو نغارو
سر ويريءَ وارو، ڪندو ڪوپو ڪُن ۾:

48- ڏنس ڏيراٽين مھٽا، سرتين سچيتا
تہ گڏ تي ٻڌيئي پاڳ، ۽ اوديئي تي ڪپڙا
پيءُ سين جو ھيڪڙو، شت ماتيجي تو ماءُ
تون جائين پيءَ پيتان، تڏھن تو ترسين تار کان:

---

[1] ٻي پڙھٽي: مانجھاندو مذڪور سين، للو تن ۾ لاڏڪو جيئن ترت ڪڙي تارو.
[2] ٻي پڙھٽي: تہ ڪھڙي ڪَل ڪاڪن پاران:
[3] ٻي پڙھٽي: ڪلو تي گنريو:
[4] ٻي پڙھٽي: ڏنائونس مھل تنھين:

49- چئي جن جي هڏ لڳي آهي وير، ننڊ نہ هوندي تن کي
مون ري ڪُن ڪلاچ ۾، ٻيو گهڙندو ڪير؟
ڪتي ڪندس ڍير، ايندس ڀڄي مئي مڇ جي.

50- ڪَل ڍڪي ڪائي جي، ڪيو بانڪي ٻهانو
ڏنڏا گير دماڪ سين، اٿيو مڇ بہ مستانو
ڏيئي ڪات ڪلين ڪان، ڪيس راوت روانو
دَسيو ديوانو سو گهاتوءَ پهرئين گهاءَ سين.

51- گهاتوءَ پهرئين گهاءُ سين، ڪيو ڪاهوڙيءَ ڪيرو
مانجهي نڪتو مورڙو ڏئي دل کي اي ڏيرو
هي ڪم ڪُوپا تيرو ٻر ونڻ وير وقوف سين.

52- نو سؤ ٿهاٽيون اينهُيون، تن کي آرا وڏائون
سُئائن کي سامهون، ڦرڙا ڪيائون
ڪچئون ڪڍيائون، ڪُنڊين ڪٽي ڪر پانهنجو.

--------

# روايت [2] *

## بيت چيل مير ٻگهيي جا•

1- ساراهيان سچو ڌڻي، رازق رب رحيم
هڪ الله جو آسرو، حڪمت جو حڪيم
موچارو محمد ڪيو، قادر نبي ڪريم
'ٻاچو' ۽ 'ٻاراچ' هئا، ذات يَلِي ٻَهليم
تن جو گهارڻ 'ڪلان ڪوٽ' تي ماڳ مَيا محليم[1]
بديءَ ڪٽي بدنام ڪيا، چوريءَ ڪيا چَڪيم[2]
حڪمت ڪاڻ هلي ويا، وٽ راول جوڳي ريم
سبق سيکاريو سيم، جنهن مان گن گهڻو ٿئي.

2- وڏي سبق يَاد ڪيو، ننڍو خدمتگار
عقلوند اڳي هئا، وهم وڏي ويچار
ساڏوءَ تنهن ساميءَ کان، ٿيا هوش ڀريا هوشيار[3]
سامي سيکاري سڦرا ڪيا، جوڳيءَ ڪيا جُهار
ڪامل گهڻو ڪڪوريا، تنهين کان تڪرار

---

* هيءَ روايت ڀرياڻين عيسب لاشاري (عمر پنجاهه سال)، ويٺل ڳوٺ روحل لاشاري لڳ دڙو جي زباني قلمبند ڪئي ويئي. ان بعد اها روايت ڪن بيتن ۾ پڙهڻي جي ڦيرڦار سان سوڍي پٽ گهرام لنجواڻي (عمر پنجاهه سال ويٺل لڳ ساماري) ۽ پوءِ سندس استاد ماڪوڙي پٽ ڪَڪُو رونجهي (عمر پنجهتر سال) ويٺل پٿورو کان مليو. متن ۾ عيسب، سوڍي ۽ ماڪوڙي جي اختلافي پڙهڻين کي ع، س ۽ ڪ جي نشانين سان نروار ڪيو ويو آهي. (ن.ب)

• شاعر مير ٻگهيي جو احوال سر دست ملي نه سگهيو. سندس نالي سان ٻيا قصا پڻ سگهڙن کي ياد آهن. هنن بيتن تي البت 'امين ڪتي جي چيل بيتن' [روايت – 1] جو غلاف چڙهيل آهي.

(1) ڪ ماڳ پلا محليم.

(2) ڪ چور ئي ڪيا ٻه شڪيم (= سقيم؟).

(3) ڪ ساڏوءَ تنهن ساميءَ کان – الخ.

باچوءَ باڻ سنيائيو وهندي تنهين وار[1]
سوناريءَ جو سک ڦٽو بيٺي نيڻ ٽمائي نار[2]
گهڙي تي گلزار، هن جا هٿ اڙي رهيا.

12- تڏ پايو پاند ڳچيءَ ۾، بيٺي زال ڪري زاري
اديون اِن ٽَڙا منهنجي عمر لنگهي ساري
ڪا جا تيس ڪاري، منهنجو دلو ڏرتيءَ ٻوهيو.

13- چئي: سَهيءَ مرنديڻ ٻــ ٽٽي، توکي جوکو آهي جيءُ[3]
توکي ديو دٻائيو اچي ڪنهن تي قويءَ
پيٽ اٿئي جا ڏيءَ، تنهن جو باسين سڱ تہ بچاءُ ٿئي.

14- اتي ڳٽي توري ڳالهڙي، بيٺي ڏيان ڏري
هي وَسَن ڪنهن ولات ۾، هنن جو پنڌ پڙي
ٻئي مهيني بالڪي، متان پَئي مري
اَيها ڳالهہ ڳٽي، هوءَ باسي سڱ يَري هَلِي.

15- موتي پنهنجي مڙس سان، ڪامڻ ڪري پئي ڳالهہ،
تہ پوڇڻ پير خضر کي، ميان ويس في الحال
مانگر اڙيو "مير" چئي لالڻ دلو لال[4]
ڪَيم سائينءَ لڳ سوال، تہ ميان! ڪٽايو مون اچي.

16- ميان ڪٽايو مون کي، آءُ ٻَڌي وينيس ٻول
ڏسي لچڻ لال جا، ڪري وينيس قول
ڊِڪج تون ڊِول، ڏيئي پاند پناهہ جو.

17- ڏيئي پاند پناهہ جو رامون رکيو راز[5]
اسان اونهون پاڻ ۾ سهجان ڪيو ساز
نميو ساڻ نياز تا مانيون ڪن ملوڪن جون.

---

(1) ڪ باچوءَ پاڻ سنياليو وهلو تي ان وار.

(2) ع ڪِراڙيءَ ڪلور تيو بيٺي نت ٽمائي نار.

(3) ع چئي مرندين ٻُپڙي – الخ.

(4) ع گهڙو اڙيو مير چَئي – الخ.

(5) ع پوءِ پايو پاند ڳچيءَ ۾، اني کي رامون چئي راز
اسان اوهان پاڻ ۾ سهنجهو ڪيو ساز.

24- راڄ ٻڌائون پانھنجو، ٻنائي ٻئنتر
مَڏي تن ملاحن جي، هُئي تيرهن ويهون تَر
نَوَ سؤ بيڙو گام مان، جُنبيو گِهڙي جَر[1]
اولا متن عاج جا، سڙهه ڪَراڙا سَر
رَڇ سانبوهيون تن سانَ، واڏو هٿا ويتر
ماري ڪُن متو ڪري، پَنَ پيري ڪَيئون پَرَ[2]
خوش تي خاطر پانهنجي، سڀ ڪو موتي گهر
ياڳو موڪلين ياءِڪي، وانتو ويني گهر
ڪائين ڪڳل پاڻ ۾، ضافو اُبِڙي زر
انين ڏينهن آنڪي، لک دلوءَ جي در[3]
پر پاڻيءَ گهڙڻ جي پَر، مُور نہ سکيو مورڙو.

25- مور نہ سکيو مورڙو، جاڻي ساڻ چمار
پائر مانجهي مور جا، هٿا خاصا خدمتگار
چڱي چانءَ چِٽَن جي، هئي چؤ رنگ تي چوڏار
ڪِيو منجهہ خمار، هئو پُر برين پائرن جو.

26- مور نہ سکيو مورڙو ڪار نہ سکيو ڪاءِ
جوڙي ڏني جُنگ کي، پائرن پَلي جاءِ
چيئون: چڱي دستورسين، وينو وانتا ڪاءُ
جاڙون تنهنجي جوءِ ڪري، گندري وڏي گاءُ
سٽيو شريڪن تي، سهمن ساڻ سَتاءِ
ڏيراٽيون ڪنهن ڏاءُ، وڙهيون سَجهہ سهي ڪري

27- ڏنا ڏيراٽين ميهٽا، ساهيڙين سٽت
تہ: ڪانئر وَرَ جي ڪامٽي، هاري هورين وت[4]

---

[1] ع نو سؤ بيڙو تن جو ـ الخ
[2] ع 'تن جو متو ناهہ ڪو پنن پيئيءَ پر'.
[3] ع ڏين ڏهاڙي آنڪي – الخ
[4] ع 'هاريين هورين وت'؛ س: 'هورين هورين وت'.

اسان تو پاڻ ۾، ڪانهي شريڪت
لاهي لاڳاپا وڙهيون، وڃي ٻري پيون ٻهت[1]
هن معلوم ڪيو مور سان، روئي روئي رت
ايڏو پاڻ اپت، مون سان ڏيراٽيـن ڪيو.[2]

28- چئي: آءُ پُر پائرن جو اَئين جو يُون ماريو جڪ[3]
هو ڪڏهن سهن ڪينڪي، مون تي ڪهه ڪتر ڪڪ[4]
هاڻي لوڪ پوندي لڪ، متان واتئون ڪا وائي ڪڍين.

29- ڪيائين ڇُپ چوڻ ڪان، ٻولڻ ساڻ ٻهار
تنهن کي ويا نِبري، ڏينهن ٻـ ٽي ڪي چار
چيائونس: ڪت ڪاتو ڪامٽي، تون وُهـ ڏيئي وَر مار
پلي آسرو ٻُرسَ جو وڃي مائٽن گهر گهار
انهيءَ نر سان نارا ٻڌي نـ مرين ٻپُڙي!

30- ڪانئر وَر جي ڪامٽي! ڪانڌ تنهنجو ڪمَ چور
وينن ونڊي ناهـ ڪا، ڀاڱو نـ ڪو پور
اهي ويڻ ڪنن سان، ٻڌندو آيو مور
مَتي تنهن ملاح جو ويو هنيون لَپٽي هور
وير پيو وماس ۾، دانهـ رکي دور
ترت رکيائين طور، ڀڄڻ ٻانيڻ واهـ تي.[5]

31- هنن پليون جويون پانهنجون، ويا پائر ميڙ ڪري
ميڙ مچائين ڪينڪي، اماٽيائين پيري[6]
ڳالهيون سڱن بَدن جون، نَرويو نبيري
پوءِ دلوءَ کي ديري، گڏيو ڀڄڻ ٻانيڻ واهـ تي.

32- دلوءَ پڇيس: ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، ڪهڙو سندءِ نانءُ؟

---

[1] س. ’لهي لاڳاپا ويا، ٻري تي ٻهت‘؛ ٻي روايتي پڙهٽي: ”لاڳاپا ڪل لهي ويا، ٻري تيا پاهت“
[2] س. ايڏو ئي ڪپت، مون سان ڏيرائين ڏاڍو ڪيو.
[3] س. ’چئي: اسين پڙ پرين پائن، ائين جويون هٽو م جڪ‘
[4] س. ’ڪڏهن سهون ڪينڪي، اسين ڪتر جيڏو ڪڪ‘.
[5] ڪ.ش. ’شرطان رکي شور، هو لڏي لهوارو ٿيو.‘
[6] ڪ. ’منت نـ مڃي مورڙي، سڀ ڇڏيائين ڦيري‘

چئي: پٽ اوباهي ملاح جو مور منهنجو نانءُ
نوڪر بيهندس آنءُ، جي سائين! سڏايين پانهنجو.

33- دلوءَ ڏيئي دلاسو ڪٽي ويهاريو وير
مڇڻ ماندو ٿين مورڙا! هنيُون ڪر سُڌير
ڪيڻ ڪندوسن ۽ ڪير، توکي مولو ڏيندو مورڙا.

34- لکي موڪو لاڏلي، پاڻن ڏانهن پيغام
"سون مياڻي" سڀ کي، ساري جو سلام
نتو چڏيم بادشاه، ڏئيم اِنعام ۽ اِڪرام
لاهجو غيرت تؤن غلام، بابا! مون تان روح رنج جو.

35- خط اوباهي پڙهيو، ٻَر ۾ پروانو
لکيو ڏسي مور جو ٿيو تن ۾ توانو
چئي: ڏوه ڪنهن جو ڪونڪو هي حڪم ربانو
هاڻي پاڻ پري جانو وري ونءِ اچو وريام کي.

36- آيا بانيڻ واه تي، پاڻ ميڙ ڪري
هل سون مياڻي سپرين، تون ادا پير پري
تو ڏاران مياڻ ۾، اسان ڪين سري
اوباهو آهون ڪري، تو تو لئي مورا مري
هَلي لڳ ڳري، بيٺا! پنهنجي باپ کي.

37- سون مَياڻي سپرين، آءُ هلي ڪريان ڪوه
سٽي سُهما پاڇاين جا، مون کي اندر ٿيو اندوه
لٿو را جن تان روڪو منهنجي ويني واٽي ونڻ جو.

38- جوين سندي ڳالهڙي، ڪاڪا ڪجي نہ ڪَن
تون ادو اسانهجو اسين جويون وجهون ٻَن
اهي مَر پيون پسرن، ڪليو وينو ڪاءُ تون.

39- ڏمر ڪيي ڏيل مان، ڪيائين پاڻرن سان برچاء
آءُ ڪريان تو ڳالهڙي، ادا آئين سٽجاه
ڪلاچيءَ جي ڪُنَ سين، قلعو ڪو مَ ڪجاه
برين برين پار جو سُجي ڏپ، ستاٿو ڊاءَ
مون کي پانيو پاءَ، تہ اها مصلحت لايو من سين.

40- برڇي تن برين سين، هو ڏينهن انين آيو
پاڇاين پيرين پٺي، گوڏو ڳر لايو
پوءِ سهڄان ڪري سعيو ان کي سَوَ ڏنائون سوڪڙيون.

41- لائي گهٽا ڏينهڙا، وري ويو دلوءَ لوءِ
چئي: مون وڏو وهمر ٿيوءِ، جو گهٽا لاتئي ڏينهڙا.

42- چئي: گهٽا لاتمر ڏينهڙا، مائٽن ۾ ويهي
ماءُ پيءُ چڏين ڪينڪي، جن کي اڪنڊ اڳيئي[1]
ماٺهو "سون مياڻ" جا، ڏڍ گڏيمر ڏيهي
ڳالهه ڪريان ڪيهي، حاڪمُ اني جي حب جي.

43- سُنهاٽو سيني ۾، دانهه منجهه دربار
دُنگ ڏنائينس دست ۾، وينو ماٺهن موڪ پيار
قاصد چڙهي آئيو چئي: چڙهو شوق شڪار
ڪونه ڪري تو ڪيهر تي، سندو اڇڻ آر
مڙس ماري مات ڪيا، هن نَو پورا بيا چار[2]
شينهن سان سامهون ٿيڻ آهي سڀ ڪنهن کي لاچار
تڏ سيئي وڙهيا شينهن سان، صوبا ۽ سردار
پر ڪنهين ڪانه ترار، وهي سر مٿي شير جي.

44- تڏ واهي مير مورڙي، تاڻُوءَ کي تلوار
لهي ليٿ ڏانهن هليو لنگهي لڪن پار
ڪٽي موٽيو مورڙو جنهن کي سوپ ڏني ستار
اهو گهوڙو ۽ هٿيار، هئا ان کي بخشيا بادشاهه.

45- تڏ ڪاهي گهوڙو پڇيو هن ڪان دوڙي دلوراءِ
جوان تنهنجي جنگ جي، اها آڏ وَڏائي آءِ
پيءُ ملهايئي پانهنجو مَر مَرڪي سندءِ ماءُ
گهرين جيڪي گهر ڪٽي، اتئي سورهيہ مهل سنڌياءِ
چئي: لاهي ڏن چڏاءِ، "سون مياٽي" سڀ جو.

---

[1] ع: هئن اڪنڊ گهٽيئي.
[2] ڪ 'مڙس وڏائين مات ڪري، پورا پنج ڪي چار'

46- تڏ ڏُلو دِلاسو ڏيئي، ويهاريو وريام
تيءَ داروغو در جو ڏيئين هٿ ۾ ڪُل ڪمام
هن کي راجا رائر بخشيو ملڪ معاف مدام
وجي ڪٺي ڏيهه انعام، سون مياڻي سڀ جو.

47- هڪ انعامي اڳ هئا، ٻيو ناٺو هڙ ۾ روڪ
ماني ٿين موڪ، تڏهن وهم رکيائون ويڙهه تي.

48- هڪ انعامي اڳ هئا، ٻيو ڏيهه ملين ڏاني
ڦري فهميدن سان، ٿي دولت ديواني
موڪ ٿين ماني، تڏهن وهم رکيائون ويڙهه تي.

49- اوباهيو پٽن کي، پاڻ پلڻ آيو
ايڏانهين وڃڻ جو ابا اَئين پهه لاهيو
اُت خوني وجهي کايو، ڪو جو ٿهر ڪلاچ ۾.

50- ماءُ جهلي پٽن کي، جيجل ڪري آهون
جي وڃن ڪلاچيءَ ڪن ڏي، تن جا ڪَلها ڪن دانهون
اهڙيون ملاحيون، ورن ري ولهيون نه ٿين.

51- ماءُ جهلي پٽن کي، ڳاڙي ڳُڙڪ اکياءَ
الله! ان ٻچن کي ڪوسو لڳي م واءُ
ماءُ چوي، پُٽاءُ! آئين ڪوُنر ڪلاچي نه وڃو.

52- پيڻ جهلي ڀائرن کي، ڪري زبانئون زاري
ڪامل انهيءَ ڪنڌيءَ تي، ڪو مَڇ سُهڇي ماري
اهو ڪُن آهي ٿهري، ائين ڪوُنر ڪلاچي مَ وڃو.

53- پٽ تنهن پڙهيار جا، آتائي آهين
ٻيڙا ڪڍيو ٻاهر ڪريو ٻيٺا ملاح مکائين
ريشم منجهان راس ڪيو، پيا واديون وتائين
اولا سندن عاج جا، ٻيٺا جوهر جڙائين

ڪشتيون ڪوڏ ڪلاچ ڏي، لهواريون لاهين
پهتا ڪريو مهراڻ ڏي اُيائي آهين
هَاٽي لڪيو لوڙائين، اچ ڪِ سياٽي انگ جو.

54- هڪ انعام اگهين، بيو ڪنيا پاڻ اجل
اچيو پچن اوباهي ڪان، مهاٽا ۽ مَل
ڪلاچيءَ جي ڪُن جي، گهاتوا ڏي ڪا ڪل
بابا! ڪر نہ جهَل، سندي ڪُنَ ڪلاچ ڪان.

55- ڏس تہ ڏيندس ڪون، جي هونديم سڌ سرير ۾
انهيءَ ڪانچ خيال ڪي، لاهي عاقل چڏيو چون
آن ڪي ڏس ڏيندس ڪون، جو اَتُو ڪرڳل انهيءَ ڪُن ۾.

56- مهاٽي ملاح وٽ، آيا وير وري
ڪاملَ! انهيءَ ڪوڙ جي، ٻڌج ڪامَ پَري
ڏي ڪا سُڌ سري، تہ ڪُن گهڙيو ڪو ڪڏهين؟

57- اتي ساڳين ساڻ سچي ڪئي، پهريندي پڙهيار
تہ وڏا مهاٽا ملاح هئا، دانهہ دعوادار
پاريئون شرع رسول جي، سنت سچي سردار
ٻر ڪلاچيءَ تڪرار، ڪونہ گهڙيو ڪو ڪڏهين.

58- ڪلاچيءَ جي ڪُن ڪي، ڪيئن ٻهگڻ وجهون ٻن!
دانهہ ديواني مڇ جي، شابس نہ وڏيئي ڪن!
ماري مڇ مچن، وچي ڪيون ڪُن ڪلاچ مان.

59- توبهہ جا تنهن ڪئي، ٻرچي ڪين پڙهيار
ازل ڪنين اوچتو اچيس ڪين اعتبار
گهوري ڪُن ڪلاچيءَ تان، مڇ ڏينداسون مار
مڇ ماريون، مير چئي، شملا ڪري شڪار
هاٽي ڪيچڻ سان واپار، ڪندا ڪوُنر ڪلاچ ۾.

60- گهر ۾ گهاتوئڙن جا، پيا رڇ سونهن
مَٿ ملوڪن رکيا، رڇ ٻہ راچاڙن

حڪيم ٿين حڪيم جو ڪونهي ڏوهه ڪُنن
پوءِ پُٽن پوشيدن، ويهي وياچي ڳالهڙي[1]

61- گهاتو گهوڙ هليا، ڏيئي رچن کي رڳ
ڪلاچ نه ڏسي مهندئون، سياڪا ۽ سڳ
ڏوچ هئا جي ڏڳ، سي ڪوئنر ڪلاچي جهليا.

62- گهاتو گهوڙ هليا، ڏيئي رچن کي پاهه
اهڙائي ملاح، ڪوئنر ڪلاچيءَ جهليا.

63- گهاتو گهوڙ هليا، چڏيائون اوطاق
نَو سؤ ٻيڙو گامر جو هُونگ پوي پئي هاڪ
پڳهه ڪٽي پُريا، متي ڪُن قزاق
دانهه ساڻ دماڪ، بينا اولا ڏين عميق ۾.

64- اولا ڏين عميق ۾، سڙهه ڪيائون سَر
سانبو هيون ۽ رڇ هئا، واڏو ٻيا ويتر
سڀ ڪو موتيو گهر، خوش ٿي خاطر پانهنجي.

65- خوش ٿي خاطر پانهنجي، موڙيون مڪڙيون ملاحن
وَرندي ٻيڙي وير تان، ڪا ايرادي آندن
اُت ڪَچئين جَي ناين، رڇ ڪٽي هو روڪيو.

66- جهليو جوان زور ڏيئي، ٻينو 'لَلوَ' ڪرارو
جولي ڪيڏان چار سين، جي هجي وڙ سچو سارو
يائرا! ورو ڪري وارو، رڇ ڪچاڙي رنديو.

67- تڏهن اُن کي اُتهين، پهرين چيو 'پڙهيار'
چار پهر تبي منهنجي، آهي هتيڪي هڪوار
ان وعدي نه وران، ته رهيس منجهه پاتار
پوءِ جيري وجهي چار اَئين موڙي وڃجو مڪڙيون[2]

---

[1] وياچي = ويچاري
هي بيت 'شاهه جي رسالي' ۾ هن طرح آيل آهي:
جان گهڙنداهه گهاتئا، تان ڏِهو رڇن رڳ
سڳايون ۽ سڳ، ڪلاچي ڪين ڪري

[2] ع 'پوءِ جولي وجهي جار... الخ'.

68- ٻيو چئي ادن کي، ’سانئڙ‘ ڳالھ ڪري
ٽيھري ٽٻيءَ جو منھنجو واجھ وري
ڪندس وس ورڻ سان، ٻيو ادا ڪو م گھڙي
پوءِ اھڙا ڪم ڪري، ائين موڙي وڃجو مڪڙيون.

69- ٽيو ادن کي چئي، ’مانجھاندو‘ مذڪور
ڀھرن ٻن ٽٻيءَ جو آءُ جاڻان ٿو دستور
انھيءَ وعدي نہ وارن، تہ ٻيو گھڙي ڪو مَ ضرور
پاھون ورائي پُور، آئين موڙي وڃجو مڪڙيون.

70- چوٿون چوي ادن کي، ’لِلو‘ لاڏ منجھاءِ
ڀھر ڏيڍ ٽٻيءَ منھنجي، اتوَ ھتيڪي ساھ
انھيءَ وعدي نہ وران، تہ پورا ڏينھن ٽيا
تنھان پوءِ منھنجا پاءُ، اَئين موڙي وڃجو مڪڙيون[1]

71- پنجون اُت ادن کي، ’ھنج‘ چئي ٿو ھيئن
ڀھر ھيڪ ٽٻيءَ جي ساعت جاڻان سينءَ
ان وعدي نہ وران، تہ پوءِ پورا ٽيڙا ڏينھن
اچا سچ نہ مٽي سيئن، اَئين موڙي وڃجو مڪڙيون[2]

72- ڇھون ادن کي چئي، اڳيان ’اڳاريو‘
ڪندس وس ورڻ سان، جي واليءَ ڏنو وارو
مُنو ڀھر ماٹ ڪجو اتي ائين پاڻرو!
تنھان پوءِ يارو! اَئين موڙي وڃجو مڪڙيون.

73- ڪِري پيڙو ڪُن ۾، ’ٻڙھيار‘ ڀھريائين
وٺي رس رمي رھيو، سٺ ٻُرھين تائين
ڪچئون ھو ڪُن ۾، ڪو انت نہ اُتائين
ترت گھڙڻ تائين، ڪٽي ويريءَ ڪيڙو وات ۾.

74- ٻيو ڪِري پيو ڪُن ۾، ڪري ’سانئڙ‘ الله توھار
وٺي رس رمي ھليو، پھتو منجھ پاتار

---

[1] س. ’اَٽان سنھن خداءِ، اوھين مُڙي وڃجو مڪريون‘
[2] ع ’تنھان پوءِ شينھن — الخ‘.

80- ڪيئون مارين ڪُن ۾، رات مٿان پيئي
اوليون اُڇهڻ لڳيون، ويڙن وڇهہ وَهي
ڪلاچئون ڪَهي، ماريَ مڇ نہ موٽيا.

81- ماري مڇ نہ موٽيا، هنئين ملاحن هور
نہ ٿيو اوباهيي ڪي، جڻ ملاح بہ مور
تن عاجَوتين اَڏ ڪيا، ڳهہ توڙيائون زور
هاڻ جُهٽ ٻَڏي جهور، تن پيري پَنڻ جَهليو.

82- پيري پنڻ جهليو سڄڻن لاءِ سَٽي
مادر ملاحن جا، ڪڍيو پار پٽي
ويني رهي وچ تي، هٽندي ڪين هُٽي
هاٿي ڪانڌن ڪاڻ ڪُٽي، ملاحن ڪيا منهن رتڙا.

83- وَنيو يَر ياڻن جي، 'سيرَهين' سڏ ڪري
اوڏا هئا تان آئيا، جَڪس ويا ٻري
آءُ روئان ڪيئن ڪري، ڪوئنر ڪلاچيءَ جهليا[1]

84- ملاحن ڪيا منهن رتڙا، ڪُٽي ڪانڌن لاءَ
مياٽيون رهيون ماتام ۾، سوڙهي هڪ بہ جاءِ
ماٺهو مُنجو هاڻ مور ڏي، وڃي سُڏ سٽائيس ساء
جيڪي پڙ هئا تنهنجا پاءَ، سي ڪيئون ماري چڏيا ڪُن ۾

85- ڪٺوريون پاڳن ۾، جن جي وارن وانگوڙا
ونهيان پَٽ برين جا، گهر اندر گهوڙا
ناهي هُل هُتن تي، مڙن تا ميڙا.
پاءُ ڪُن پيڙا، تنهنجا ڪنهنَ اجل اُپاڙي نيا.

86- نڪا بوءِ بازار ۾، نڪا چِلر چَٽ
جتي ڏنيرين جي، اڳي هُئي اَڪٽ
سي پڙ پسيو پَٽ، ماٺهو وڃن موٽيا.

---

[1] ٻي روايت: خبر ڪونہ ڪري، ريچ ڪجاڙي رندئا.

83- هي بيت رسالي ۾ هن طرح آيل آهي:

اوري هئا تہ آئيا، جُڪس ويا ٻري،
ساٿي سڏ ڪري، ماڳ نهاري موٽيا.

87- دانهيي وڏِي دانهڙي، منجهہ پيهندي ڪوٽ
مانيِ ڏيَ ملوڪن جي، هلي مور اَموٽ
ڪَچئون ملريا ڪُن ۾، جيڪي تنهنجا ڳهاتو هٿا گهوٽ
هو جُهٽ پٽيندي جوٽ، روئندو ويو راء ڏي

88- روءِ مقابل رَاءِ جي، وجي لُڙڪ ڳاڙيائين لال
منهنجا ڳهاتو گهر نہ آئيا، جو ڪوئر ڀِري ويا ڪالهہ
ڪچئون مارِين ڪن ۾، ٻَر ٻَر منهنجي حال
مون سان ڪر ڀلايون ڀال، آءُ واريان وير ڀائرن جو.

89- ماڙيءَ چڙهيو مورڙو تو ڏٺي دلوءَ کي دانهون
ڪالهہ ڪري ويا ڪُن تي، سورهيہ ستائون
نہ ڪو موتي آئيو نڪي ماڻهو مُڪائون
ڏسيو سُجا گهر گهاتن جا، ڪري اوباهيو آهون
ادن ري آئون، ڏک گذاريان ڏينهڙا.

90- ماڙيءَ چڙهيو مورڙو بينو سُڏڪيو سڏ ڪري
هيءُ ڪهڙو ڪوڪٽ ڪُن ۾، جو نهوڙيو تو ني
ڪو گهاتو خبر نہ ڏي، تہ ريچ ڪچاڙي رنديا؟

91- ماڙيءَ چڙهيو مورڙو بينو دانهن دلوءَ کي ڏي
ماريان هلي مڇ کي، مون کي ڏي تي شيخون گهڙائي
هڪ ڪبُهہ ڪائي جي، سا بہ ڏي جودئون جوڙائي
قدر جنهن جو ڪيترو جنهن ۾ هڪ ماڻهو سامائي
ڪُنجي ان جي قيمتي، ڏي جوپ بہ جوڙائي
مون سان مدد ڪرائي، ڪو ڪارڻ رب ڪريم جي.

92- سٽي مصلحت مور جي، چڙهيو دلوراءِ پاڻ
سنيري چڙهيو شير سان، ڪچئون مارڻ ڪاڻ
اچي لٿا آهن جواڻ، طنبو تاڪي تڙ تي.

93- ماڙيءَ چڙهيو مورڙو، تو ڏسي پاڇايون
نڪي نٿون نڪن ۾، نڪي ڪلهن ۾ ٻانهيون
هُن وٺ پاڇايون، آيون ڪارا ڪري ڪپڙا.
94- اوپاهيو آهون ڪري، دانهون درد منجها
گهوٽن مُئي گهٽيون ٿين، سڙيو وڃي تو ساھ
ستون ڏئي سر سير ۾، ڪوھ ڪڄاڙي لاءِ
چئي: سون مياڻي سَپرين، سا مڙيئي اوهان جي آھ
پارت اٿو پيءُ جي، مُونهان پڇاڻاءِ
جن جا وارث آهن ويا، سي سمهنديون ڪيئن سيڄن تي.
95- سمهنديون ڪيئن سيڄن تي، سي ٿيون ڏک ڏسن
ولهيون ويچارن جا، رويو رند پڇن
مورڙي کي ٻه ملاحن جا، من ۾ مڇ ٻرن
ٻيا پيا لک اچن، منهنجا پاڙيچا پري ويا.
96- ڪيئون پڇيو مور کان، تون ڪامل آهين ڪير
ڪلاچي جي ڪن ۾، متان پائين پير
هت سُڄان تو شير، ڪونهي جناور ٻيو جر ۾
97- تون جناور سُڄين جر ۾، ته آءُ مور سڄان تو شير
ڪين چڏيندس ڪڏهين، ويري توکي وير
ڍونڍ ڪندو سئين ڍير، ڪيئون توکي ڪُن ۾.
98- هاڻي ڪل پيجي ڪائي جي، ڪيو بانڪي ٻهانو
جوڙي وڏائين جنگ جو ثابت سامانو
ڏيئي ڪات ڪلين کان، ڪيس راوت روانو
پوءِ دسيو ديوانو گهاتو ٻهرئين گهاو سان.
99- گهاتو ٻهرئين گهاو سان، ڪيو خونيءَ کي ڪيرو
وڏيائين ويريءَ جو، جيءُ ٻڪيون جيرو
آفرين دلوراءِ چيس، ته ماريو متيرو

ارڏا کيئي اهڙو پائرن تي پيرو
اهو ڪوپا ڪم تيرو جو ورتئي وير وقوف سان.

100-وٺي وير وقوف سان، وري ڪيائين ور
اچي ڪؤنر بينو ڪلاچ ۾، درس دلوءَ جي در
پوءِ ڏيڪاريائين سو ڦَر جتان سانَهن ساهي ڪڍيو.

101- سانَهن ساهي ڪڍيو وير وڏو ڪيو وس
ڪي مئا، ڪي مرندا، ڪن جيئرن ڪٽي جَس
ڪانهي تن کي ڪس، جن چيو ڪلمون نبي ڪريم تي:
لا الـه الاالله محمد رسول الله

---------

# روايت [3] *

## بيت چيل امين وندير جا•

1- ساراهيان سچو ڏڻي، رازق رب جليل،
مهل تي ماڻهن کي، رزق ڏئي سبيل،
مون دوڙايو دليل، توکي معلوم سيڪا.

2- توکي معلوم سيڪا، راول راءُ رسينم،
’ٻاچوُ‘ ۽ ’ٻاراچ‘ هئا، ذات يلي ٻهليم،
حڪمت ڪاڻ هلي ويا، وٽ راول جوڳي ريم،
تہ سبق پڙهاءِ سليم، جنهن مان گن گهڻو ٿئي.

3- وڏي سبق شروع ڪيو، ننڍو خدمت منجهہ اڳياءُ،
عقلوند اڳئي هئا، ٻيو پڙهي پين سماءُ،
وينا چوڏهن چاليها، ۽ پڙهيا مَنڊَ مُنهاءُ،
سُوڏي ساميءَ ڪاءُ، هي ڪامل خوب ڪڪوريا.

4- موڪلائي ٻارهين ورهيہ، هليا سُوڏي ساميءَ ڪاءُ،
ٻاُچوءَ سڏ ڪيو ٻاراچ کي، ادا! اوري آءُ،
آهي اوچو وڻ تي، ڪو آکيرو اڳياءُ،
آنا ڳيريءَ ڪانءُ، تون سيري آءُ سبق سان.

---

* [3] هيءَ روايت سليمان جهانجهڻجي، وينل هوسڙي، ضلعي حيدرآباد جي زباني قلمبند ڪئي ويئي.

• هي بيت مير ٻگهيي وارن بيتن سان گهڻي قدر ملن ٿا "وندير" ذات جي ڪنهن سگهڙ ٿوريءَ ڦير گهير بعد هي بيت چيا آهن. هڪ بيت ۾ "امين" جو نالو اچي ٿو ٿي سگهي ٿو تہ "امين وندير" نالي شاعر هي بيت سٽيا هجن

5- تڏهن وير چڙهيو وڻ تي، ڪامل قدرت سان،
ڪڏهين ڪوڙي هينان، آنا ڳيريءَ ڪان،
ڪٽيو تن ڪَکن مان، هن پهس لڪايو پاڻ،
پکيءَ پيو نہ گمان، تہ ڪو وجي چور چوري ڪريو.
6- ننڍو وڏي ياءُ ڪان، وير بہ هو وڏ،
هٽي سورهيہ سَنڌُ، منجهان ڪُنڃ ڪڍي ويو.
7- وير لهي وڻ تان، وري آيو وٽ ياءُ،
هُتان لاهي مون هِت ڪيا، جاٽي هڪ الله،
ڪو جو وريو واءُ، جو آنا ئي اُڏامي ويا.
8- جان تون سبق نہ سکئين، جان ڪَل پکيءَ پيئي،
نکو ڪُوڪٽ وچ تي، نڪا بلا ئي مارِيئي،
تڏهن ڏتاري ساميءَ ئي، ڪڍيو آهي پاڻ کي.
9- ڪَرتِجي ڪارو تيو ڏُبي چڙهيو ڏَر،
وٺي پکيءَ سندا پَر، توکي آٽي آکيرو ڏيان.
10- تڏهن ننڍو وڏي ياءُ جي، ويُر بہ وٺي تو وٽ،
تہ نہ وچ ادا، موتي آءُ، آنا آهن مون وٽ،
تو ۾ قطرو ناهي گهٽ، مون ٻرکا لڏي تي پنهنجي.
11- تڏهن ڪَلوليون ڪن پاڻ ۾، وهسن ويرَ وريون،
مون کي تيون مارين، پوشَيديون ٻَريون،
هل شملا شيل ڪريون، ٻهڳڻ ٻانيڻ واهہ تي.
12- ٻُريا انهي پار ڏانهن، دانَهہ ديکٽهار،
ڏنئون سوناري شهر ۾، ڪا مت پري موچار،
پوشيديءَ تي پاٽي پريو جُهليو منجهہ جهالار،
هن کي ٻاڻ ٻاراڄ هنيو، وَهلو اُنهيءَ وار،
تڏهن نيڻ تمائي نار، هُئي ڪِراڙي قليل تي.
13- ڪِراڙي قليل تي، ورنهہ انهيءَ ويل،
اوهين ٻٹ وجوتا ٻيل، منهنجو ڪو ٻلي ٻيٺي ڪريو.

14- چي: بلو پيٽي تان ڪريون، جي اسان آچين ايءَ،
ڏين سگ سوناري، جا اٽئي پيٽان ڏيءَ،
نہ تہ جوکو اٿئي جيءَ، ڀهگڻ مرنديئن ڀہ پُڙي

15- اتي ڳٽيو توريو ڳالهڙي، هي بيٺي ڏيانَ ڏري،
تہ هي وسن ولائت ۾، جتي آهي پنڌ پري،
الائي ڏيءَ جمي يا پٽ، ڪي ڄاپندي مري،
اها ڳالھ ڳٽي، هيءُ باسي سگ پري هلي،

16- ڳُڏي آئي لالڙي، ٿي درماندي در تي،
مَهتي تنهن مَهتيءَ ڪان، ورتا دلا ڀُنيِ مٽي،
هن جا هٿ اُتي، اُرھ برابر ٿي اٽڪيا

17- مَهتو تنهن مَهتيءَ ڪان، پُڇُ پڇي تو پاڻ،
تہ هاري! هن هٿن کي، ڏاڍا پيڙا ڏاڻ،
سؤمل سُرت سُڄاڻ، ڪيئن ڪنداسون ڪامٽي؛

18- وَرائي تن ويرن کي، ڪيائين طعام تازا،
صبحئون ساجا، وجي چڙهيا ڪلان ڪوٽ تي؛

19- ڪيئون ڪلان ڪوٽ تي، ٻارهين ورهيہ وُر،
گهريئون سگ سوناري ڪان، هو پڇي پنهنجي ٻر،
هاريا! هيئن نہ ڪر، نہ تہ ڏيان تو دانهن 'دلوءَ' کي؛

20- ٻاچو چيو ٻاراچ کي، تہ ڏس سوناري جاڙ ڪئي جا،
ٿيءُ درويش در تي، ۽ راول کي رات وهاءِ،
اُتي چوريءَ چاءِ، سانجهيءَ ڪو ستينو ڪَري

21- ڪنيئون سوناري شهر مان، اُتي آڌيءَ رات،
برورا تون پت رهاءِ، اها وائي ويرن وات،
برھ ڦتيءَ برپات، دانھ پهتا ٻيءَ ڏس ۾؛

22- دانھ پهتا ٻيءَ دِس ۾، هٿا ذات پلي ٻهليم،
ڏئي ترت تعظيم، ڪٽي وڏي ٻرٽيو نار کي؛

23- ٿيو هيڪلڙو ٻيليءَ ري، رت رنائين راس،
پوءِ توبھ ترت ڪياس، ويئي چوري چِت مان؛

24- پوءِ ڀاراچ گهر 'اوڀايو'، ڏنو پُٽ خداءِ،
ڀيءُ مُئي چورو ٿيو، پيو تڪر لاءِ واجهاءِ،'
جرڪا جاروڙي ڊِنڊِ جا، هو ڪُرڙا پنيو کاءِ،
پوءِ ملاحن ٻرٹاءِ، ڪٽي وير ويهاريو وچ ۾:

25- ڇهه پٽ ڀرين مان، ٻرٽيو پوءِ ٻي جوءِ،
جنهن مان ٿيو مورڙو ٻرڏر ڄائو پوءِ،
لوڪ مڙوئي چوءِ، تہ هين انين پيٽ 'سيُرهِين'.

26- شهر ٻڌائون پنهنجو بنائي ٻهتر،
ڪئين اولا عاج جا، سڙهه متي ئي سَر،
نو سؤ ٻيڙي گامر جي، جنبيو گهڙي جر،
مڏي تن ملاحن جي، تيرهن ويهون تَر،
ڏئي لک دلوءَ جي در، راءِ رکي راضي ڪيو.

27- جوڙي ڏني جُنگ کي، پائرن پلي جاءَ،
مٿان چانو ڇهن جي، هئي چو رنگ تي چوڏار،
مور نہ جاڻي مورڙو، سندي مئڪي ڪار،
ڀاٽي گهڙڻ پار، مور نہ سَکيو مورڙ.

28- جوٽس تي جاڙون ڪري، 'گاندلي' ڪنهن گاءِ،
سُهمان تن شريڪن جا، مون سارو ڏينهن سناءِ،
تو پيري تو ماءِ، چو ويائي مورڙا!

29- چي: آءُ پڙ پرين پائرن جو اوهين جويون ماريو جَڪَ،
اوکيءَ ڏيندمر آکرو سڏ برابر سَڏ،
ڪين سهندمر ڪڌهين، ڪوسو ڪڪر ڪَڪَ،
اهو مڙد ڪهڙو پئي اڏ[1]، جو نر چٽي لڳي نار جي:

30- ڏنا ڏيراٽين مهٽا، مڙي وارو وار،
تہ جان وهہ ڏيئي ور مار، جان ڪر ڪاپو ڪاٽي:

[1] پاراتو.

39- مون جي لاتا ڏينهڙا، تي پائرن ۾ ويهي،
ماٺهو شهر مياڻيءَ جا، مون کي ڏر گڏيا ڏيهي،
ڳالهہ ڪريان ڪيهي، قبلا توسان ڪوڙ جي.

40- سيين ٻريين سيباڻو، دولهہ منجهہ دربار،
ڏنگ ڏنائينس هٿ ۾، تون دارون درس پيار،
چڙهيا شوق شڪار، جو ڪرڳل ڪوڪي آئيا.

41- ڪيهر سان تو ڪونہ وڙهي، تون آئيءَ ڪارڻ آءُ،
مور وجائي واڳهہ کي، تائي منجهہ ترار،
وڃي پهتي پار، سئين لنگهي تنهن ليٿ کي.

42- پلي جائين مورڙا، تنهنجي نچ ويائي ماءُ،
جَهت اوهان جي جنگ جي، ڪا آڏ وڏائي آءِ،
جيڪي گهرين سو ڏيئين، گهوڙا سر سپاهہ،
چي: ڏن اسان تان لاهہ، سون مياڻي سپ جو.

43- ڏينهن تنهن ڏنائينس، سونَ مياڻي دان،
اتوَ ڏيهہ انعام اوهين وڃي گهوريو ماريو گهاتئا!

44- پُٽ ڊنڊون ۾ ڊورا، آهن ڪئين ڊير،
ڪلاچيءَ جي ڪُن جو، انو وڳي مٿان وير،
پَٽ نہ پائجو پير، جو ڪچئون سڄي تو ڪُن ۾.

45- پُٽ اوپائي پڌرا، جيئن تي ساماٽا،
تيئن مارين گهور اگهور ۾، پٽا مَرڪن مهاٽا،
ماريو تنهن مڇيءَ جا، ڪن تڙمَ وڏا ٽاٽا،
تن ڪان سوين ساٽيا، ڪريو وٽج واٽا،
پوءِ نيڪ بڌيو ناٽا، تا پتيون ورهائين پاڻ ۾.

46- پٽ اوپايل پڌرا، ڏيهہ جَني ڏاني،
ڦيهي تي فَهيمن کي، دولت ديواني،
موڪ جني ماني، وهم تني کي ويڙهہ جو.

47- وهم جني کي ويڙهہ جو، جن کي هڙ ۾ نَڪا روڪ،
ماءُ پليندي نہ رهيا، ڏيندي متيون لوڪَ،
ماني جني موڪ، هو وهم تني کي ويڙهہ جو.

48- اوياپا! آهين، پُٺهين، ڪنهن پرياڻ ۾،
واجهه وتايو پَٽ جا، تا ڪلاچيءَ ڪاهين،
واحد ورائين، بيڙا رکي ٻاجهه سان.

49- اوپايو پٽن کي، تو چڱيءَ پَٽ چئي،
انهي مانگر مڇ جي، تي ڳري ڳالهه سُڃي،
جيڪو پئي مُنهن مڇ جي، تنهن جو موٽڻ مس ٿئي،
رکيو چنبا پَن تي، هو واريو وات وجهي،
خاوند خير ڪري، جو بيڙا اچن ٻاجهه سان.

50- رهيا پهيا ڪينڪي، وڃي ورتائون سير،
اوپايو پاڻ پٽن لاءِ، بيٺو پوڄي پير،
اتر واءُ نه لڳٿو لڳ ذڪڻ جي هَير،
دليئون دستگير، بيڙا آڻج ٻاجهه سان.

51- بيڙا آڻج ٻاجهه سان، پنهنجو رب سنيار،
لنگهي تکو ۽ تار، اچي لتا ڪلاچيءَ ڪُن تي.

52- لتا ڪلاچيءَ ڪُن تي، ات ونجهه به کوڙيائون،
سڙهه سنوان لاڄو نوان، وَرتون ويڙهيائون،
بيڙا لال لنگر سان، چؤرنگ چتيائون،
اتي سُئائون، وڃي ڳالهيون مانگر مڇ جون.

53- لتا ڪلاچيءَ ڪُن تي، تو ڪچئون کين چوي:
وريام اوهان جو پيءُ، اوپايو آهي،
ڪلاچيءَ جي ڪُن سان، هن جي اڳئي سڱنڌي آهي،
اوهين وڃو ورائي، جي ڪاهي آيا آهيو ڪُن تي.

54- مَتو آهين مڇ، ٿُلها تو تونا هٽين،
توتي ماري آئيا، اچي منديا اٿن رڇ،
جهلج متو مڇ، مهميزون ملاحن جون.[1]

---

[1] رسالي ۾ هيءُ بيت هن طرح آهي:
متو آهين مڇ، ٿُلهو ٿيو تونا هٽين،
جا تو ڏني اڇ، تنهن پائيءَ پُنا ڏينهڙا.

بي مدد مڱان ڪانہ ڪا، مون کي ڪائو ڪات گهڙائي ڏي،
اسان ۽ مانگر مڇ جون ڳالهيون ڪندا ڪي،
مڙس ملهائجن سي، جي ڪاهي وجن ڪُن تي.
73- ماڙيءَ چڙهيو مورڙو تو پسي ياجايون
تلهيون نٿون نڪن ۾، ڪلهي ڪر ٻانهيون[1]
اهڙيون ملاحيون، سي ورن ري ولهيون ٿيون.
74- پئي پٽ پنجاب ۾، جُهڏي جهانَءِ جهڪور،
عاج پَچيو اڌ ڪريو، ڪن گهه ڳٽ ڳاڙها پور،
ورج وَهلا مور، متان ترسين تار ڪان.
75- ڏسيو اوتارا ان جا، رويو مري ماءُ،
سٽندي ساڻ سڙي ويس، جيرا جوش منجها،
اوهان ري ٻيٺا، ڪنديس آرا ڪن سان؟
76- وڃهيو ياڪر پَنن ۾، تي سيرَ هِين سڌ ڪري،
تہ نيٽين ننڊ حرام تي، مَون پينر ياٿرن ري،
اوڏا هٺا تان آئيا، جيڪس ويا ٻري،
ويهان ڪيئن ڪري، جو گهاتو گهر نہ آئيا.
77- اتي مور ملاح، اڇي ڪئي ڪپر تي ڪوڪار،
تہ جن ٻيٺ هلايون ٻيڙيون، سي جر ۾ گهڙيا يار،
ڪيڏانهن ڪيئي ڪٺيار، جن پَن جهليو تي پر ڏنہ
78- سانوڻ بڊو گنريو آئي اَسوءَ جي وارَ
اوڳا مڇ "امين" چئي، توکي ڪِيو آهي خمار
ڪتا منجهہ ڪاپار، توکي سَوَ چُتائيندس چوُرٿيا.
79- ڪر نہ مقابلو مون سان، تون مورڙا ساڃهہ ڪر،
چي: تنهنجي پر مٿي پڏر، ڏيکاريندس ڏيهن کي.

[1] مير بگهيي جي بيتن واري روايت موجب:
'نڪي نٿون نڪن ۾، نڪي ڪلهي سر ٻانهيون'

80- ڪائي جي ڪَل ڪري، هو پانهہ ويو پيهي،
ودِيائين ”وندير“ چئي، تنهن ويريءَ کي ويهي،
چي: ديوَ سندي ديهي، ڏيڪاريندس ڏيهن کي.

81- ڏيئي ڪات ڪَلين ڪان، ڪيس راوت روانو،
ڏنڏوڪار دماڪ سان، آهي مڇ بہ مستانو
دسيو ديوانو وجي گهاتو پهرئين گهاءَ سان.

82- ودِيائينس ”وندير“ چئي، هنيون، بڪي، جيرو
پاٽرن تان پيرو ارڏا اهڙو ئي ڪجي.

83- مورڙي آيو مڪڙيون، مٿي ڪُن ڪپر،
سورهہ ٿي سٿون ڏنيون، ڏيو وادِين کي وَرَ،
هڪڙو جُو جبر، ڪچئون چريو ڪينڪي.

84- مڇ ماريو آهي مورڙي، تون ڏُلو جهلج دَل،
تُريون وٺي طبيلن مان، سٽائون اچي جهل،
بيو ميڙج ماڻهو مل، تہ مڙي ڪڍن مڇ کي.

-------------

80-82 بيت 'وندير' نالي ڪنهن شاعر جا آهن. جوراوين طرفان شامل ڪيا ويا آهن.

# روايت [4] *

1- ’ٻاچو‘ ۽ ’ٻالاچ‘ هئا، ذات ڀلا ٻهليم،
گهارين ڪلي ڪوٽ ۾، متي ماڳ مهيم،
سڪر ڪؤن سوناري ڪٽي، ڦڪلِ ساڻ فهيم،
بديءَ ڪان بدنام ٿيا، چوري ڪؤن چڪيم،
پوءِ ترت ڏيئي تعظيم، وجي وڏو ٻرٽيو نار ڪي.
2- ’اوباهيو‘ ٻاراڃ ڪي ڏنو پٽ خداءِ،
طرحين ترتيبان ڪري، سُتت ڪي ساماءِ،
ٻر پيءُ مُئي چورو ٿيو مري ويڙيس ماءِ،
تڏهن گِرڙا ڳاروتين تي، ڪُرڙيون پنيو ڪاءِ،
ڪار سکيو هو ميئڪي، هنر سرس سواءِ،
پوءِ ملاحن ٻرٽاءِ، مير ويهاريو وچ ۾.
3- ڇهه ڄٽيائين هڪ مؤن، گهوٽ ٻرٽيو هيو گهر،
ننڍيءَ پيٽئون ’مورڙو‘، ٿيا ست سير،
انين ڀيڻ ’جمڙي‘، جنهن ڀائن متي ڀر،
ٻڌئون شوق شهر، سون ميائي پانهنجو.
4- ’ٻنهير‘ ’اڱاريو‘ پاڙ ۾، ڀاءُ ’مانجهاندو‘ ڀانءِ،
چوتون جَلو جُنگ جوهري، پنجون هنجهه ڪراڙو هانءَ،
ڇهون ڀاءُ ننڍيو هو، ’للو‘ جنهن جو نانءُ،
سون ميائي گانءُ، شهر ٻڌائون پانهنجو.

---

[4] هيءَ روايت علي اڪبر لغاري (تعلقو سنجهورو) کان محمود شاعر جي نالي ملي، اتر (تعلقي اباوڙي) مان فاضل قائمي کان هن روايت جا 13 بيت مليا. جي هن ٻُڌي شر جي زباني قلمبند ڪيا. جن جا اختلاف حاشيه (ف) ۾ ڏنا ويا آهن. فاضل قائمي کان مليل بيتن مان پڻ هڪڙي بيت ۾ ”محمود“ جو نالو آيل آهي. هن روايت جا اڪثر بيت ساڳيا مير ٻگهيي وارا آهن.

15- دلوءَ دلاسو ڏئي، وني ويهاريو وير،
مُونجهُو تي نہ مورڙا، هينئڙو ڪر سُڌير،
جيڪي ڪائين ڪنبون ڪير، سا مولا ماني موڪ ڏني:

16- ڏنگ ڏنائينس هٿ ۾، دارون درس ورهاءِ،
دم تنهين ُات لاءِ، ڪَرُول ڪوڪي آئيو.

17- ڪڙول ڪوڪي آئيو دلوءَ جي دربار،
مڙس ماريا آهن مامري، نَو پورائي چار،
ڪيهر سان ڪير ڪري، آرڻ مٿي آر،
پاڻ چڙهي سرڪار، يا چڙهن صوبا سيئي:

18- وير وجائي واڳهہ ڪي، تائيءَ منجهہ تلوار،
لڪ لاتائين ليٿ جو پيس لنگهيئي پار،
چي: جيڪي گهرين سو لهين، دلوءَ جي دربار،
چي: لاهہ ڏن ڏوار، 'سون مياڻي' ڳانءَ جو:

19- نو سؤ بيڙي ڳانءَ ۾، هئي تيرهن ويهان تر،
چتين سانبوهين سان، وري هئا ويتر،
انهن ڪمي ڪانہ هئي، جيڪي يَن جهلين تا ير،
ڏين ڏهاٽي ڏانڪي، لک دلوءَ جي در،
بي جيڪا اُڳڙي زر، سا ڪڳل ڪائين پاڻ ۾:

20- پڙ مُڪو ياڻرن ڏي، پيءُ مَٽي پيغام،
چي: هي گهڻو انعام، راجيي راور چڏيو:

21- موڪلائي ملوڪ کؤن، مور مياڻيءَ آيو
ماءُ- پيءُ مانجهي مورڙو ڳوڏو ڳر لايو
ياجاين پيرين پئي، برنهہ برچايو
جمڙي آئي جؤنس کؤن، جنهن وارو وڳايو
جُمڙيءَ چيو مور کي، ادا! تنهنجو اچڻ اجايو
ياڻرن مؤن توڏي مورڙا، نڪو اوباهو آيو
مهاٽين مهٽا ڏيئي، توکي لوئين لڏايو
ڪائين بُغدي ٻل وندبيونَ، تنهنجو ڪمايو

اڏي وڏءِ انعام سان، اتن سون رُپي سايو،
تون پنهنجو ڪمايو، هتن ساڻ هلاءِ اچي.
22- چي: اَئين يائر منهنجا، مون کي ڪيو ياءُ،
ڪاڪا ڪيانوَ ڳالهڙي، يائرو! مَنيجاءِ،
ڪالاچيءَ جي ڪُن کي، ڀڄڻ ٻَن ڏجاءِ،
مرون مستاني سندو آهہ ڏپ گهٽيرو ڊاءُ،
نَہ تہ ڦريا ڦوڪ ويندءِ، ماربا ديواني مڇ کؤن.
23- چي: ڪُٽڪ ديواني مڇ جي، شابس وڏءِ ڪَن،
اسين ڀڄڻ ڏيون ٻن، ڪالاچيءَ جي ڪُن کيَ.
24- پٽ اوباهي پڏرا، موڪ جني ماني،
تيا سي انعامي، تڏهن وهم رکيائون ويڙهہ تي.
25- سنج سبر جوڙين، ريشم سان راس ڪيون،
اج سيان لوڙين، اکر ايرادت جو.
26- مورڙا! مياڻيءَ ڏي، آهن، شايد وتا مينهن،
ايترا لاتئي ڏينهن، اسان کي اُلڪو تيو.
27- چي: ابي جمڙي پيڻ جي، هُئي اُڪنڊ اڳيئي،
ماڻهو مياڻيءَ گانءَ جا، ور ڏر گڏيا ڏيهي،
يائن وٽ ويهي، ٻہ تي لاتم ڏينهڙا.
28- جاريون ڪاريون مڇ لاءِ، جودئون جوڙيائون،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، هڪ لِڪ نہ لاڙيائون،
مرڻ کان ”محمود“ چئي، منهن نہ موڙيائون،
لکيو لوڙيائون، جو آيو ڏينهن ازل جو.
29- چي: ظاهر تنهنجي زور جو، ڪو آزمودو ڙي!
چي: وڏا ورک تار ۾، پاڻي تو ٻوڙي،
ٻر سو وڻ وچئون ڙيه جوتي ڪيان جار سان.
30- چي: تَر سين اپار تر، گهوٽيا! آءُ گهڙندوس،
ڪلاچيءَ جي ڪُن مؤن، ٻهر انين ايندوسَ،
سچي خبر ڏيندوس، رَڃ جنهن کؤن رنڊيا.

31- پھر انون ئي آئيو وينا ڪن وائي،
ادو اج نـ آئيو لنگھي ويس ڊائي،
ڪاھوڙيءَ ڪائي، ڪنھن راوت رپ رھائيو.
32- تَر سين اپار تر. گھوٽيا آءٌ گھڙندوس،
ڪالاچيءَ جي ڪُن مؤن، پھرستين ايندوس،
سچي خبر ڏيندوس، تـ راوت ڪنھن رپ رھائيو.
33- ستون پھر آئيَو تـ وينا ڪن وائي،
ادو اج نـ آئيو لنگھي ويس ڊائي،
ڪاھوڙيءَ ڪائي، ھي راوت پي رپ رھائيو.
34- ماڻھو آيو مور ڏي، ڪٽي خاطي خط،
پڙھي پروڙج پاڻھي، اسان ڪونھي اَت،
ڏسي اھڙا اکرڙا، ھئي ھئي ھٽي ھٿ،
وھيس نار نيڻن مان، ريلا ڪري رت،
پر مون ڪي ڪانھي پت، تـ گھاتو گھر نـ آئيا[1]
35- ماڻھو آيو مور وٽ، رھبر ڏي روئي،
پائر تنھنجا مورڙا! ڏڳ چڏيا ڏوئي،
ڪير ڪُن ڪالاچيءَ ڪؤن، سنپاري سيئي،
انھن ڪؤن پوئي، ڪھڙي ڪم ايندين مورڙا!
36- خاطي! وج وري سگھو، ڪجان تون سعيو،
آيو مرد مياڻيءَ تي، لاڳاپا لاھيو،
ڪَل ھجي جنھن ڪُن جي، سو سورھيـ سنيرايو،
صبح ساڻ موڪلايو آءٌ بـ ايندس اوڏھين.
37- ڏنگ ھٿرس ھٿ ۾، دارون ڏرس ورھاءِ،
چھ چھ ڪري چٽي پئي، وٺي وير ھٿاءِ،
چوي دلوراءِ، ڪو آيئي ماڻھو اوچتو؟
38- آءُ ادا! اورتان، ڏي خاطي خبر چار،
چي: مھاڻا مياڻيءَ ۾ ھئا پورا پنج ھزار،

---

[1] روايت ڦ موجب: لکڻ ٿيس آپت. ھن جا مارو مڇ ڪٽي ويو.

هيڪاندا تي هليا، دوست دلين جا يار،
مٿي ٻڌائون مور چڙا، ڪري پاڻيءَ جي پچار،
مڇ اُتي ماري وڌا، جيڪي جگري يار،[1]
وُڙهن مس ”محمود“ چئي، جنهن ڏڪي ڪيا ڏار،
چي: پاڻهي ٿيندي پچار ڪڏهن منهنجي ۽ مڇ جي[2]

39- خاطوا وري وڃ، ڪر پوئتي جو سعيو
سون مياڻيءَ سڀ جا، لاڳاپا لاهيو
بادشاهه ڪان موڪلايو آءُ بہ اچان تو اڳڻ تي[3]

40- ماڻهو آيو مور وٽ، روئي ڏي رهبر،
هت ترسين، تعظيمان لهين، هُت ڪَچئين ڪئو قهر،
خونيءَ سڀ ڪپائي، ودي ڏيئي ور،
هاڻي ڪهڙو ڪٽندين ڪر، مياڻيءَ ۾ تون مورڙا!

41- چي: پيُو سيني جو هيڪڙو هئي آٽي پاڻي ماءِ،
جائينَ ٻيءَ پيٺاءِ، تو تڏهن ترسين تار ڪوئن.

42- ماڙيءَ چڙهيو مورڙو تو دانهن دلوءَ کي ڏي،
دلوڙي منهنجا بادشاهه! مون کي مڇ مارائي ڏي[4]
ڪاريگر، جي ڪم جا، انهيءَ دم گهرائي ڏي،
ڪل نهرائي ڪائي جي، تڪا ڪات بہ ڏي،[5]
منهنجون ۽ مل مڇ جون ڳالهيون ڪندا ڪي،
تہ ٺُڪر ڪري تي، مان لاهيان مئي مڇ مان.

43- موڪل ورتئين دلوءَ کان، دل جهلي هاڻ،
مدد ڏي مسڪين کي، مون کي ڪانهي ڪاڻ،
ڪل ناهي ڏي ڪائي جي، جنهن ۾ خوني ڪاڻ،

---

(1) روايت ف
(2) روايت ف موجب: هاڻي سويون ڏئين ستار تہ لاهيان مئي مڇ جي.
(3) رروايت ف
(4) روايت ف موجب
(5) روايت ف موجب: چريون، ڪٽاريون چاهيون، مون کي ڪاٺو ڪات ڏي

چريون، ڪتاريون، ڇاهيون،[1] چڙهيل سڀ سراڻ،
ڪري همت هاڻ، وڃهان وڏ ويريءَ ڪي.

44- ڪاريگر انهيءَ ڪم جا، جيڪي ڄُڃئين ڏيان سيئي،
رضا رب ڪريم جي، آهي پوڳٽي پيئي،
ڪتاريون ڇاهيون ڪيتريون، ڪاتيون ڏيانءِ ڪيئي،
سڄ سنئون سيئي، هٿيار ڏيندوسانءِ هٿ ۾.

45- رات وچ ۾ راس، ڏنئينس ڪائي جي ڪَل،
ڇيڻ وڃي وڙهه ويريءَ سان، جي اچئي ڪا اٽڪل،
هو گهاون اڳيئي گهائيو، سورن ڪيس سل،
مانجهي نوڪڻن مل، خونيءَ سڀ ڪپائيا.

46- خونيءَ سڀ ڪپائيا، هٿن منجهه هزار،
هٿا هيڪاندا هڏهين، جاني جگر يار،
رضا هئي رب جي، جنهن ڇني ڪيڙا ڏار،
هاڻي ڏيندم سوڀ ستار، ته ماري ايندس مڇ کي.

47- مارڻ ڪارڻ مڇ جي، هُت گهاتو ڪونه گهڙي،
هلي ملاح مورڙو، تو ويريءَ سان وڙهي،
مرڻ مناسب ”محمود“ چئي، ڇانئڪ تي نه چڙهي،
هاڻ اچي راج مڙي، جو مورڙو وڙهي تو مڇ سان.

48- ماڙيءَ چڙهي مورڙو بينو ’ادا، ادا‘ ڪري،
ويجها آهيو ته وري اچو اوهان کي پيئي رات پري،
ويهان ڪيئن ڪري، جو گهاتو گهر نه آئيا.[2]

49- ماڙيءَ چڙهي مورڙو بينو ڪٽي رَڃ،
وڃي تيان شل ويجهڙو، ونان ڪلاچيءَ ڪَڃ،
ڪري ميل مڙس جو، تنهن تي ڪندس بڃ،
مارينيدوسانءِ مڇ، ڏيئي ڪات ڪلين ڪان.

---

[1] ڇاهيون = سنهي ۽ ويڪري منهن واريون ڪهاڙيون، تبرون.
[2] روايت ف.

50- ماڙيءَ چڙهي مورڙو ٻـسي ياجائيون،
نڻون هئن نڪ ۾، ڪَرَ ڪُلهيريون ٻانهيون،
نـنـڍڙا ٻـار تـڙن تـي، چـتـن ۾ چـايـون،[1]
اهڙيون ملاحيون، ورن ري ولهيون ٿيون.

51- ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، هونگ جَني جي هُئي،
تن جا مولهيا مينهن پُسائيا، متئون ماڪ پئي[2]
ڪلاچئون ڪهي، ڪڏهن مڇ مارينديــن مورڙا!

52- اوپايو پٽن جا، پيو رويون ڪيڍي پار،
گهوڙيون هيون گهوٽن سان، هئا ترين جا هسوار،
سي ڏڪي ڪيڙا ڏار، جي وُڙهن مس "محمود" چئي.

53- ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، آيا جُنگ جوان،
واقف نـ هئا وجهـ جا، نـ سوگها هئن سامان،
سُورهين پئي سر ڏنا، پاڻيءَ ۾ پهلوان،
ڪل لڏائون ڪانـ، جو وڏا ويريءَ وات ۾.

54- وڏا ويريءَ وات ۾، سي ڇڇهـ ئي چوڙي،
اوپايو پٽن تي، رند ونيو ووڙي،
گهاتو ڪنهن گهتي وڏا، سوگها ڪيا سوڙهي،[3]
لکيو هرڪو لوڙي، جو آين ڏينهن ازل جو.

55- ويريءَ وڏا وات ۾، ڇڇهـ ئي مهاڻا،
ستين پيٽن يَر تي، ڪيڍي آيل اوراڻا،
خاصا هنڌ ادن جا، هئا طول وهاڻا،
نٿي آءُ جاڻا، تـ ڪيهيءَ جهل جهلي وڏا.

---

[1] روايت ف
[2] هي بيت شاهـ جي رسالي ۾ هن طرح آيل آهي:
ماڪ پچاين مولهيا، متان رات پئي،
اوليون اُجهڻ لڳيون، ويا ونجهـ وهي،
ڪلاچيا ڪهي، ڪڏهن ڪونـ آئيو.
[3] روايت ف موجب: ڪهڙيءَ گهٽ گهتي وڏا، يا سوگها ڪيا سوڙهي.

56- موت مانجهي مورڙا، ٻڌ مياٽيءَ تي موڙ
ڪالاچيءَ جي ڪُن ۾، تنهنجا ڪين هلندا ڪوڙ
ڏسي مڇ ”محمود“ چئي، تو سڌي ڪري سوڙهه،
سمجهي ڪجان گهوڙ، انهيءَ مڇ تي تون مورڙا!

57- مورڙو وڙهي تو مڇ سان، سوئي پنهنجو پاڻ،
عقلمند اڳي هيو، سو سرت پريو سڄاڻ،
هو تو تکو تار وهي، مئي متو مهراڻ،
سائين ننگ سڃاڻ، پڇاٽي ڪندس پانهنجي.

58- منهن چڙهيو اُت مڇ، جو گهوٽ وڏو گهائي،
ڏنئينس ڪات ڪلين ۾، سُوئا سمجهائي،
بينس وات وهڻ ڪوُن، وڏئينس ليٽائي،
پاندي اندر پيم جي، وينو ورنهه واجهائي،
ڏسان ميٽ پاٺرن جا، جن گهوٽ وڏا گهائي.
هاڻ هر هر هلائي، مُنهن متي ”محمود“ چئي.

59- ماڙيءَ چڙهي مورڙو، دانهن دلوراءِ ڏي،
هن ديواني مڇ جون، ڳالهيون ڪندا ڪي،
سسي مانگر مڇ جي، مون ٽُڪر ڪئي آهه تي،
هانَ راج سڏائي ڏي، ته مڙي ڪڍن مڇ کي.

----------

# روايت [5] *

## غلام حيدر ”تيرهي“ جا چيل بيت •

1- ڪَلاچيءَ جي ڪُن ۾، گهاٽُو تا گِهڙن،
مٿي مَڇ مڙن، ٻڏيو مولهيا ماڪ ۾.
2- ڪلاچيءَ جَي ڪُن ۾، گهاتوئن پاتو گهور،
اوليُون وِجن اُجهنديون، پاٽيءَ رکيو زور،
ٻيَن هينئين تي هور، مُڙيا مانگر مڇ ڪان.
3- گهاتوئن گهورڻ چڏيو مُڙيا مڇ ڏسي،
ڪري جان گهور جهاجهہ ۾، فنا ٿيا ڦِسي،
سَچي ڪونہ سسي، سامهون اُيي سيسار کي.
4- ڪاهي هليا ڪُن ڏي، ونی سَچي سير،
ڏسي اُڇل آب جي، دَهلي ٿيا دلگير،
ٻري پهتا پير، نهاري نِڪو منجهہ کي.
5- نهاريائون نِڪونجهہ کي، پيرين پاتاري،
رَڃ منديائون ريت تي، ونجهن ۾ واري،
ڇَتيون ڇُگيرن ڪنيون، ٿُرهن تي تاري،
ملاح مانگر مڇ جي، ماريا مونجهاري،
پهہ پهيائون پاڻ ۾، اهڙو اختياري،
ويهو مَ وساري، گهڙي گهوريو اگهور کي.

---

* ”رسالو حيدري“ مطبوع مصطفيٰ پريس لاهور، سن 1890ع تان ورتل.

• فقير غلام حيدر، بزرگ قنبر علي شاهہ عرف شاهہ شريف پاڏائيءَ جو هڪ وڏو خليفو ۽ درويش هو. هر رنگ ۾ رتل هو. انهيءَ ڪري کيس ”تيرهو“ سڏيندا هئا. هيءُ بزرگ ٽالپوري دؤر ۾ ٿي گذريو. پنهنجي مرشد جي وفات (1264هہ) کان اڳ گذاري ويو. سندس قبر پنهنجي مرشد جي مقام ۾ آهي

6- گھوريائون اگھور کي، گھاتوئن وَنتا گھٽ،
ڪِنهين هٿ سانبو هيون، ڪِن مٿي تي مٽ،
پري بينا پَٽ، ٻئي ڪپ ڪُلاچ جا.

7- چڏي ٻئي ڪپ، اُهريا آب عميق ڏي،
ڪي ولهوتي وير نِيا، ڪي گَتا منجھ گپ،
جھلي سَگھن نہ جھاريون، جھولي جي جھڙپ،
اوياري ۽ آر تي هئي لَهرن جي لڙپ،
مانجھي ڪري مَپ، ماري مڇ کي موٽيا.

8- مڇ کي ماري موٽيا، گھاتو مٿي گھرن،
وڏين ورهائين پاڻ ۾، ترازوءَ تُرن،
"ومن يعمل مثقال ذرة" ضايع ڪن نہ ذرن،
صبح صادق سان اچيو ٻر پَٽ ٻرن،
"تيرها" 'توبوا الا الله' جو سبقَ صاف پڙهن،
سولنگي تا سڙن، ڏسيو مايا مڇ جي.

9- ڏسيو مايا مڇ جي، سولنگي سُک نہ ڏين،
اُتيو سويرا گھاتُوئا، ساٿِي تا سؤدين،
ترازوءَ تورين، وجھيو مڇ ميزان ۾.

10- وجھيو مڇ ميزان ۾، آيو پاسي اَڌي،
وڏي ورهائي ونئي ويا، مُهاٽا مَڏي،
جوکو اُتان جڏي، اچي گھاتوئن گس لائيو.

11- نڪا مَڪُڙي ماڳھين، نڪي گھاتُوئن گھر،
نڪي ساٿِي نہ سولنگي ڪي، نڪي ساوا سَر،
نڪو ماڳ مڪان ڪو، نڪا ڏرتيءَ ڏر،
نڪا دؤنس درياھہ جي، نڪي مڇ مانگر،
نڪو واھہ نہ واھڙو نڪا ڪُوڪَ ڪبر،
"تيرها" ناھہ خبر، اونهي 'عون الماءَ' جي.

12- اونهي عون الماء سان، آڏيءَ جي اورين،
اُوهي گھاتو اگھور ۾، گھورئو تا گھورين،

ماريو آٽيو مڇ کي، ڪِپن سان ڪورين،
ترازوءَ تورين، ساتي سولنگي گڏ ٿيو.
13- ساتي سولنگي گڏ ٿيا، مڇ سُٺائون ماريو
چي: پلي جائين مورڙا! تو ويرُ وجي واريو
"نصر من الله وفتح قريب". "تيرها" تنواريو
سوداگر ساريو، موڪا ڏين محل تي.

-----------

# روايت [6] *

## حڪيم ڏاهريءَ جا چيل بيت •

1- ساراهيان سچو ڌڻي، صاحب رب ستار،
ست پُٽَ اوباڻيي ڪي، انين ڏيءَ ’جُمڙي‘ نالي نار،
هنن جو گذر غريبت جو، ڪن مڇيءَ سندو مار،
ڏيرياڻين جو ”ڏاهري“ چئي، تيو ڪينو خلل ڪار،
’مور‘، سندي محلات ۾، هو طعنن جو تڪرار،
’مُني! ويل ور تنهنجو، جٽ نہ جاٽي چار،
وڃيو ور اسان جا، شاهي ڪن شڪار،
وڏو ٿيو ويچار، مهڻن جو مور ڪي.
2- مهڻن جو مور ڪي، تن ويڻ چيو ويهي،
رنون ريب ڪري ويون، ڪيئون پائرن جدائي،
وڃڻ جي وائي، من ۾ پئي آ مور ڪي.
3- من ۾ پئي آ مور ڪي، آيس ڪاوڙ ۽ قصور،
ڪُڇي پُڇي تو ڪينڪي، سانديو مڙئي سور،
ڪيئين رمز رٺائون، دل اندر دستور،
تہ پائرن پاجاين جو معلوم ٿيم مذڪور،

---

* هيءُ بيت مير حسن ”سڪايل“ (تعلقي شهدادپور) ۽ سالم خان پٽ ميرو خان مري بلوچ، ويڻل ڳوٺ. علي خان مري (تعلقي سڪرنڊ) کان مليل

• حڪيم پٽ شيرو ڏاهري، ويڻل راهواري، تعلقو سنجهورو ضلعو سانگهڙ. اٽڪل 35 سال اڳ (29-1930ع) وڏي بيماريءَ ۾ 50 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو انهيءَ حساب سان سندس جنم 1880ع ڌاري ٿيو هوندو. نڙ تي بيت ڏيندو هو. سندس ٻالڪن مان درياء خان وساڻ ۽ جوسب ڏاهري تي گذريل

رانديون ڪن رَچن سان، پنهنجي ڪارڻ قوت ڪنار
اوپايل اُڇلائي وڏو هو، ڇاٽي ڇمائي ڇار،
ٻچا مانگر مڇ جا، آيا اُڇل جي آڌار،
ڀِڙ چڪي ٻيڙيءَ تي، مگ ڪديا هئا مار،
وِڏي نُڪي ڪهاڙن سان، ڪيئين ڏڙ سسن ڪان ڏار،
مڇ ٻه تنهن مهل ڪين هو ويو هو ڪَرڻ شڪار،
اڇي مگ نُٻيو آهي مهراڻ ۾، ڪري ڏوڙيا ۽ ڏڏ ڪار،
اڇي ماتام لڳو آ مِروڻءَ ڪي تيس آنڌن جي اُڀار،
تڏهن مڇ ٻه پنهنجي مالڪ کي تو سوال ڪري تنهن وار،
تہ وير تنهن ويريءَ کان، مون کي وني ڏي ڏاتار،
هيءَ صفت ڪريان سردار واحد تنهنجي وڏائيءَ جي.

9- صفت ڪريان سردار جي، ڏس واحد وڏائي،
ملاحن اڇي مڇ سان، لاتي لڙائي،
وارا ڪيئونس ونجهن سان، ٻيڙا نيلهي ٻئي،
وڏئونس چار جنگهن ۾، ريج چني ڪيئين رئي،
پڇڻ ۽ ٻيهڻ جي، اُت ڪنڌي مور نہ هئي،
وجهي وات وقوف سان، ڇڏيئين ڇهن ئي کي کائي،
وجي پيا مگ پيٽ ۾، جت هئي اونداهي،
هادي لاءِ ”حڪيم“ چئي، هئن الڪئي جي لائي،
مر روئي مائي، جنهن جا ماٽڪ مڇ ڪٽي ويو.

10- ’جُمڙيَ‘ جوانن لاءِ پرهہ ڪيڏي تي پار،
گهاتو گهر نہ آئيا، جيڪس ڇڇي تيا ڏار،
تيو آ ڪوڪٽ ڪُن ۾، جنهن جي خبر نڪي چار،
ماري کٽي ويو مار، تن جو ڪونهي ڏس ”ڏاهري“ چئي.

11- تن جو ڏس ”ڏاهري“ چئي، ڪالهہ ٻہ ڪُن تي هو
وينا هئا وقوف سان، هو ريج ٻہ رهايو،
پيو هو منهن مڙدن کي، مانگر مڇ مَيو،
لاتئون لڙائي تنهن سان، سرس رکي سعيو،

هو گئون ڪڻ: وين غار ۾، تن جو پتو ڪونہ پيو
نہ ڄاڻان ڪھو اڳيان ٿيندن حال ”حڪيم“ چئي.

12- ٿيندن حال ”حڪيم“ چئي، آهي خاوند کي خبر،
مڙد گھرائي مھراڻ ۾، وڏا پاڪ سچي پرور،
جلي ڪامي ٿي جمڙي، ياٺر نہ وريا پڙ،
نماڻن کي نصيب هجي ها هتي هوند قبر،
ونيون سارين ورن کي، گھاتو سارين گھر،
اوپايل کي انڊو ڪيو هو انھيءَ ڏک ڏمر،
واقعي هيءَ خبر، مُڪائون ماڻھو مورڙي

13- مڪائون ماڻھو مورڙي، ويو خاطي خط ڪٽي،
ياٺر تنھنجا مورڙا، ويو ڪائي مڇ ڪٽي،
خط پڙهي ڪِيو ٿيو وڏس حال هٽي،
ساري ڳالھ سٽي، معلوم ٿي ويو مور کي.

14- معلوم ٿي ويو مور کي، هليو دلوراءِ ڏي داناءُ،
سائين! ڪاڏ م پيتم خوب خوشيءَ مان، اتي پاٽي پاءُ،
حاڪم آهين ”حڪيم“ چئي، تون بديون بخشج پاءُ،
ڪات نھرائي ڏينم رُڪ جو جنھن ۾ هجي وج واءُ،
وهائيندس تنھن ويريءَ تي، مُدعي جي مٿانءُ،
ڏيندم اُت ”ڏاهري“ چئي، مَدت محمد شاهہ،
اِهين بہ ڪري الله، جو ماريان تنھن مردود کي.

15- جڏهن سون مياڻي سُج تي، تڏهن تو هٿ هلائين،
تاڪيد سان تنھن ويلي، لُهرن ڏي لڪيائين،
اڇي حاضر اُت ٿيا، ڪئين اُستاد آنڊائين،
هنر تن حرفت جو ڏَسي سپ ڏنائين،
ڪلون ڪاريگرن هٿان، جنبي جڙايائين،
ڪائي ڪات نھڻ جي، ست ويھي ستيائين،
تنھن ۾ تراريون ڪيتريوَن، رتي رانيائين،
ڪپ، ڪٽاريون، ڪاتيون، ڪنا ڪوڙيائين،

هتيارن جون "حڪيم" چئي، رمزون رکيائين،
وجهي ڪلون ڪات ۾، نوڪي ناهيائين،
ترت سيپئي تيار ڪري، سورهيہ سڏيائين،
خنجر ڪنيائين، تبرون تکيون تيز مان:

16- تبرون تکيون تيز مان، ويو دست ڪري دلبر،
مور کي مرونءَ سندو، هو ڏاڍو ڏک ڏمر،
مردن لاءِ مور نہ ٿِي، اُرهو منجهہ امر،
اهي قلم لکيا ڪرم ۾، پاڪ سچي پرور،
حجت ناهي هتيار جي، جاءِ انهيءَ ۾ جر،
مڇ سُجهي تو مهراڻ ۾، ڪنڌاري ڪو ٻر،
چي: توبهہ در الله جي، آءٌ نہ ڪريان تڪبر،
ماريندس تنهن مدعيءَ کي پيرو ڏيئي پر،
وهائيندس ويريءَ کي، ڪيڏائي خنجر،
پوءِ ڪرت، ڪهاڙا، ڪاتيون، ڪٽي ساڻ ٿمر،
چيائين حاڪم! هلي حاضر، اتي مجرو ڏسو مور جو:

17- مجرو ڏسڻ مور جو، آيو دلوراءِ دلير،
گهوٽ چڙهيا سڀ گهوڙن تي، پانهہ ڏيئي پير،
مور پنهنجي ملڪ جو اڇي ياڻ سچاتو پير،
مڙي ملاحن ڏنو اهو ڪنڪ وارو ڪير!
چي: صحيح سڃاتو اٿئون، اهو مانجهي مرد مٿير،
ڪيائين حقيقت حال جي، ڪيو مون سان مڇ انڌير،
چي: قسمت ڪم ڪيو، هاڻ چڏ مونجهارو مير،
غوث ويا ان گس تان، پير پريندي پير،
لکيو وس رب جي، پيو قلم وهائيندو ڪير،
اتم اميد الله ۾، ونندس مڇ کان وير،
گهٽ ڏَسيو سي گهيڙ، جتان مردن کي مڇ ڪنيو:

18- چي: مرد مهراڻ ۾ گهڙيا، شرط رکي شتاب،
وريا ڪونہ وعدن تي، هنيا ڪنهن حساب،
اهڙي انڌي عقاب، گهاتو سڀ گمائيا،

19- گهاتو سڀ گمائيا، منهنجا مدعيءَ مڇ،
وڃهندس وقوف سين، موذي مڇ کي رڇ،
ڪريان عرض الله کي، صاحب ڪندو سچ،
ڪيون مذاقون مڇ، جڏهن مور نہ هو مُلڪ ۾.
20- مور سڏايا مليهہ، آيا سڀ ميڙ ڪري،
ڏاڍا مڙس "ڏهري" چئي، دلوءَ جهڙا ديهہ،
جوان اچي جملي ٿيا، سڀ لهندي ريهہ،
پر سورهيہ ڪونہ سنديهہ، مرڳو انهيءَ مڇ تي:
21- مرڳو انهيءَ مڇ تي، چڙهندي ڏنئون چوٽ،
مڇ ڪـڏي مهراڻ ۾، ٿي پاٽيءَ ۾ پالوٽ،
مرد پڄي ويا ميدان مان، مڙني ڪاڏي موٽ،
مور انهيءَ ميدان ۾، بينو ُات اَموٽ،
چي: گهيڙ اهو اٿئي گهوٽ، جتان مردن کي مڇ ڪنيو.
22- مردن کي مڇ ڪٽي ويو بينو مور موڪلائي،
سانگو پنهنجي ساهہ جو چڏيئين لاڳاپا لاهي،
دعا ڪجو سڀ يارو! هاڻ الله واهي آهي،
نڪرڻ ٿيندو نصيب سان، وين جو منهن آهي،
بڌي رَس روان ٿيو، ڪـُن اندر ڪاهي،
مڇ پنهنجي مئي منجهان، چڏيو وات وڇائي،
ڏنئينس ڪات ڪلين ڪان، گهوٽ وڌس گهائي،
پاندي اندر پيمہ جي، ويو لنگهي، ليٿائي،
اتي پڙ پائرن کي بينو هينئڙي هٿ لائي،
ساهہ برياڻن کي پائي، اچا پڻ آهي،
تڏهن مرد مڇ کي بينو گهڙي ۽ گهائي،
جگر جيرا بڪيون، ڍڳ ڪيائين ڍاهي،
مڇ ڏني مهراڻ ۾، رت سندي راهي،
وڌئينس ڪُنڍا ڪاپار ۾، وَرتُون ورائي،
انگ عضوا اتڪائي، آيو مور انهيءَ مڇ کي:

23- ڪڏيو منهن موڙي، ملي مبارڪ مور،
تو ڪيئن ماريو مڇ کي، ڪهڙي ڪيئي تڪ تور؟
اسان ٻُڌا ٻهر مڇ جا، گهوگهٽ ۽ گهور،
چي: مرد ڏٺا هئم مڇ ۾، مون کي ڏڱ ڏني دور،
ٻچيامانس ٻرهه جا، چوڏاري چور،
وڍيومانس وقوف سين، ٻي ڪاتن ڪيس ڪور،
هٿيارن جي "حڪيم" چئي، اتي ڪيم چور پچور،
چيو مڙني کي مور، ڪيئن ڪڍڻ جي ڪار ڪريو.
24- دلوءَ چيو ديمين کي، ڏيئي اُت ڏوها،
پنج سؤ آٽيو پاڏن جا، جن جا لڱ هجن لوها،
ڏهه سؤ آٽيو ڏاندن جا، جي چِڪ جا هجن چوها،
هڪلي اچي حاضر ڪيئون، ڪاهي سڀ ڪونها،
ڏيئي پانجاريون پاڏن کي، کوڙيائون کوها،
تن کي هڪلڻ وارا ڪيترا، ماڻهو لک هئا،
ٻر پٽيا تنهن روها، قيم تن کي قيرو ڏيئي.
25- اتي فڪر لڳن قيم جو، ڪيون سَئسن صلاحون،
آنداٿون تيرهن ويهون تُرين جون، سڀ هُيون سُوائون،
سايون، سرخيون، سمنديون، ڪُميتون ڪاهيائون،
بگيون، پُوريون، ڪارنريون اتي آنداٿون،
سونهريون، سنجافون، نيريون، نقريون، ابلقون آنداٿون،
چينيون چريون، تيز پريون، اٽڪيليون آنداٿون،
ڪَنن ڪُنڊيون، سؤ رنگيون، نيو ڪنڌ نواياٿون،
ڏيئي پنجوڙون پنج ڪلياڻن کي، اتي روجهون رتياٿون،
ڏورٽي اتي "ڏهري" چئي، ڪٽي ٻهاڙ ٻڌاٿون،
حڪم ڪري مڇ تي، ڪٽي جلدي جوٽياٿون،
قيرو ڏيئي قيم کي، چوهي چڪياٿون،
ڪڙڪا ٿيا ڪميتن جا آٽي ٻهڙيون لاياٿون،
اچلي آنداٿون، ڪڏ سر ڪيڙيون جو.

26- ڪڏي سر ڪڇئون جو ڪيئون ٻُت ٻهر،
هڪدم هڏو اتلائي وڌئون، هئا مڙد اندر،
ڪڍيئون لاشا تن جا، منجهان مڇ مانگر،
رُنئون رت راڻن لاءِ، ڪري ڏک ڏمر،
دلوءَ دانهن ڪري چيو مرد ڪٽن تي ڌر،
سيج وڇائي سُورهين ڪي، گهمائي آنڊائون گهر،
لاهيو لاڪيڻن ڪي، پيا وهنجارين ويتر،
ڏکن جو "ڏاهري" چئي، ڪنهن سان ٿئي نہ ٿهر،
ڪري پيغمبري پر، ڪنيئون ميٿ مقام ڏي

27- ڪنيئون ميت مقام ڏي، مور تو متين ملي،
رويو رت اکين مان، ڳوڙها وهائي ڳلي،
'ادا ادا' ڪيو سڏ ڪري، ان کي ورندي ڪانہ ملي،
الست مؤن آواز آيو چڏيو پهلوانن جا پرياڻ پَلي،
هلو هڪ دم ۾، بيهو نہ جنازا جوانن جَهلي،
قدم پري ڪُلها ڏنئون، ڪٽي ويا پاس پَلي،
هاديءَ سان "حڪيم" چئي، حجت ڪانہ هَلي،
پُوري روح پَلي، پڙهيئون ڪلمو مُنڊ قرآن جو.

------------

# روايت [7] *

ادا ٻڌو قصو مورڙي، ڏيان منجهہ مضمون تورڙي راوي روايت جا. هن ريت ڪن حڪايت تا تہ ٻاچو ۽ ٻاراچ ڪراچيءَ منجهہ رهن. هئا ٻئي پاڻ ۾ پائر. جي بهادريءَ، هنر ۽ حڪمت ۾ ماهر هئا. هنن کي ڪو تورو سفر درپيش آيو. وني وات پنهنجي هنن رستي ۾ ڪاهيو. اوچتو ئي هنن کي هڪ وڻ نظر آيو. هنن اچي وڻ کي چاهؤن چتايو. تہ منجهس هڪ پکي، پنهنجن آنن تي ڪنب رکي، وينو ڪري آرو. تن پاڻ ۾ ڪيو پهہ. تہ ادا! آهي اهو سورهيہ، جو پنهنجي حڪمت هلائي، پکيءَ کي بہ نہ اُڏائي، ۽ آنا آکيري مان چنبن سان چائي. هنن شرط پاڻ ۾ ٻڌي، تڏهن وڏي انهن جي ڪيڏڻ لاءِ دل رکي، ۽ وڻ تي چڙهي وچي آنا اهڙيءَ ريت سان ڪڍيائين، يعني پکيءَ کي نہ اُڏايائين. اتي ننڍي ڀاءُ ڏٺو تہ ٻيلي وڏو ڀاءُ ڪنيو تو وچي بازي، هاٽي هلائجي حڪمت سازي، جنهن ڪري ڀاءُ بہ ٿئي راضي، ۽ پنهنجو مطلب بہ پورو نڪري اچي. ڪيائين بہ بيشڪ اهڙو ڪم. نڪا هنيائين ٻناڪ نڪو دم، تي پنهنجي ڳالهہ تي محڪم، تيو وڻ تي راهي، جلد آيو ڀاءُ وات ڪنيائين نہ وات تي ساهي. ڀاءُ سندي گود مان، هٿن جي حڪمت سان، آنا ڪڍيائين، اُتاهون موٽيو ٻوڙندو هيٺ اچي تنهن هنڌ تي ساهي پٽيائين. وڏي ڀاءُ کي بہ ڪل نہ رهي ڪائي، تہ منهنجي ڀاءُ مون سان ڪا آهي حڪمت هلائي! هي جوان بہ هيج مان آيو وٽ ڀاءُ تنهن

---

* هن روايت جو متن ڇپيل ڪتابڙي تان ورتل آهي. جنهن جو بيو ڇاپو سنڌ پرنٽنگ پريس شڪارپور مان مسٽر پوڪرداس سن31-1932ع ڌاري ڇپايو.

هن ڪتابڙي ۾ بہ قصا "مورڙي" ۽ "سهڻي ميهار" جا شامل آهن. انهيءَ ڪري ڪتاب جو عنوان پڻ "قصو مورڙي ۽ سهڻي ميهار جو" ڇپيل آهي. مورڙي جو قصو بيتن ۾ شاعر دريا خان جاگيراڻيءَ جو چيل آهي، جنهن جي منڍ ۾ نثر ۾ ڳالهہ لکيل آهي. هتي ڇاپي مطابق منڍ ۾ نثر واري ڳالهہ تورڙي دريا خان جو بيتن ۾ چيل قصو بيئي قائم رکيا ويا آهن.

قصو ڪوتاهہ، تہ ڪئي هيءَ مصلحت مڙن، تہ ونڻ گھر جي واگھہ ڪان ڦريان ساک سين: پوءِ جي ڪو پتو پيو تہ واهہ، نہ تہ رکو متي الله اها صلاح ڪري چيائون واگھہ کي، ڏي تون ساک ٻري اتي واگھہ چيو تہ ادا، هجو خوش سدا، سهڙ جنگهان تي آهن، چار بلڪل ناهن، ڪير تو چوي، تہ واگھہ ڪوڙ تو ڪهي، ۽ جيڪڏهن توهان کي منهنجي ڳالهہ تي پت نہ پوي، ۽ اهو ڏيو م تا سنگت جو ياڙو تہ ادا! مان آهيان پنهنجي وات وارو ويندس هليو وطن تي: چي: پيارا ادا! اسان کي ساک ڏيئي، پوءِ وچ اوڏهين جيڏي وٽيئي: واگھہ چيو منهنجو چوڻ مڃيو ادا، اڳتي هلو من هجي ڪا مسجد مُلو پوءِ جيئن اوهان چيو تيئن ڪبو بلو: پوندم ڪم الله سان ڪوڙ ڪين ڪُڇندس، سڀ سچ اڳيان سلندسَ هنن دل ۾ چيو تہ ٻيلي، هن ڪئي آهي دغا، جنهن جي ملڻ ڪپيس سزا، پوءِ هر ڪنهن جي مرضي ادا. ڦريائين ڪنهن بہ صورت ۾ اها ڳالهہ ثابت ڪجي، پوءِ جي سيني سندي دل هجي، تہ گڏ رهون، نہ تہ پنهنجي جدا جدا وات ونون: تنهن ڪري واگھہ کي ٻيا چون، تہ ڪا اها دغا نهي سان دوستن؟ جي ڪجھہ ڪائجي تہ سلجي، جيڪڏهن نہ سلجي تہ پاڻ ڪٽي پلجي، هاٿي جيڪڏهن اٿئي ڪاڏي، تہ بَڪ ڦٽي ڪر بادي، ڪٽي مڃ تہ جهيڙو ئي لهي پوي، ۽ هرڪو خوش تي آنند ۾ رهي: چي: ادا، دوستن سان دغا تہ نہ ڪئي اٿم، باقي توهان کي آهن سهڙ جا آتر رکٽا، تنهن ڪري ڪريو تا هوڏ ۽ ٻڏو تا ٻُدبُدا سکٽا. جڏهن واگھہ باز نہ آيو تڏهن هنن هيءُ ڀهہ ٻچايو تہ هلي هن ڳوٺ مان چوري ڪريون، ۽ هن کي وڻ سان ٻڌي ڇڏيون، پوءِ سڀ ڪرائيندا سونس سچيون:

نيٺ اها رٿ ڪري وڃي چوري ڪيائون، واگھہ کي وجھہ سان اچي چيائون تہ ادا، سچي اسان سان ڪر، نہ تہ سياٽي هن ڳوٺ جا ماڻهو اهڙي ڪنڌ بر، جو وينو ڏسندين: واگھہ چيو: ادا، سهڙ جنگهان تي، چوٽون ٽِس پڇ، توهان جڙ اڳي نہ ڏنو آهي ڪجھہ، هاٿي جي اعتبار نہ ڪريو تہ وني وات پنهنجي هليا وڃو: هنن مال ڪري رکيو واگھہ وٽ، پاڻ وڃي ٻري ٽڪيا. اجان ڦٽي مس باک، تہ تي مال جي مالڪن کي سجاڳ، اُتي ڪن جاچ تہ مال نهي ئي ڪوڻ: نيٺ مال ڏٽي، ساجهرئي ٻير ڪٽي، اچي مال وٽ رسيا، تنهن ڪري هنن جا بہ پت سانت تيا، چوتہ هنن سمجهيو مال تہ

آهي، باقي ٿيو ونڻ سو هاڻ سولو آهي. نيٺ واگهہ کان پڇيائون تہ تون ڪير آهين، ڪٿان ٿو اچين؟ واگهہ چيو تہ ادا! جو مالڪ آهي ملڪ جو، سو راڪو آهي منهنجو هي مال تہ الائجي هٿ ڪير هئا، جي رکي راهي ٿيل هنن کي بہ پيئي خبر، تن بہ اچي ورتس پر، چيائونس: سچي اسان سان ڪَر، نہ تہ ڪجهہ ڏسين ٿو ڪجهہ پسندين وڏيڪ پر. پر جي ڪري ايمان ابر، ڪندين ڳالهہ پوري، تہ معاف ڪرائينداسونءِ هيءَ سوري ۽ گڏجي هلنداسين. جنهن ڪري رهندي پٽ پوري اتي واگهہ ڏنو تہ بيلي ڪوڙ نہ لڪو تنهن ڪري تي لاچار ڪيائين هيءَ پڪار تہ ادا، چا سهڙ لڳي چا ايتري ڪوشش لڳي! توهان هڪ جنگهہ لاءِ ڪيتري ونئي تانگهہ ڪئي آهي، هاڻ نهيو پڪي ڪاڏي خير ٿيو بيءَ سيخ جو سعيو ڪريو. هاٿي مرضي توهان جي، ونئي هلو تہ واهہ. نہ تہ رکي مٿي شاهہ. وٺان پنهنجي راهہ! تڏهن چئني چيس تہ ادا، هجين خوش سدا، توسان ڪيونسين کِلان، هاٿي ڪر ڪوبہ ڪونہ خيال ۽ هل اسان سان. چاڪاڻ تہ هنن سمجهيو تہ پتو پيو. هاٿي مٿو هٽون چوا پوءِ اتي خوب نشا پاٽي ڪيائون. تڏهن واگهہ وريو يعني پنهنجي وطن هليو. هنن بہ هن کي خوشيءَ سان موڪل ڏني. اتي وري ماموئي شخصن ٻاچو ۽ ٻاراڇ جي موڪلائي ماني، جڏهن ڪائي پي خوش تي جوان وينا جاني، تڏهن پڇيائون ماموئن کان: ادا، اها ماني، ڪريو پاڻ سدا، ڪي ان ٿالهيءَ ۾ برڪت اٿوَ؟ چي: ادا، اسين ٿالهي رکون ڍوئي، پوءِ ٿو مالڪ ڏئي ڪاج سيوئي. هنن پائن پاڻ ۾ ڪئي هيءَ مصلحت، تہ ڪريون ڪا اهڙي همت، جنهن ڪري ٿالهي بہ ڪريون در دست. ۽ هنن کي بہ ان ڳالهہ جي پوي ڪانہ ٻڙڪ وري ماموئن صلاح ڪئي، تہ هي آهن اڙٻنگ جوان ٻئي، متان اها ٿالهي ڪٽي وڃن، تنهن لاءِ پيا رٿون رٿن. نيٺ هيءَ ڪيائون رٿ تہ سمهڻ وقت پاٽيءَ سان پري، مٿئون ڇِڪي ۾ رکجي، پوءِ جي هي ڪٽندا تہ پاٽيءَ جا ٺيپا ڪِرندا. تنهن ڪري ٺيندي سجاڳي ۽ ويندي ڪين ٿالهي. هنن وريُ اتي اڌ رات جو ڪئي ٿالهي هن ريت سان خالي، جو تڙ ڪٽي، پاٽيءَ وٺ نَئي، اهو پاٽي ڦوڪي ڪڍيائون ۽ ٿالهي وڃي داخل درياءَ جي ڪيائون ۽ وري اچي سُمهيا ۽ مها آنند ۾ پرپور ٿيل ائين ڪندي هنن کي بہ ٿي سنڀال، چيائون هنن کان سواءِ نہ آهي ڪنهن کي

مجال، جو ڪري اسان سان نڀيون ۽ تال، هنن بہ سرت سان سهي ڪري وڃي تالهي هٿ ڪئي ۽ پاڻيءَ سان پري آٽي اتي رکي: هي هڪ ٻئي جي حڪمت ڏسي سُمهي پيا، صبح جي وقت سيني جا سامان سلامت هئا.

وري اُتائون ٻاچو ۽ ٻاراڇ موڪلائي روانا ٿيا. وري آئيا اتي جتي هئي ٻاچوءَ جي زال. (يعني جنهن زال کي ڏنو هئائون نشان) هنن بہ حڪمت سان لڪائي ٻهري ۾ بحال، وري هئي نہ ڳوٺ ۾ ڪنهن کي ڏسڻ جي مجال. تنهن ڪري ان عورت خوبصورت نيڪ سيرت جو لهڻ بہ هون محال. نيٺ ڪري حڪمت ۽ خيال، وڃي لڌائون اها عورت خورد سال. پوءِ ڪري همت هزاري، وڏي اها پرٽي ناري پهرئين ورهيہ ٻاراڇ کي ملي پُٽ جي واڌائي، جنهن جو نالو رکيائون اوباهيو. توري گهٽي ڏينهن ٻاچو ۽ ٻاراڇ مري ويا. اوباهيو مهاڻن ۾ وڏو ٿيو پلجي، ۽ اتي ئي ڪيائين شادي، جنهن مان ڇهہ پٽ ٿيس. وري جڏهن وڏي عمر ۾ آيو تڏهن هن ڪيو ٻيءَ زال پرڻجڻ جو سعيو. آخرڪار ان مان بہ هن کي اميد آئي، ۽ هڪ پٽ 'مورڙو' ۽ هڪ ڌيءَ "جمڙيءَ" نالي ڄائي. مورڙو وڃي اتي جي راجا دلوءَ وٽ نوڪر بينو ۽ ٻين ڪيو مڇي مارڻ جو پيشو. مڇي مارڻ جي هنن کي نہ هئي خبرچار. تنهن حال سان بہ هنن ڪُن ۾ اُڇلايا اوزار ۽ وڏا وڏا جار ائين هئي ڪا ڏٽيءَ جي گهر جو اوزار وڃي پيا واڳوءَ جي ور، جنهن ڪٽي ڪيا پيٽ اندر. نيٺ سڀا ڇڪيائون، پر پتو نہ لڌائون. نيٺ هيءَ رٿ ڪيائون، تہ اسان مان هڪ هلي ڏسي حرڪت، ۽ ڇڏائي ساڻ حڪمت. پوءِ اوباهيو هليو ڏٽيءَ جي برڪت اچا آب ۾ گهڙيو تہ واڳوءَ جو وارو وريو جنهن ڪٽي وات ۾ وڌس ۽ هضم ڪري ڇڏيس. آخرڪار سيئي سردار، گهران اها ڀاڙ هٽي پيا هلن تہ اجهو تا واڳوءَ کي پڄن. پر ڏسو قدرت الاهي، جو مٿن آفت آئي، جو سيني جي واڳوءَ سيخ پچائي.

قصو ڪوتاهہ! تہ ڇهہ ئي جڻا، واڳوءَ کي وٽيا. جنهن پنهنجو لقمو ڪري ڇڏيو اتي سندن پيڙ ڪوماٽي، تنهن ڪيو هي خيال، تہ هنن سان ڪهڙو بٽيو حال. جو جيڪو ويو سو گم ٿيو تنهن ڪري چڱو ائين آهي، جو جلد پنهنجي ياءُ مورڙي کي اچان ٻڌائي. تنهن ڪري جلد مورڙي وٽ آئي، مورڙي بہ ان وقت ۾ تي دارُونءَ جي دنگي لٽائي: ڏسنديئي پيڙ کي

چيائين تہ مائي ڪندو خير سائين تون خبر ٻڌاءِ سيائي: چي: ادا، پائر اسان سندا، ويا صبوح جو قوت لئي، الائي ڪهڙيءَ ورتن شيءِ، جو اجا ڪو موٽيو ئي ڪونهي. اجا مورڙي اها ڳالهہ ٻڌي، تہ هن جي دل ويئي ڦُسي، ۽ بادشاهہ وٽ ويو ۽ اچي چيائين: سائين، منهنجو عرض اگهاءِ! بادشاهہ چيو اهو ڪهڙو سگهو تون الاءِ! چي: سائين، هن وطن ۾ هڪڙو پيدا ٿيو آهي ويري، ڏيوم موڪل تہ ڪريان ان کي ڍيري دلوءَ هن کي موڪل ڏني. هو ان مهل گهر آيو ۽ اچي سامان سنڀرايو. هڪڙي صندوق جوريائين، تنهن ۾ ڪات وغيره وسلا واڳوءَ سان وڙهڻ جا وڌائين. پوءِ سنڀالي سائين، مورڙو روانو ٿيو. اجا درياءَ ۾ آيو رڙهي، تہ واڳوءَ بہ ورتس ڏسي. مورڙي جنهن مهل واڳوءَ جي شڪل پسي، تنهن مهل هن جي دل بہ ويئي ڦُسي، پر ڪري دل ڏاڍي، هن هلائي رمز بازي ڪيئن تہ ان وقت اچي واڳوءَ ورتس، اتي مورڙي بہ ڪين جهليس، جڏهن مورڙو اندر ويو تڏهن هي بہ وجي ڇهن جيئن موت جي منهن پيو. هن کي اهو بہ جوش ٿيو تنهن ڪري جلد ئي پيٽيءَ مان نڪري ڪات ڪڍيائين. ڪات واڳوءَ جي وات وڌائين ۽ مڇ جي مٿي لاٿائين. پوءِ مڇ جي پيٽ مان ٻاهر نڪري آيو ۽ ان جي ڪڍائڻ جو سگهو ڪيائين سعيو. هي مڇ اهڙو نہ هو جو جلدي ٻاهر نڪري اچي، تنهن لاءِ شهر جا سانَ گهرايائين. تن کي سٽيپ مڪائي، تن تي ڪپهہ ڪوئلا وجهائي، پنيون تپائي، آٽي نوڙين ڇڪڻ تي زور ٻڌائون، مس مس اهو موچڙن سان ڇڪي ڪڍيائون. پوءِ وڍايائين واڳوءَ کي، ۽ ڇڪي ڪڍيائين ڇهن ئي کي. پوءِ انهن کي چڱيءَ ريت دفن ڪيائين. ۽ مڇ جي گل لاهي، تنهن مان جوراب جوڙائي، پيرن ۾ پاتائين. ٻيا عضوا هن جا ٻاهر ڪڍيائين. پوءِ پاڻ انهن جي زالن ۽ ملڪيت جو خاوند ٿي وينو ۽ انهن زالن کي چڱيءَ طرح سنڀاليائين. انهيءَ ڪري ماڻهن ۾ سندس ناموس ٿي ويئي ۽ اج تائين سندس نالو ڳائيندا اچن، ڇوتہ پنهنجي سر جو سانگو ڦٽو ڪري ٻين جي سک لاءِ ويو.

اي صاحبوا هيءَ ڳالهہ پڙهي، ٻڌي، دل سان هنڊايو ۽ منجهانئس نصيحت پرايو پنهنجن مائٽن، ٻارن، ڪٽنب ۽ ديش پاين سان سنيهہ ۽ محبت رکو ۽ ڪڏهن نہ انهن ڏانهن دل مٽيو تہ خدا پاڪ جي مهر ٿئيوَ ۽ ماڻهن ۾ بہ جس رهيوَ

# قصو مورڙي جو

## بيت چيل دريا خان جاگيراڻيءَ جا

1- ڪريان تعريف تنهن جي، جيڪو آهي پاڻ الله،
نرمل خلقيئين نُور مان، ٻيو شافع جو تہ شعاءُ،
ٿاهي آڏيٺو آدم جو وڌو سگهہ پنهنجيءَ سان ساهہ،
پوءِ پاسي ۾ پيدا ٿي ڪيو حور هڳاءُ،
اُمت اُتاهون پيدا ٿي، هندو ٿيو هر گاهہ،
پيغمبر پيدا ٿيو دين وريو هو داءُ،
دانهہ "دريا خان" سان ڪندو فضل فتاح،
پيو هونِ سنباڻ سگهہ جو جڏهن جٽيا هئا ماءُ،
'ٻاچو' ۽ 'ٻاراڇ' نڪتا گهوٽ گهراء،
هن ڪي سارڏا هئي سر ۾ چوي "جاگيراڻي" جراءُ،
هن جا عين هئا آهوءَ جا پڪي پرڏياءُ،
وينو هو وڻ ۾ شهر جوڙيو شوقاءُ،
هنن گڏجي گفتگو ڪيو آنن آوازاءُ،
وڏو چڙهيو ورک تي شير هٽي شرطاءَ،
ڪيڏي ويس تجويز سان، ڪَل نہ پيڙس ڪاءِ،
پوءِ هن هيٺ اچي هڙ سنياري آهن آنا ٻاراڇاءُ!
شابس توکي شينهڙا، پلو آهين ياءُ!
چئنچل ويا هئا چاهہ سين، وجي ڏناٸون عورت جوُاهاءُ،
ڏرٺون توکي ڏيئڙي، لکيو وينگس هي وياءُ،
لکيو اتس لوح ۾ هن ناميي سان نڪاح،
پوءِ گڏين ماموئي ملڪ ۾ جي لهن تارن تي ترياءُ،

’واگهه‘ گڏيو هونءِ واٽ تي، همت جو همراهه،
هون شوق شڪار جو، ورتائون سهڙو بي سمجهاءُ،
ڪٽي پچائي پاڻ سان، ٿيا راهي انهيءَ راهه،
وين چوري ڪائي چاري ۾، ويو ڪندو انهن سان الاءُ،
پتيون ڪيائون پاڻ ۾ [جڏهن تي] ونڊ وراهه،
چيٽ ڪيائون چوٽينءَ جي، ونو واگهه ڪنان ويساهه،
محبت سندو ساءُ، يائر پيچن ڪينڪي.

2- چي: ادا! سهڙ جنگهان تي، چوٽين ڪير چوي،
هجن گڏ اُهي، وڃي واگهه وطن تي.

3- چٽني رکيو چت ۾، خاصو خوب خيال،
جنگهه سهڙ ثابت ڪريون، من هائو ڪري حال،
طبيبن سان تال، واگهه ڪيو آ واٽ ۾.

4- دروازا دلين جا، جوڙيا ڏٽيءَ پاڪَ،
ڪم نه ايندي ڪوڙ جي، هيءَ لچائي جي لاڪ،
سونا آهن سائل جا، تَنَ ساري جا طاق،
سچائي سنگت سان، ڪئي ڪين قزاق،
ويسر آهي واگهه تو، تنهنجي ماري تي مذاق،
هاڻي ادا سهڙ سندي ساک، ڏيئي وڃ تون ڏيهه تي.

5- اڳيئون درس اوهين دڳ تي، هلو مسجد ڏي ته مُڙي،
پوندو ڪم ڪريم سان، جت پورب منجهه پري،
اتي ملهه موچارو ڪندو حاضر هڪ گهڙي،
سا جماعت جُڙي، جيڪا اُمت الله جي.

6- اسان جو چا اُمت سان، هرڪو پالي پاڻ،
ڪانهي بس بحر ڪي، جيئن ندي وهي نياڻ،
آهي سو اٽجاڻ، جو ڪري دغا دوستن سين.

7- دغا نا دوستن سان، آهيون چئي ۾ چاڪر،
سهايو نه سهڙ جا اجايا اَٽر،
پير ڏني پاڪر، دانهه ”دريا خان“ کي.

هو بہ ڪائي خوش ٿيا، هن ڪؤن حرف پڇن حالي،
اوهان جي چال آهي چالي، ڪي قسمت آهہ ڪنجهي ۾:
15- چيو: ڏوئي رکون ڏيان سان، ٿانوَ اِها ٽالهي،
ولهن ڪي والي، ڏئي ٿو طعام طرح سان.
16- پَري رکي پؤ ڪان، مٿؤن ماموئن،
متان ڪٽي پي وڃن، تہ ٿئي جاڳائي جر تي:
17- هن واندي ڪئي وڙ سان، ٽڙ ڪٽي نينگر،
هٿ وجهي هيڪر، ساڻيي آيا سير ۾:
18- ساڻيي آيس سير ۾، اچي پيا سالڪ سڀ سمهي،
هو پي منجهاَن خوف ڪڙا ٿيا، نند مان نجومي،
پر وئي پومي، ٽالهي رکيائون ٿانَ تي:
19- هڪ ٻئي جي حڪمت ڏسي، جوان هليا جائي،
ويل تنهن واهڻ ۾ اچي. ڀريئون پچائي،
نڪي جائي جرم مون، ٻي ڪل ناهي ڪائي،
دختر تنهن ديوار ۾ نيئي لوڪئون لڪائي،
جوڙي جاءِ جنسار سان وِچ ۾ وهائي،
هن ڪي عين هٿا اندر ۾ عطا الاهي،
بام تنهين ڀُري ۾ هن ڪي لڪئي لهائي،
چائي هليا چنبن ۾ ڪري سامي سوائي،
ڪري جلدائي، پڳا پنهنجي پڻءَ ڏي
20- هن وس وڏا واڪا ڪيا، هئي وس نہ ويچاري،
پوءِ وڃي پَڪي ڪيائون پانهنجي، ڏار ڪري ڏاري،
ڪري همت هزاري، وڏي برٽيو نار ڪي:
21- وڏي برٽيو نار ڪي، ستت ڪري سعيو،
اڳ ۾ اوياهيو، ٿيو ڀڳڙ پٽ باراڄ ڪي:
22- ڇهہ پُٽ چاوس هڪڙيءَ مان، ٻي برٽيائين جوءِ،
تنهين منجهؤن مورڙو برڙر جائو پوءِ،
سارو راڄ سندوءِ، انين پيڻ، 'جمڙي':

23- انين پيڻ جُمڙيِ، ڪن تا ڪُڙهه قطار،
ويندا هئا منهن مرسل جي، ڪندا هئا چٽڪار،
دانهه "دريا خان" کي، اچي سوپ ڏني سردار،
بانڪا بيپرواهه هئا، خاصا خبردار،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، وڃي وڏائون چار،
مڇ جي ملاحن کي، خبر نه هئي چار،
واڳون وڏا سڀ وات ۾، جيڪي اُچلايائون اوزار،
ساهيائون سرڳن کي، ونئي واڳن ڪان وينجهار،
اتي ماندا سڀ ملاح ٿيا، ڪن گويا هي گفتار،
سُتت لهو ڪا سار، متان پوي رات رَچن ڪي.

24- پهلو 'پنهور' هليو ڀڳڙ ٻولائي،
جوان ويو اُن جهنگل ۾، ڪاوڙ مؤن ڪاهي،
ويريءَ وڃائي، لقمو ڪيو لهر ۾.

25- لقمون ڪيائينس لهر ۾، اُتي هليو 'اڳارو'،
جوڌو يي جوان ويو، گهير لنگهي گهارو،
ويريءَ ڪيو وارو، جو طعام ڪيو تنهن تار ۾.

26- ڏسي 'مانجهندو' مهل ڏي، مردن ڪئي منهن مير،
دُرس ڪيائون دير، جو ڪوئي موتيو ڪونڪو.

27- ڪوئي موتيو ڪونڪو، ٻڌي ڪونڌ ڪمر،
ويو ڪاهي يي ڪولاب ۾، توڪل ٻڌي تر،
وڃي وڻ ڏنائين ويريءَ جو، آيس نشان نظر،
پيو ويريءَ سندي ور، جو هضم ڪيائين هن کي.

28- لڏڻ هليو 'لاڏڪو'، سورهيه سنگ سبر،
ويو وير لنگهي واديءَ ۾، جت جال هئو يي جر،
ڪندس ڪم ڪچؤن سان، اهو ڏاڙهي چا ڏيڏر،
وينو واڳون وات ڪيو، سوگها يي سير،
ويريءَ ڏيئي ور، لقمون ڪيو لهر ۾.

29- پنجون هليو پهه ڪري، من ۾ پائي مير،
ونندس تنهن ويريءَ ڪؤن، وجهه وٺي سپ ور،
آيس دست دلير، واڳوءَ وير هضم ڪيو.

30- هليو 'هنج' همت سان، سڏ لهڻ ساري،
ڪونہ ٻڌوسون ڪڏهين، ملڪن ۾ ماري،
هن بہ ڏيئي ڏيڪاري، هضم ڪيو هن کي.

31- تڪي بيٺي تڙ ڏي، نڪو گاروڙين غوغاءُ،
سولا آهيو سڏ ۾، ڪين ڪا وائي اتو واءُ،
سامين جو تہ سماءُ، ڪونہ پوي تو ڪن ۾.

32- جوش جلايو ڄُمڙيءَ کي، ڏک وجهي ڏيلاءُ،
معلوم ڪريان 'مور' کي، جيڪو پلو آهي پاءُ،
اِهو حال هتانءُ، وڃي اوريندس عجيب سان.

33- پاءُ ڏسي پيڻ ڏي، ڪري دل ۾ پيي تہ دليل،
خاوند گذارين خير سان، جائي رب جليل،
هُتؤن ڪري حِيل، جيءُ آئينءَ تون جمڙي!

34- پيڻ ڏسي پاءُ ڏي، تي نيڻين هاري نار،
ويا هئا شوق شڪار جي هڪيا ڪٽي هٿيار،
جوڳن سندي جهنگل ۾، ناهي تڙ تنوار،
پاڻيءَ ۾ پرتار، پڙ ڪرين پائن جي.

35- پڙ ڪر پائن جي، خبر پيي ڪولي،
ڪُڙهيون ڪٽي ويا قوت لئي، وقت ڪنهين ويلي،
من مولو پيي ميلي، ساٿ تنهنجو سسئي.

36- هيس سنگتياڻي ساٿ جي، جيتر سانير سامائي،
هن جو پير پلن سان، جوڳين کي جائي،
ڏوريندا هئا ذت ڪي سامي سدائي،[1]
وَهہ هين ويڙهہ جو وات اِها وائي،

---

[1] سدائي = سدائين.

اڳتؤن مڇ مواس هو ڪر ٿيو ڪائي،
مدعيءَ جي منهن ۾، هنن جاءِ بہ جوڙائي،
ويو سج لهي سيني ڪي، هنن مهل بہ مَٽائي،
ڪل ناهي ڪائي، ڪا ڪا انهيءَ ڪُن جي.

37- ياءُ ڏسي ييڻ ڏي، مور ڏنو مرڪي،
جلوو آيس جان ڪي، هن جو ٿڙ ويو ٿڙڪي،
ويندس ڪُن متي ڪڙڪي، مئي لاهيندس مڇ جي.

38- 'مور' هو مجلس ۾، راوت خان رنگي،
ساريو سنگتين کي ڏئي، نشو نينهن ننگي،
دارونءَ جي تہ ُدنگي، هن جي هٿؤن هيٺ ڇٽي پئي.

39- وچي در 'دلوءُ' جي، موڪل مير منگي،
هڪڙو ويري ٻجهي وطن ۾، جو آهي جوان جنگي،
لڪن منجهہ لنگهي، ڪَل لهان ُان ڪُن جي.

40- وينو مور محل ۾، ڪائو جوڙائي ڪات،
ويو جاچيندو جر ۾، وينو هو واڳو ڦاڙيو وات،
ڏيئي ڪلين ۾ ڪات، مئي لاتائين مڇ جي.

41- مئي لاتائين مڇ جي، ويس پکي ۾ پيهي،
جڏهن ويو واڳو جي وطن ۾ پاڻ هٽي پيهي،
چوڏاري چاري ٿيو وچي ڏنائين ڇپيا ڇهيئي،
ڳالهہ ڪريان ڪيهي، سامين جي تہ سماءَ جي.

42- سامين جي تہ سماءَ لئي، وچي ڏنائين دشمن جو ديرو
وڍيائينس وجود مان جيءُ جگر جيرو
سورهيہ ڪيو سيرو جو مئي لاتائين مڇ جي.

43- مئي لاتائين مڇ جي، هيڪر وچي هوند.
ويريءَ ساڻ وڙهڻ جي، وچي بانڪي وسائي بوند.
آهي ڪچون منجهہ ڪنوند. چولي ڪيڏندس چرمؤن

44- هٽي هٽ هناڪ کي، آگر هنيس ارموش،
ڪَچي تنهن ڪچونءَ کي، پانَو ڏنس پوش،

رات گذري ڏينهن ٿيو، راسين ڪيا روش،
آيو هاڙهي منجهه هوش، اچي ڪيهر ڪنڌيءَ سان ٿيو.
45- ڪيهر ڪنڌيءَ سان ٿيو هٿا جوان اُتي جاٿون،
'اوباهيو' آهون ڪري، گهري دست ڪٽي دعائون،
شل هوندا ثابت پيي سامين جا، هٿ ٻئي ٻانهون،
سڀ وجهي سانَن تي، ڪوڏين ڪاهيائون،
تن تي ڪاندا ٽانڊا ڪوئلا، ڏيئي ٻره سنديون ٻاهيون،
ڪُلها اچي ڪُنڌين ڏنا، جن پانجاريون پايون،
توَ سندي تاب ڪي، سانَ آيس ساهيون،
ڳوڏي پيي ڳاهيون، راوت راهيون رُڪ جون.
46- راوت راهيون رُڪ جون، شابس ڪيائين،
خنجر سان خونيءَ کي واري وڍيائين،
لوهُو تنهن لغور جو پهريون پيتائين،
اوباهيو آهون ڪري، هنجُهون هاريائين،
وجهي ڪُڙهه ڪپهه ۾ ڪونڌ ٻه ڪڍيائين،
ماڙيون محل ملاحن جون جاڙيون جوڙيائين،
پڪا تن پُرسن تي، اَجها اڏيائين،
لاهي ڪل خونيءَ جي رڱ ۾ رڱيائين،
جورابا جزيد جا پيرين پاتائين،
پاڙيائين ٻول "ٻروچ" چئي، جو ڏرٿون ڏاريائين،
پوءِ ڪُنڌيون، ڪونجا، ڪاهيو پنهنجون پاليائين،
ڏيريون سيريون پوئٽيون پچاڙيون ٻر جون تن سيني جو سائين،
هيٺي کي ٻه هب ۾ اچي ڏني وارث ويساهين،
گهاتو تنهن گهيڙ کي، چيني چاڙهيائين.
آنهل کي ٻه اچي ڪري آڏر ڏنائين،
جڪي عيب اُمت جا، سي اچي خوشيؤن ڪنيائين،
بچڙايون بندن جون اچي بيحد بخشائين،
سخن سچو سيد ڪيو اچي پت ٻه پاڙيائين.

هو امر يي تہ عمر ۾ گهٽو گهاريائين،
ڪچون ڪولابن ۾، جر ۾ جاليائين،
باري وڻ ٻج سان ڪَستؤن ڪيريائين،
جڏهن ٽيندس هڪڙو ڏينهن بہ هوڏ جو تڏهن مڇ کي ماريائين،
اتس لهٽو لاثانيءَ جو سو ڏکيو ڏنائين،
اهي عيب، سيپئي عزرائيل کي اکين ڏنائين،
پيڙس پاپ پلوَ ۾، سور بہ ساريائين،
پهرين سُور بہ پرينءَ ڏهون 'اِقرءُ' آنداڻين،
"ڪاف" تنهن قاصد سان موڪل مڪائين،
اڳيؤن تنهن اُمت جي، وَهي واچيائين،
حافظ جي هنئين تي، هيرو هاريائين،
سبق تنهن سائل کي چاندي چيائين،
جس "جاگيراٽي" چئي، ڳڻ تنهن جا ڳاياڻين،
ڪلمو ڪهاياڻين، جيڪو آ راس رسول تي:
لا الــٰه الاالله محمد رسول الله

# روايت [8] *

## مَل محمود جا چيل بيت ◆

1- ماڙيءَ چڙهيو مورڙو کيکون اُيو ڪاءِ،
پڙڪي پائرن جي بُت کي لڳي باهہ،
اوباهي جي اولاد ۾، رڳي هاءِ هاءِ،
سڀ ڪو بيٺو باپ جي، ڳالهہ وينو ڳاءِ،
اهڙي اوچتي موت کان، توبه نعوذ بالله
رکين پنهنجي بناهہ ۾، راٺيون ڪيم رنجاءِ،
اڄ سيئي محب ملاءِ جنهن سين مهٽي سندي ميٺ ٿئي؛
2- ميهٽي سندي ميٺ ٿئي، وڃن غم گوندر،
مورڙي کي موت جي، لڳي آڳ اندر،
هلي اچي حاضر ٿيو متي ڪُن ڪپَر،
هٽي ڪاتيو ڪَلن مان،مارياڻين کي مانگر،
سا اهڙي بلا آفت هئي، جهڙا ڏسجن ڪي ڏونگر،
تن گهوڙين چڪي گهر آندو، جن ڦِٽا ڪيا هئا ڦر،
نہ تہ پُرسن جي پيهاٽ جي، خلقن سئي خبر،
مورڙو مَلهي اُٺيو جنهن سام جهلي سرور،
پوءِ اُنهين پَر پکر، جُـڙيس، جس جهان جي؛

* "مجمع العجائب" مطبوع: بلوچ ليٿو پرنٽنگ پريس، ڪراچي، سن1359هہ تان ورتل.

◆ محمود پٽ طالب ذات پَلي پاڙو آجيجاڻي درس، ڳوٺ حاجي عبداللطيف پليءَ جو وينل هو. جو عمر ڪوٽ کان پارنهن ميل ڏکڻ طرف آهي. فقير محمود، حاجي عبداللطيف وٽ پڙهي قرآن شريف جو ياد حافظ ٿيو. پوءِ فقير جي شادي وري 'ڪانوڙي' وارن راڄڙن مان ٿي. فقيرن تي 'مل' نالو انهيءَ ڪري پيو جو هو بدن ۾ سنهون ۽ قد ۾ ڊگهو هو. جهڙو چؤنري جو 'مل' (اندران چؤنري جي جهل لاءِ ڊگها ڪايا. جن مان هرهڪ کي مل چئبو آهي). ڪيس دوستن انهيءَ نالي سان ڪوٺيو تہ پاڻ بہ ڪٿي اهو نالو شعر ۾ آندائين. سندس ڪلام ٻن جلدن ۾ ڇپيل آهي- "مجمع العجائب" ۽ "ليلي' مجنون". جنهن جي آخر ۾ نصيحت نامون پڻ ڏنل آهي. سن1350هہ/1931ع ۾ وفات ڪيائين.

3- ماڙيءَ چڙهيو مورڙو، جَر هاري جال،
ويا تان نہ وَريا، هو ڪلاچيءَ ڏي ڪالهہ،
جَيڪس جهونجهار جهلئا، ڳـڙ لوڻي لال،
انهيءَ جهوريءَ جهڙ لائيو هڄي منجهہ حال،
تہ سيد جي سنيال، من ڪو ميڙائو ٿئي.

4- من ڪڏهن ميڙائو ٿئي، اڱڻ شال اچن،
لهي رونڪ رَچن تان، چينون شال چُٽن،
وچڙي جن ورهيہ ٿيا، سي مُٺي شال ملن.
محابي مير محمد جي، ۽ برڪت چئن يارن،
پوءِ سيد سنياريو جن، سي تار لنگهي وچي پار ٿيا.

5- سي تار لنگهي پار ٿيا، آڳهہ ڪيائون علي،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، حاضر ٿيا هلي،
مهندان تن ملاحن جي، سرور سامر جهلي،
هئو جس جهونجهارن کي، شرف شهادت پلي،
جي چڏي سانگو ساهہ جو آيا مَرڻ لاءِ مَلهي،
پوءِ ٽولي سندي ٽولي، رهي ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾.

6- رهي ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، سندي سويارن،
ڇڏي سانگو ساهہ جو ڪِي جلد جهونجهارن،
لهرن لوڻي جهليا، پارس پاتارين،
هو ائين امر الله جو نہ تہ ڪي مانجهي مارجن،
شل ڪڏهن ٿئي ڪومَ ڪو هڙو ڀَنڙ پائرن،
مورڙي تي موت جا، اچ بارڻ تا بہ ٻرن،
جيڪس خان ڪپي ويا، ٽيو مارو ملاحن،
لڳا چَٽ پٽن سين، ويو ٻهڪو ٻانهيارين.
جيئن ماٺهن سين موت ڪري، تيئن پٽيو پار ڪين،
اَلا! اَندوهين، ڪو والي وَرق وارين.

7- ڪو والي ورق وارين، سڀاجها سائين!
شل پَسي پوءِ مران، هُوءِ مَجر مُهائين،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، جن ڏُجهڻ سين ڏائين،

تن مردن جي، ”مَل“ چوي، بروړا پت رهائين،
مياڻيون ملاحن جون، رک سرهيون سدائين،
سي گهر گهُوٽ ملائين، جن سڌاريو سفر کي.

8- جن سڌاريو سفر کي، کٽي کُهڙيون کَل ڪمام،
هٽيءَ نعرو هليا، مڃي محمد ڄام،
ڏسي کُن ڪلاچيءَ جو، تازا ٿيا تمام،
ائين ڄاتائون ڪينڪي، ته ڪو اجل جو هت انجام،
اوچتو موت آئيو تنهن ماري ڪيا ماتام،
ڇڏي مزا ماڙيون، وڃي گنگهر اَڏيائون گام،
پوءِ مانگر ٿين مقام، ڪَڙهه ۾ قبرون تن جون.

9- ڪَڙهه ۾ قبرون تن جون، رهيا منجهه انڌاري،
ڪَچُئَن ڪَرتي ڇڏيا، سڄا سڌاري،
اهو دليل دل ۾، تو موړڙي کي ماري،
ڏيو اوچنگارون اُدن لاءِ، ٻر ٻر ٻاڪاري،
جئن کُنڊيون ڍِڪن ڪوهن تي، تئن اُيو اوساري،
پوءِ حيلا سڀ هاري، سورهيه سنبهي هليو.

10- سورهيه سنبهي آئيو ڪاوڙ منجهان ڪاهي،
ته ڪٽي کُن ڪلاچيءَ جو جنهن ۾ عداوتي آهي،
گهڙي منجهس گهورو ٿيو، لاڳاپا لاهي،
وَڃي اُتاريائين اَرڙ کي، جلدي ڄاڳائي،
ڪِڍي ڪات ڪُلَن مان، نوڪيائينس ناهي،
پوءِ گهاتوءَ گهائي، مانگر سڀ مات ڪيو.

11- مانگر سڀ مات ڪيو سُورهيه ڪري سَٽُ،
وَنتائين ويريءَ جو آب منجهارا اَٽُ،
جگر جيرا ٻُڪيون، ڪپي ڪيائين قَطُ،
اُڌما ڏيئي اُتيو ريلا ڪري رَٽُ،
مَر مرڪي موړڙو پاريو جنهن پهَٽُ،
ماري سو مَيءِ مَت ڪيائين ڪوس ڪلاچيءَ ۾.

# روايت [9] *

## بيت چيل شيخ محمود جا •

1- ساراهيان سچو ڌڻي، جنهن محشر مرڪايو
ڪلمو ڪنجي دين جي، هاديءَ هلايو
مهاڻن ڪي مڇ جو آهيَ سدائين سعيو
وڏي تنهن ويريءَ ڪي، هلي ڪافر ڪنبايو
سڏي تنهن ڪي ”شيخ“ چئي ڪنهن سالڪ سمجهايو
اونهي ڪُن اوڙاهه ڪان، وڏي پير پايو
اتهين ڪونه آيو موتي تنهن مياڻ تي.
2- آيو موتي تنهن مياڻ تي، هلي پيو حال،
مڙد حوالي مڇ جي، سُچا پيا آهن مال،
اوباهيو پٽن لاءِ، تو جر وهائي جال،
ڪالهوٽيءَ ڪالهه، هو ميڙو ملاحن جو.
3- هو ميڙو ملاحن جو وڃائي ويا وارو،
پيڻ روئي تي پائرن لاءِ، ماءُ ڪري مارو،
اوباهيو پٽن لاءِ، ڪڙهي تيو ڪارو،
مور بہ ويچارو تو ڪري پيرا پائرن تي.
4- ڪري پيرا پائرن تي، مانجهي مرد ملوڪ،
اوباهيي جي پٽن جي، هئي هنڌين ماڳين هوڪ،

---

* زباني لونگ فقير جوکيو عمر 65 ورهيه. ويٺل ڳوٺ ٻُرڙا. تعلقو سنجهورو ضلعو سانگهڙ.
• هيءَ بيت چيل شاعر شيخ محمود پٽ جان محمد. ويٺل ڳوٺ ٻارڙا چڙي (تعلقو شهدادپور) سن1866ع ڌاري ڄائو. پوءِ لڏي وڃي شهدادپور لڳ. ڳوٺ ’ٽوپڻ ڏاهري‘ ۾ رهيو. جتي بيت چوڻ شروع ڪيائين. اندازاً 1932ع ڌاري وفات ڪيائين.

ملڪ ڇڏي ويا "محمود" چئي، آين فراقي قوڪ،
ڪانہ سُجي تي ڪوڪ، ڪالاچيءَ جي ڪُن ۾.

5- ڪالاچيءَ جي ڪُن تي، ڪٽي آنهين هلو هتيار،
مڙيا ملاح ملڪ جا، لکين لک هزار،
متي بَڌن مُورچا، ڪن پاٽيءَ جي پچار،
ڏاڍو ڪڙڪو ڪُن ۾، لهو خونيءَ خبرچار،
ٻيو گهڙندو ڪونہ ڪو، رت بنا ڏار،
جنهن جا هيڪاندا هلي رهيا، جاني جگر يار،
رضا رب ڪريم جي، جنهن ڏڪي ڪيا آهن ڏار،
ڏيندُهَن سوبِ ستار، چڙهو تا منهن مڇ جي.

6- ساراهيان سچو ڌڻي، جنهن درياءَ ڪيا دوفان،
مولي مُلڪ وسائيا مڙهيون ڪئين مڪان،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي جُنگ وڏا هئا جوان،
واقف ڪين هئا ونجهہ جا، مُڙيا ڪين مستان،
تن مردن جا "محمود"، چئي، ايڏا هئا ايمان،
ڪَل پين ڪانہ، ويريءَ ورائي ڪيا وات ۾.

7- ويريءَ ورائي ڪيا وات ۾، ڇهن ئي ڪي ڇوڙي،
اوباهيو پٽن جا تو پير ڪٽيو ووڙي،
هليا ڪارڻ قوت جي، رَڇ مڇيءَ لاءِ جوڙي،
ڪَنهين گَهت گهتي جهليا، سوگها ڪيا سوڙي،
لکيو تو لوڙي، واحد انگ وهائيو.

8- جاري تنهن مڇ لئي، جودئون جوڙيائون،
ڪالاچيءَ جي ڪُن تي، وڃي قلعا کوڙيائون،
مرڻ ڪنان "محمود" چئي، منهن نہ موڙيائون،
لکيو لوڙيائون، آين ڏينهن ازل جو.

9- آين ڏينهن ازل جو تن جي پوئواري ڪج پوءِ،
اوباهيو پٽن لاءِ، تو راتو ڏينهن روءِ،
ماڻهو مڪائون 'مور' ڏي، چگَيءَ طرح چئجوءِ،

15- مور تنهين مڇ جي، پهرئين ڪج پروڙ
ڏسيو ماٺهوءَ کي، ”محمود“ چئي، هتان ڪري ٿو هوڙهه
اونهو ڪُن اوڙاهه اتي، جتي ڪونهه هلندءِ ڪوڙ
سنبهي سهي سُوڙهه، ڪجان ’مور‘ تنهين مڇ تي.
16- مور تنهن مڇ جي، آهي اندر ڳالهه ڳٺي،
دلگيري اتم دل ۾، گهاتن جي گهٽي،
سر ويندوسانس ”شيخ“ چئي، ڪاتن ساڻ هٽي،
ڏسندو سوپ ڏٺي، نه ته ڪندس پڄاڻي پانهنجي.
17- ڏنا ويريءَ وات ۾، سو ٿو گهاتو ڪُن گهڙي،
جنهن کي دلگيري ناهي دل ۾، سو ٽڙهه به ڪين ٽڙي،
اهو مرد پلو آ ”محمود“ چئي، جيڪو چاٺڪ تي چڙهي،
هلو ته ڏسون مورڙو، جو ٿو ويريءَ ساڻ وڙهي،
هي ٿو پينر پاڳ مڙي، هُو وڃي سر واريو.

----------

# روايت [10]

## شاعر نامعلوم*

1- نَو سؤ ٻيڙي گام سان، تيرهن سؤ هئي تَر،
ڀَن ۾ ڪُڙهيءَ جي، ڀيٽي نڪا ڀَر،
اُتيا اوڄ ملاح ڪري، جُنبي ٻيڙا جَر،
موليٰ فضل ڪر، تہ اهي ڪاڪا نڪرن ڪُن مان.

2- ڪاڪا نڪرن ڪُن مؤن، ٽين نَر نهال،
وڏي واڪ واڏايون ملن، هيڪر حال في الحال،
منهن ڏسان مردن جو پرندو مثل مشعال،
پوءِ اِنهيءَ ئي اقوال، آيا ساٽي سنيري سڌ تي.

3- آيا ساٽي سنيري سڌ تي، هليا ڪَستؤن ڪُڏ ڪري،
ڪالاچيءَ جي ڪُن ڏي، هليا گام پري،
وڃي پهتا ٻرت سان، سورن جي تہ سري،
لکيو لوح قلم جو ٻَري، ڪين ٽري،
هينئون هر ڪنهن حب مان، اندر اَڏ ڏري،
بينو سَڌ ڪري، اڄ اوباهيو پُٽن ڪي.

4- اوباهي پُٽن ڪي، صبح سَڌ ڪيا،
وري ڪين وريا، سي ڪنهن هاويءَ منجهہ هيا،
گهاتو گهر نہ آئيا، منهنجا ساويلا ويا،
دشمن ڪنهن دزد جي وڃي پاند پيا،
رندجي ڪنهين رمز سان، راوَ سيئي رهيا.

---

* هيءَ روايت اُتر (تعلقي پني عاقل) مان محمد حسن "مشتاق" کان ملي.

قضا مون لئي ڪم هي، قادر سڀ ڪيا،
ڪنهين ويريءَ وَر پيا، منجهؤن موتيو ڪونہ ڪو.

5- منجهؤن موتيو ڪونہ ڪو، ويا مرد مٿير،
موڪلائي مون ڪنان، صبح ويا سوير،
ڪيؤن ڪهڙيءَ ڪارِ ڪؤن، ايڏي اڄ اوير،
ڇني وڏا ڇوهہ ڪؤن، ڇوهي ڪنهن تہ ڇپير،
اوياهيو پُٽن جا، تو برهہ نهاري پير،
مُنجو ماٺهو مور ڏي، هُن جيَ اَدن ڪئي اَوير،
ڇَهہ ئي نَر ڇُڳير، وجي ڪالاچيءَ قابو ڪيا.

6- ڪالاچيءَ قابو ڪيا، ڇهہ ئي جُنگ جوان،
ماريا شايد شِهرَ[1] سان، شومي ڪنهن شيطان،
وَڪڙ ڏنو ويرن کي، نہ آهي ڪنهن انسان،
ڪئي برائي آهہ هِيءَ پَڪ بدون بي ايمان،
جوش جلائي جُمڙي، پَرُ نہ ڏسي ياڻ،
بيٺيءَ ڇيو باپ کي، مور سڏائي آڻ،
ڪندو پلوءُ پاڻ، مانجهي ساڻ مقابلي.

7- مانجهي ڪندو مقابلو الله جي اوٽَ،
وجي ڪالاچي ڪُن تي، ڇاهہ سان ڏيندو چوٽ،
ڀڳڻ 'ٻانيڙ واهہ' ڏنهون، ايندم شال اَموت،
جوش جلائي 'جمڙي' گهر نہ ڏسي گهوٽ،
چور نہ سهندو چوٽَ، ننڍي گهاتو گهوٽ جي.

8- هليو ماڻهو مور ڏي، دانهن ڪٽي دانهي،
ٿهر ڪيو ڪلاچ آهہ خبر هيءَ آئي،
گهاتن کي گهائي وڌو لُڇي لُنب لائي،
تون وينو هت آهين، ڪر ڪا ڪوچ ڪلاچ ڏي

[1] [سحر] اَٽڪل، چالاڪي.

9- ڪريان ڪوچ ڪلاچ ڏي، ٻر ٽِين ڪيئن ڪنڌارو
ڪنهن ٻَر وڙهيا ڪُن سان، ڪر قصو سارو
چي: مامَ آهي مذڪور هي، ٻڌ عجب اَسرارو
ڀرئين ڀر 'ڀنهيار' ويو تنهن تان اَجهل 'اگهارو'
'مانجهاندي' مرد متان ڪيو ڀاٽيءَ پاسارو
ڳُڏيو 'لال بهار' تي، جيئن چنڊ ڪِڙيو تارو
'هنج' ڪرارو هيٺ وجي متيرو ماريو
'راهو' رهيو ڪينڪي، جر ويو جالارو
هاٽي تو سندو وارو وجي ڪُڏ ڪلاچ تي.
10- وجي ڪُڏ ڪُلاچ تي، وٺ ڀاند ٻرين جو ڀاڻ،
ڀائُن ريءَ ڀُنا تي، ٻُٺ تيا سڀ ڀاڻ،
اهڙي ٻوهہ ٻُڏي جي، ٻين ڪانہ ڪا چاڻ،
اُتي تاڻئون تاڻ، هاٽي ڏور ڪُلاچ ڏي
11- اِتي ڀِئَتجي ڀَٽ تي، ڀَئي وَٽي وير هتاءُ،
ڀچڙ لڱس بادشاهہ دانهہ دلوراءُ،
ڪهڙي حال هليو ويو توڪان سُڌ سماءُ،
ڪر حقيقت حق جي، ڏاري تاهر تاءُ،
شايد تو وَتاءَ، ڪو ماڻهو آيو اوچتو.
12- ڪو ماڻهو آيئي اوچتو جنهن دانهن ڪيئي دلگير،
مرد تي منهن ڏي، رک ساڃهہ صاف سُڌير،
ڪنداسون اسان پيي، توسان امدادي اڪسير،
هاٽي ڪڻ تراريون تير، وجي ڏي متو مَڇَ سان.
13- چي: ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، ڦر ڪالهہ تيو
جوانن مان جنگ جو، مون ڪي ٻرو اڄ پيو
وَڏو وقت وين ڪي، ويتر آهہ وَريو
هاٽي ڪائو ڪاٽُ ڏيو تہ وجي ڪَر لهان ڪَلاچ جي.
14- وجي ڪَر لهي ڪُلاچ جي، سنڌيرويان سُلطان!
ڀهچايان سڀ ڀيءُ ڪي، جاني جُنگ جوان،
ڪري ڀوري آس الله مانَ، وڃوڙيا ميلي وري

15- اصل تيءَ نہ اُڀرو، رک صبر سک منجھانءِ،
جُريت جفا جنگ جي، تاھر وڏو تانءِ،
الله جنھن جو نانءِ، وَنايو وِيرَ ڏئي.

16- ماڙيءَ چڙھي موڙتو تو دانھن دلوءَ کي ڏي،
شڪاري ھليا شڪار لئي، ڪالھ ڪلاچيءَ ڏي،
دشمن ڪنھن دسي وڏو، سوري سيني کي،
ونندس پاند پرين جو جيءُ وجھي جوکي،
مران تہ موچارو ٿيان، جيئان تہ شان وڏي،
جان گھمندس پڳ ٻڌي، جان ويندس لوءِ لڏي،
ڪو آڻي خبر ڏي، مون کي ڪلاچيءَ جي ڦهر جي.

17- ماڙيءَ چڙھي موڙتو تو ٻَريو ٻاڪاري،
روئي روئي رت ڦڙا، تو نرتئون نھاري،
گھاتن ريءَ گھر ۾، گھوٽ نٿو گھاري،
گوندر جي گھمسان ۾، خوشي نہ ڪا ساري،
دانھن 'دلوءَ' کي تو ڏئي، ھي ھَنجون ھاري،
پائر منھنجا پَرجھلا، ڪنھن مُوذيءَ وڏا ماري،
چورو ڪري چني ويا، ويتر وساري،
ٻُڌتي ٻُھيرن جي، وڏو ٻَل ٻُچي ٻاري،
ڪات گھڙائي ڪائي سان، ڏي سھجؤن سينگاري،
دَانھ چڏ تون دل سان، ڪر الله جي آري،
مان ويندس وانگاري، اَج ڪالاچيءَ جي ڪُن تي.

18- ڪالاچيءَ جي ڪُن تي، آ منھنجي طلب تنوار،
وٽي تو ڪين وجود ۾، ھي جيڏن جو جنسار،
سجٽن ريءَ سوري تو پانيان ھي سنسار،
پت رکجانءِ ٻرور تون، تنھنجي آ اَڏار،
ڳُٽن پريا پائر ھئا، منھنجا ويتر وفادار،
ھاٽي تنھنجيءَ تڳان تار جو ڪندين ٻاجھ ٻانھي تي.

19- ڪات ڏنؤنس رُڪ جو ڪائي جهڙي ڪَل،
آيو ڏينهن تنهين ۾، جهليو نہ ڪنهن جي جَهل،
ڪٽي هليو خير سان، واديون وَڪڙ وَڳل،
دلوءَ ميڙيا دَل تہ، هلي ڏسون جنگ جوان جي.
20- ماڙيءَ چڙهي موړي، راوَ ڏنو روئي،
پاڻ منهنجا سونهٽا، ڏِگ چِڏيا ڏوئي،
سَت سان ستجي ڪُتجي، ويو ساٿ تہ سيوئي،
هاڻي ماري مڙيوئي، وڃي ڪيندس ڦهري ڪُن مان.
21- ماڙيءَ چڙهي موړو هليو پسڻ پاڇايون.
جن کي سونيون نٿان نَڪن ۾، ڪَر ڪُلهي ٻانهيون،
پَٽ پَٽولا، بخمل بُت تي، اوڍينديون آيون،
نوڪر چاڪر رکيؤن نشانبر، ٿي درن تي دايون،
اڻن نَنڍيا ٻار ڪَڇن تي، چَٽن ۾ چايون،
اوباهيو روئي تو ڏک ۾، هر ڪا ڳل لايون،
قسمت ڪم ڪيا هي، هاڻي ڪنهن تي چئو دانهيون؟
وَرن ريءَ ولهيون ٿيون، ميريون ملاحيون،
ڇُري چِنگهَي آيون، ڏسي ڏير ڏکوئيل
22- ڏُکين، ڏير ڏسي چيو، هي تو وُڙ پائو ناهہ،
اڇي اوڍج ڪنجرو، پڳ متاهين لاهہ،
زالاٽا ڪپڙا، ڪَٽ پُوٽين جو پاءُ،
سڄڻن ريءَ سج ۾، اڄئي ڪيئن تو ساءُ،
مردن ٻنان مهل ۾، ڪونهي ڪو همراهہ،
اُٿي تُرت تيار ٿي، ترس نہ، ڪر ڪجهہ تاءُ،
جائين ٻيءَ ٻيناءُ، تڏهن تو ترسين تار ڪان.
23- قسم ڪائي اُٿيو، شان وڏي سان شير،
ڪٽندس ڪاهوڙين جو، پاڻيءَ منجهان پير،
ماري ڪندس ڍير، لاهيندس مٽي مَڇ جي.

24- قصد ڪري اُٺيو، مَلُ مُهاڻن موڙي،
لکيو لوح قلم جو، هرڪو تو لوڙي،
ڪٽي ڪاٺ ڪهاڙا، دل ڪؤن اج دوڙي،
لهندس مرد متير مان، والي ڪندو وؤڙي،
موڪلائي مائٽن ڪان هليو، تڳا سڀ توڙي،
لُڙ منجهؤن لوڙهي، وڃي لاهيندس مَئي مڇ جي:
25- لاهيندس مَئي مڇ جي، ڪري الله توهار،
شانَ وڏي مانَ سان، آڻيندس گهر يار،
منهنجي مدد ڪندو محي الدين، مالڪ ڪُل مختار،
پُڄائيندو پاٽيهي دل جي ُ دُرس ڏتار،
جنهن جي توهه تڳان تو، سو اڙين جي آڌار،
سنپارين تا سڪ مان تنهن ڪي، مومن توڙي ڪِراڙ
سو آ پير پيران دستگير، مريدن مهندار،
ساٿي تي سڏ سان، اچي لهندم سار
هاٿي اَتَوَ الله توهار، موتان شال مُهت سان:
26- موتان شال مُهت سان، ڪري ماڙ ڪٽي مولا،
رليل روليان روهه ۾، جنهن وڏا هن رولا،
سانگا سڀ سفر جا، سائين! ڪَج سولا،
آڏا ڏونگر ڏاڪڙا، آهن ڪي اولا،
هاٿي پُل لتا پولا. جي وڃي پهچان پاڻ برين ڏي
27- مَرڪڻ مانجهي مور ڏي، آئي مادر پير پري،
اُپي بَڏي هتڙا تي آهون عرض ڪري،
چي: ساعت توکان سڄڻا! منهنجي ڪاٺ سري،
لکيو جو تقدير آ. سو هرگز ڪين ٽري،
هاٿي تون پي وچ نه پري، جو ڇهه اڳيئي ماريا
28- چي: مادر ويهه ماٺ ڪري، چئو نه مون کي هيئن،
جلان، پچان، پڄران، رهان جيئرو جيئن،

وساريان وسري ’نتو، طرح انهيءَ تيئن،
اندر ۾ اهڙي ڪا، ناوڪ هَنئي نيهَن،
ڪالاچيءَ جي ڪُن سان، قرب رهندو ڪيئن،
تون بہ چئو هيئن، تہ وڃي جيئو ماريو مڇ کي؛

29- مَڇ ڀي مونڻ جي ڪئي، هو واهڙ کي ڀي وَهُہ،
ڄَر چڄي چيتيون ٿيا، هن کي پيو ورڻ جو پُهُہ،
تَل تراريون تَري پيا، گيرنجي پيو گهُہ،
ساهہ مٿي ٿي سَهہ، مهميزان ملاحن جون؛

30- مهميزان ملاحن جون، اتي هاڪيون تاڪيون هير،
سڌو ٿيءَ سوراٿيا، چڏ هي قند ۽ قير،
لائق تي ڪجهہ لڄ ڪر، گندا ڇڏي گير،
چِلي لاهيانءِ چير، ڏيئي ڪات ڪَلين ۾؛

31- ڏيئي ڪات ڪَلين ۾، ڪيو ايءَ راوت روانو،
دَسي پارَ درياهہ ۾، ڪيئين نود نيشانو،
گڏي ڏنئين گندي کي سورن سامانو،
مرون بي مانو ماري مَڇ ’مور‘ وڌو؛

32- پاتائون پاڄارين ۾، سُوڌا سانَن سوَ،
ڪچئون ڇُريو ڪينڪي، جيڏا ڏنئون جَوَ،
باهڙيون ڏنئون ٻُنن تي، جي تپائيا تَوَ،
ريلي منجهوُن رَوَ ڪڍيو مانجهين مَڇ کي؛

33- گهلي ڪڍيو گهير مان، مانجهي مُڇ مٿير،
چيري ڪڍيئين چاهہ سان، ڇهہ ٿي نَر ڇُگير،
وڍي ٽُڪي مَڇ جا، هڏا ڪَيئين ڍير،
موڪليائين ماٺهو پيءُ ڏي، وڏيءَ تنهن وير.
صبح جو ڪنّي هليا، سورهيہ سرس سوير،
پريون سُرڪان رت جون، مَڇ جون مورڙي شير،
پالو ماٿي پير، سڀ ملهايا پانهنجا.

34- سپ ملهايا پانهنجا، هن مڙس مٽيادار
لوڪ ڏنيون لاکيٽي کي واڌايون وَلهار
پٽس پرت منجهانرا، اچي ڳل لاتو ڳٽهار
'دَلوءَ' بہ دل سان اچي ڏنس نوَ لَکو هار
ڪيس دعا ياجائين، ادا! هوندءِ وڏي چمار
اَڻ جڙنديون جوڙان جُڙنئي، جوڙيندءِ تہ جبار
مانجهي مور جا پائتيا، هڪ صوبا ہيا سردار
لهو ڪلمي جي سارَ، چئندو هرڪو ايمان سان.

----------

# روايت [11] *

## سانوڻ فقير خاصخيلي جا چيل بيت •

1- موررڙو مڇ لاءِ سورهيه ساماڻو
ڪاهي پوندو ڪُن ۾ رَڇ ڪٽي راڻو
پوندو مُنهن مڇ جي، اَڏيو مڇ ٻه مانڊاڻو
جيرا جگر وڍيندو گهمائي گهاڻو
سورن ۾ ”سانوڻ“ چئي، ملاح مهاڻو
آيو سالڪ سياڻو موررڙو انهيءَ مياڻ تي.

2- موررڙو آيو مياڻ تي، ٻَڌي سو انجام،
نڪي ماريم مڇيون، نڪي پاٽي پير پيام،
نڪي مون جنگ جوتي، نڪي منهنجو نام،
مهاڻيون مياڻ جون، تيون طعنا ڏين تمام،
مهاڻيون مياڻ جون، آهن حُسن پريون هام،
مهاڻيون مياڻ جون، ڪن صورت وند سلام،
مهاڻيون مياڻ جون، وجهن دوديريون دام،
پائر منهنجا پڙ هئا، قابل سينءَ قيام،
ماريو اچن مڇيون، مون کي اَدل ڏين انعام،

---

* هيءَ روايت سگهڙ قاضي الله ورائي. ويڻل لڳ ڪڙيو گنهور، تعلقي ماتليءَ جي زباني قلمبند ڪئي وئي.

• سانوڻ فقير ذات خاصخيلي، اصل ۾ ننڍي شهر (تعلقي بدين) کان چار ميل اُتر طرف ڳوٺ شهداد خاصخيلي جو ويٺل هو. اندازاً سن70-1875ع ڌاري ڄائو ۽ 1935ع ڌاري وفات ڪيائين. وڏي بيماريءَ (1918عَ واري وبا) ۾ زال ۽ ٻه ٻار گذاري ويس. انهن جي فراق ۽ صدمي کان بيت چوڻ شروع ڪيائين. پنهنجا بيت پاڻ تڙ تي ڏيندو هو. اڪثر سڄيءَ سنڌ ۾ گهميو ۽ ميڙن ملاکڙن ۾ بيت چيائين.

سوڙهيءَ ويل، ”سانوڻ“ چئي، آءُ ويهان ڪيئن وريا م،
’سيرَهينَ‘ سڏ ڪيا م، تہ ادا گهر نہ آئيا.

3- اداَ گهر نہ آئيا، مورڙا! مانجهي ٿيا مهمان،
آيس پيغام برين جو ٻُڌائين بات بيان،
ويهڻ جنهن کي وُهہ ٿيو، ڪاج نہ ڪائي خان،
”اوباهي“ اُن سانَ ڪيا هئا نسورا نقصان،
آنا پکا هئائين مڇ جا، ڪونہ ڪيائين ڏيان،
ڏسڻ واري ڏٺو پئي، مٿان رب رحمان،
سُور مڇ کي ”سانوڻ“ چئي، هئا ٿهري اندر ۾ ڪانَ،
مڇ سندو مڪان، رهيو ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾.

4- ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، گهڙيا غازي گراگر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ آهي جوڙو جناور،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ آهي مڇ وڏو مانگر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ آهي وڏي سان وگر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ ڪري بيلائي ٻهڪر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ گجي ٿو گينوَر،
سُجهي پيو ”سانوڻ“ چئي، نالي نشانبر،
سو واري ڪيئن وگر، جو واڳئونءَ وڏو وات ۾.

5- واڳونءَ وڏا وات ۾، وني ڏگ بہ ڏمايو،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، وينو مڇ بہ مچايو،
اوهين مُهاڻا مياڻ جا، هلي سنيوڙو سنيايو،
اوهين مهاڻا مياڻ جا، هلي رڇ بہ رمايو،
اوباهي سڏي چيو، اوهين پير اوڏانهين نہ پايو،
ڪُونڌر ويندا ڦُوت ٿي، اڳيان اٿوَ مڇ بہ مهمايو،
سڄي عمر، ”سانوڻ“ چئي، مٿان وڃي پيڙهي پٽايو،
پوءِ اشارو آيو، مڇ جي مارڻ جو.

6- مڇ جي مارڻ جي، وينو ڳالهہ ڳٽي،
ڏنائين دانهن دلوءَ کي اهو گهاءُ گهڙي،

تہ ڏينمر اوزار رُڪ جا، ڪائي منجھہ ڪڙي،
تہ وڙهان وچي واڳونءَ سان، متان چوٽ چڙهي،
ڪانهي ننڊ نار ڪي، سيرهين پئي سڙي،
ڪانهي ننڊ نار ڪي، ادا، آيل ڙي،
سورن جو "سانوڻ" چئي، منهنجو ساهہ سڙي،
شل ڏئي قادر پير ڪڙي، تہ ماريان انهي مڇ کي.

7- ماريان انهيءَ مڇ کي، ٻر مڇ بہ مهمايو
ڪونڌر ڪئين کُهي چِڏيا، وچي خان بہ کپايو
قادر جي قدرت جو انت ڪنهن کي نہ آيو
عاشق عزازيل هو، جنهن کي تڪبر تڙايو
سورٺ سڙي مُئي، جنهن کي آب اکين آيو
سورٺ هئي سُورن ۾، جنهن کي تندن تپايو
ليليٰ ڏنا مجنيٰ کي، وهُہ وَٺا پايو
اچا گهوٽ پيو گهري، ڪاڄَ سيئي ڪايو
سيل جهليو عمر سومري، جنهن پيڻ ڪري پانيو
سَسئي سُتي سيج تي، جنهن کي جتن نہ جاڳايو
ٻوينا جراڙ جو لنؤ لڪئي لايو
بديعل هو ٻر ۾، سيفل کي روهہ رُلايو
گندري چوڻ گناهہ ٿيو جنهن کي ڄام ڇُمي ڇايو
حسن مير حسين جو ٿيو سؤدو سجايو
حسن مير حسين کي، هو ناني نپايو
ٿيو قضيو ڪربلا ۾، ويا پاڪر گهوٽ پايو
چريو ٿيو چنيسر، جنهن جيهڙو جاڳايو
سڙي مران، "سانوڻ" چئي، مون ڪونهي ڪمايو
جن راءُ ريجهايو سي تري لنگهندا تار مان.

8- اوباهي جي اولاد کي، پئي 'سيرهين' سڏ ڪري،
اوباهي جي اولا لئي، پئي ڳٽتيءَ منجھہ ڳري،
پيس وَڏِ وچوڙي جا، پيئي ماڳ مري،

آءُ بہ مارينداس مڇ کي بہ- تي پير پري،
مارينداس انهيءَ مڇ کي، کهڙيءَ ريت ڪري،
مارينداس انهيءَ مڇ کي، وڏي دل ڪري،
منهنجو ننگ ننگيءَ تي، من ڪا پَت پَري،
ڏيانس انبوري اوچتي، ڪلين منجهہ ڪري،
وڃي وڍيان ماس مروڻ جو مٿي رت تري،
وجهي واجهہ ڪَچِنَ ۾ آيس ٻڌي ٻانَ ڪري،
گهوڙيون گهوٽ گڏ ڪيون، ٻَڌي ڦَر ٻري،
ڇڪي ويس چوهہ مان، ڪڍي قيد ڪري،
سورن ۾، "سانوڻ" چئي، ويا نالو نام ڌري،
ڪلمون پاڪ پڙهي، جنهن ماريو وڃي مڇ کي:
لا الـٰہ الاالله محمّد رَسُول الله

----------

# روايت [12] *

## بيت چيل ولي محمد ڪيريءَ جا •

1- ساراهيان سچو ڏڻي، صاحب رب ستار،
اوپاهيو پاراچ جو خلقيو خلقڻهار،
ننڍي هوندي مائٽن کان، ڏڻي ڪيو هو ڌار،
تنهن جو سگ سون مُهاڻيءَ سان، لکيو لکڻهار،
تنهن کي رازق رب جبار، ڏنو اولاد پٽن جو.

2- پٽ پنهنجي اوپاهي کي، سائين ڏنا ست،
اڳارو، متارو، اسماعيل، هنجهه ميانهون، لکو مورڙو سيپيئي سلامت،
مولا تن ملاحن هئي، ڏي مور گهڻي محبت،
مور منڊو هو چنگهه کان، قادر جي قدرت،
پائرن جا مور تي، هئا هميشه هٿ،
گهاتو ويا تي گهورا، ڇهه ئي ڪٽيو ڇٽ،
پاٽي گهڙڻ گت، مور نه سکيو مورڙو.

3- مور نه سکيو مورڙو، نڪا مڇي ماريائين،
دلوراءِ جي شهر ۾، تي گهميو گهارياءين،
ڏيرن پاجائيءَ کي، سڏيو سڏائين،
ڏينهاٽي ڏيرن کان، تي وانتا ونڊياءين،

---

* هي بيت نوٽبڪ تي لکيل: ڪڇهري ڳوٺ عبدالله خان ڪيري، تعلقو سامارو ۾ تاريخ 12 ڊسمبر 1964ع تي مليا.

• ولي محمد پٽ جمعي جو پاڙو ڪاچائي ڪيري بلوچ، اصل رهندڙ لڳ هاڏيري جو جهڏي لڳ پوءِ اچي ڳوٺ عبدالله خان ڪيري ۾ ويٺو. اندازاً پنجاهه ورهين جي عمر ۾ گذاري ويو. ڏهه- ٻارنهن سال ٿيا جو گذاري ويو. تڙ تي بيت ڏيندو هو. پوءِ پاڻ شاعر ٿيو. مورڙي جا بيت ٻين شاعرن جا به چوندو هو.

ستون وانئو صبح جو، تي ڪاشو ڪنيائين،
سا مڇي پنهنجي ملهه تي، وڃيو وڪيائين،
سيڏو سانجهي صبح جو تي اُچو آندائين،
ٻي مرادي مور ڪي، تي ڏينهاٽي ڏنائين،
ڏيرياٽين جي ڏينهاٽي، تي ڪاڻ ٻه ڪڍيائين،
طعنا مهٽا تن جا، تي سوين سنائين،
هڪ ڏينهن مذڪور مور ڪي، وڃي چڙ مان چيائين،
پوءِ قصو سڀ ڪيائين، مهٽن سندو مور سان،
4- مهٽن سندو مور ڪي، تي ڀهڳڻ ٻڏائي،
رويو تنهن ڪي روبرو، تي سُڏڪيو سٽائي،
تنهنجي ڀاڄاين جي مهٽن، مون ڪي چڏيو هاٽي تائي تپائي،
انهيءَ مڇيءَ ڪان مورڙا، پنڻ پلو آهي،
مور تنهن کي تو سورهيہ سمجهائي،
مُني! ويهہ تون ماٺ ڪري، توکي اوک ڪهڙو آهي؟
تنهن ڪي تو ورنهہ ورجائي، تہ رنن راج ڦتائيا.
5- رنن راج ڦتايا، اڳيئي اِينهين ڪن،
تورين گهٽين ڏينهڙن، آيو موتيو مور گهرن،
مهاٽيون مڇيءَ تي، وڏي وات وڙهن،
ڪريو محتاج مور ڪي، لينگها لک ڪڍن،
سي مهٽا مورڙي، سُوا ٻاڻ ڪنن،
سُٽِي سُور جهلي، هليو ڏاڍي ساڻ ڏکن،
رات گذري ڏينهن تيو، ڪيائين رَچ ڪُلهن،
مورڙو مڇيءَ تي هليو ٻُرس انهي پارن،
انهن اهيجاڻن، مور مڇيءَ تي هليو.
6- مور مڇيءَ تي هليو وڃي ڪاوڙ مان ڪاهيو
پڇي پنهنجي ڀائرن ڪي، سيرئين سٽايو
اوهان جي مهاٽين، مهٽن سان آهي تائي تپايو
ڪريو رَچ ڪُلهن تي، وڃي رنگ رنايو

هڪدم تن ’هنجهہ‘ کي، پائرن پچايو
وني اچو ”ولي محمد ڪپري“ چئي، توکي آهي سيني سڏايو
موٽي پوئتي مورڙو اُتي هلي آيو
ڳل ڳراٽيون پايو مڙني پرچايو مورڙو.

7- مڙئي تنهن مور کي، تا پانوَ پرچائين،
سڏ ڪيائون ”سون“ کي، اچي تي اوپاهيا امين،[1]
مهاڻين کي، منهن تي، تا ڪونڌر ڪوناٽين،
محبت سنديون مورڙي کي، ڳل ڳراٽيون ڏين،
جويون پَلين جڪ هنيو پيون وات بہ وجائين،
تون ٿو وڃي مور مڇيءَ تي، ڪڏهن تيندو ڪين،
اهڙا ئي آهين، پٽ اوپاهي ملاح جا.

8- پُٽَ جي اوپاهيءَ جا، سيئي ساماٽا ،
اوپاهي جي اڱڻ تي، تيا ويهان وَڏاٽا،
قضا ڪوٽايا گهاتو گهراٽا،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، ويا رڇ ڪٽي راٽا،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، جهليا جهلاٽا،
رضا رب رحمٰن جي، نہ تہ چا مڇ، چا مهاٽا،
اَمر ساڻ الله جي وڃي مڙيئي ماراٽا،
نت نتِ نماٽا تي ”سون مهاڻيءَ“ سڏ ڪيا.

9- ”سون مهاڻي“ سڏي چيو، ”جُمڙيءَ“ کي جو
اونجي اونجي پائرن جو ، حملو هت هئو
اُنِي کي اوچتو ازل سڏ ڪيو
يا تيو ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، ويا ڪري جوڙجتو
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، مانگر مڇ هئو
تنهن ناث نهوڙي چڏيا، باقي ڪونہ بچيو
نعرو هٽي نُنهون هليون، وڃي ڪُن تي ڪرڳل تيو
مهاڻيون متو بينيون ڪُتين ڪلاچيءَ جي ڪُن تي.

---

[1] سونَ = اوپاهي جي زال ۽ مورڙي جي ماءُ جو نالو.

10- ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، هلي ڪيائون حشر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، ڪيا چوڙيلن چڪر،
مهاڻين ماتام ڪيا، ويا جن جا ور،
مورڙي کي سڏڙا، ٿيون زالون ڪن ذر ذر،
مورڙا! مارجي ويو تنهنجو سڄو ساٿ سگهڙ،
اوباهي جي اولاد تي، گهاٽو ڦريو گهر گهر،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، ٿيون ڪهريون ڪن لٽر،
ڪلاچيءَ جي ڪن ۾، اٿئي مڇ بينو مانگر،
تنهن مڇ تنهنجا مورڙا، دشمن پورريا در
وٺ تون وير ڀائرن جا، دم دير نہ ڪر،
ماري مَڇ کي مورڙا، اڃي ڪر ڏهلي ڏهہ ٽُڪر،
هيٺا اتي هر هر، بيني 'سون مهاڻيءَ' سڏ ڪيا

11- سون مهاڻي سڏ ڪري، ماري آهيان موتن،
مهاندا مڙني جا، مون کي ياد پون،
ننڍڙا مون نپايا، ڪٽي هن هٿن،
واحد پاڻ وڏا ڪيا، هئي جواني جوين تن،
ڏاڏي پوٽيون ڏيجن سان، پرڻايو پُٽَن،
سي چڙيو لاڪيٽا، هتي هاڻ وڃن،
نُنهون ڏسيو مون نياڻيءَ کي، لَکين ڪانَ لڳن،
ڪريان سڏ الله کي، منهنجا گهاتو گهر اڃن،
ڪري ساڻ ڏکن، بيني سون مهاڻي سڏ ڪري

12- سون مهاڻي سڏ ڪري، مورڙي کي ماءُ،
ياءُ تنهنجا مورڙا! هينئر هت هئا،
ڪٽي رَڃ ڪلهن تي، هتان لالَ لنگهيا،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، تنهنجا وٽجارا ويا،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، تنهنجن ڀائرن ڀَن هنيا،
سيبئي ناٺ نهوڙي، ناڪئا نِيا،

ميڙا اتي ماڻهن جا، اچي ترتلا آهن تيا،
اتيئي اُت پيا، انهن جا ڪپڙا ڪلاچيءَ جي ڪُن تي؛
13- ڪپڙا ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، لونگيون لاتائون،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، ڪيمان ڪوڙيائون،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، رَڄ بہ رتيائون،
برتئون هٽيو پٽر اُتي، ٿي مڇي مارياٿون،
ازل جي اچڻ جو سڏ نہ سارياٿون،
تين سڏ الله جو گهڙي نہ گهاريائون،
جن سان جيءَ جون رتائون، ٿيو مارو تن ملاحن جو.
14- ٿيو مارو تن ملاحن جو اچي اَمر ساڻ،
ٿيو مارو تن ملاحن جو جن سان جيءُ باڏاڻ،
مڇ تنهنجا مورڙا، نيا سيپئي سرواڻ،
مڇ تنهنجا مورڙا، نيا جوڌا جُنگ جواڻ،
مڇ تنهنجا مورڙا، ويري وڏيا واڻ،
وٺ تون وير مورڙا، هلي هٿن ساڻ،
وٺ تون وير "ولي محمد ڪيري" چئي، يري پاٽيءَ اندر پاڻ،
جڏهن هئا حياتي، تڏهن توکي ڪانہ ڪنهن جي ڪاڻ،
جن سان روح رهاڻ، ٿيو مارو تن ملاحن جو.
15- ٿيو مارو تن ملاحن جو سيرَ هين ويئي سڙي،
تنهنجن ياجائن مورڙا، ڪيا آهن رڳ رڙي،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، هئي ازل جي اَڙي،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، آهي ڏُومر ڏَڙي،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، ويون ملاحيون مري،
ساعت سري ڪانہ ڪا، گهاتن ريءَ گهڙي،
تن ملاحن کي مورڙا، ويو متان سج لڙي،
جن سان جيءُ جَڙي، ٿيو مارو تن ملاحن جو.
16- ٿيو مارو تن ملاحن جو بينيون سانگين کي سارين،
ڪريو گهوڙا گهوڙا گهاتن لاءِ، رويو جر هارين،

20- وٺ تون ور ياڻن جا، هلي هونگاري،
ياڻ تنهنجا مورڙا، مڇ چڏيا ماري،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، بيٺو تنهنجو ويري وانگاري،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، بيٺو تنهنجو دشمن ڏڏڪاري،
ڏيهہ سڄو ڏسڻ لاءِ، نت نت نهاري،
مورڙو مڇ ڪان، تو ور ڪڏهن واري،
اهو مڇ مدعي ماري، پوءِ جيئرو گهم جهان ۾.
21- جيئڻ جا جهان ۾، ڇڏ لاڳاپا لاهي،
مهٽا اتي مورڙو بيٺو دانهہ دل لاهي،
هڪڙو ماريو موتن، ٻيو ڪنيائون طعنن سان تائي،
ياءُ تہ تنهنجا مورڙا، ويو اڄ ڦري ڦڳائي،
ياءُ تہ تنهنجا مورڙا، ويو گهاتو گهمائي،
اوباهي جي اولاد ۾، هن ڇڏيو چا آهي!
اڳارو متارو اسماعيل هنجهہ مينهون لکو سيئي ڇڏيا ناٿ نيائي،
وٺ ور "ولي محمد" چئي، ڪلاچيءَ تي ڪاهي،
نہ تہ جيئڻ تنهنجو جهان ۾، اجايو آهي،
سورهيہ سنيائي، منجي اُتيو مورڙو.
22- منجي اُتيو مورڙو منجهان چاءَ چڙي،
ستّي مهٽا ياڄاين جا، ويس قلب ڪڙهي،
هليو پڇائي پير پري، منجهان سُور سڙي،
ڪارڻ تنهن ڪات جي، ويو لوهر گهر لڙي،
ڪات گهڙي ڏي رُڪ جو اڳيان سڄي ڳالهہ ڳري،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، هئا ويا لاڪيٽا لڙي،
ماريان تنهن مڇ کي، جنهن ڇڏي ڪانہ چڙي،
مون ۽ مڇ جي شادي لاءِ، آهي بيٺو جڳ مڙي،
ويريءَ سان وڙهي، ونان ور ياڻن جا.
23- ور ونڻ جا مورڙي، سورهيہ ڪيا سعيا،
ڪات، گهڙايائين رُڪ جو بيا تنهن هنر هلايا،

ڪائي اندر ڪيترا، بيڪ بہ بنايا،
ڪائي اندر ڪيترا، تنهن واڃا ويڙهايا،
مڇ مارڻ جا ڪين هئا، سورهيہ سدا ها،
ٻر ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، هئا ازل آٿايا،
انهي مهل بہ ماريا، نہ تہ مڇ جي مارڻ جا ڪين هئا.

24- مڇ مارڻ جا ڪين هئا، اها مهل مرڻ جي هئي،
ماري مڇ چڙيا، سڀ ڪنهن ڳالهہ سُئي،
جيئن ٿيٽي هئي تيئن تي، بينو ٻهانو مڇ جو.

25- بينو ٻهانو مڇ جو ٿهري ڪانَ لڳام،
ماڻهو شهر دلوراءِ جا، ڪُن تي ڪُل ڏنام،
نظِر جي ناڪئا، ادا ڪين آيام،
جيري ۾ جوانن جا، سوين سل ٿيام،
هڪڙا ڦوڙائي فراق جا، وڏڦڙا وڻام،
ٻيا مهٽا جي منهن تي، لڪين لِينگهہ لڳام،
حياتيءَ تان هٽڙا، خوشيءَ ساڻ ڪنيام،
ٿئي تنهن مڇ سان، مون جهيڙو ميڙو جام،
تہ ٿورا مون ڏٽيءَ جا، لڪين لڪ مڃيام،
هيڪر هٿ ڳنڍيام، تہ سويون وس ستار جي.

26- سويون وس ستار جي، منهنجو ويڙهيو ٿيو ويران،
آيو موت اوچتو تنهن سڀ جلايا جوان،
ياڃاين بند ڪيا، ويئڙا ور وٺانِ،
نٽ بولا نڪن جا، الهي ڪُلهي ڪيائون اڃلائي اَمر سانَ،
پيرڻ سندي سيرَهين، تنهن کي ٿهري لڳا ڪانَ،
ٻَرڪيُون ٻانهَيرين جون، ويون ستين آسمان،
جهلي دل ايمان، آيو ڪات ڪٽي ڪُن تي.

27- ڪات ڪٽي آيو ڪُن تي، جتي بينو مڇ مواس،
تاڙي نہ لڳي تي تار ۾، اتي ڪياتي راماٽا راڪاس،
راڪاس رت چٽيو هو جنهن ڪاڏو ماڻهن سندو ماس،

ماڙهو شهر دلوراءِ جا، هئا حيرت ۾ هيراس،
منجهه ڏري ويو مورڙو، چڏي لالچ سڀ لباس،
وڃي ڏنائين ويريءَ کي، جنهن جي هئي اندر ۾ اداس،
مورڙي چيو مڇ کي، ُاتي ڪڙو تي خناس،
گهٽا تو گهاتن مان، چکي ورتا چاس،
ڪڍي ڪات ڪائي مان، ڪيائين نهوڙي ناس،
پاٽي ڦري لال ٿيو رت مان سڄو راس،
چڏي هن وندر سندو واس، منجهه ڏريو هو مورڙو.

28- منجهه ڏريو هو مورڙو جتي ظاهر هو ظلمات،
ماڙهو شهر دلوراءِ جا ٻبنا ڏسن بات،
منجهه ڏرڻ جي مورڙي کي، طلب اندر هئي تات،
ڪاهي پيو "ڪپري" چئي، ڪٽي ڪاوڙ منجهان ڪات،
وڏيائين "ولي محمد" جئي، اندر عضوا سڀ ذات،
ررتائين وير ڀائرن جي تنهن کي ڏاتر ڏني ڏات،
ماري سو مهمات، ڪيائين ڪوس ڪلاچيءَ ڪُن ۾.

29 ڪري ڪوس ڪلاچيءَ ڪُن ۾، سو مڇ ٻه ماريائين،
ماري تنهن مَڇ کي وير ٻه ورتائين،
ماري تنهن مڇ کي، هينئڙو ناريائين،
مهٽا جي ُمنهن تان، لِينگها لاتائين،
سوين اتي سُئائون، گهوڙيون ٻه گهرايائين،
تني جا ڦرڙا تي باهر ٻڏايائين.

[اڀپورو]

----------

# روايت [13]

## بيت چيل طيب جا •

1- سون مياٽيءَ سک تيا، ڪيون تي منٽر ملاحن،
هڪڙو دم دنيا جو بيو ڏٽيءَ ڏنو اتن ڏن،
هڪڙا پروسا پائرن جا، بي ڪاڻ نہ ڪنهن جي ڪَن،
ڏين ونن تا پاڻ ۾ ونڊيو ورهائِن،
مانُ ڏيئي 'مور' کي، ترت ويهاريوَ تَن،
هو ونڊيون ٿو ورهائي، گهميو منجهہ گهرن،
ڪاوڙجي ڪارو ٿيو جنهن کي جيءَ ۾ جاڳيو جن،
چي: پورهيو ڪندس پانهنجو هٿ مور نہ تِڪي مُن،
حياتي هجي اوهان جي، شَل ويڙها پيا وسن،
ڪَنين مَدي ڪامَ سُئان، شل دشمن دور هجن،
پوءِ روئي وٺان تَن، هليو موڪلائي مورڙو.

2- هليو موڪلائي مورڙو، سڀ ڪٺي سامان،
دلوراءِ جي در مٿي، اچي سائل ڪيو سلام،
منڊو آءٌ محتاج هان، هلڻ کان حيران،
تنهنجي نيچ ڪندس نوڪري، ڪر اسان تي احسان:
پلي آئين مورڙا، آهين وزيرن وريام،

---

هيءَ روايت وچولي (تعلقي هالا) مان مصري شاهہ کان ملي.

• طيب ذات خاصخيلي وينل وگلو جوٽيجي جو ڳوٺ، لڳ راجو خاناڻي، تعلقو ماتلي، ضلعو بدين. اٽڪل 10 سال اڳ سٺ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. تاجپور وارن نوابن وٽ ڪجهہ عرصو گذاريائين. تڙ بيت ڏيندو هو. سندس تڙ جا بيت مشهور آهن.

پهرين ڏينڊءِ پرت سان، ترت ويهاري طعام،
وينو ڪاءِ خوشيءَ سان، درس رکيو ڌهمان،
تنهنجي آهن "طيب" چئي، در اڳيان دربان،
مانيون ۽ مهمان، وينو هلائيج هٿ سان.

3- راضي ان تي رب ٿيو ساعت هئس سولي،
مڙس محتاج ياڳ جو نہ تہ آهي ڳور ڳلي،
وهہ واهہ سڏائي وڏيرو جيئن مٿي رڍ رلي،
پئسو ناهيس پاند ۾، پر وجي هٿ هلي،
بي عقل بازار ۾، اچي سچو ڏينهن ڪِلي،
سون مياٽي سچي ملي، معافي ڪرائي مورڙي

4- معافي ڪرائي مورڙي، تي تڪبر ڪيائون،
دلوراءِ جي در مٿي، وجي ڪيما ڪوڙيائون،
رچ چڏي ريل ۾، وجي ڪؤنسل ڪيائون،
تي پهر تبيءَ جا، تي پاهر ٻوليائون،
ويا ڪُل ويريءَ وات ۾، ڪجهہ نہ ڪيائون،
سانجهيءَ ساريائون، تہ گهاتو گهر نہ آئيا.

5- گهاتو گهر نہ آئيا، ويڙا کهڙيءَ وار،
اُيريو چنڊ چوڏهينءَ جو چمڪي ٿو چوڏار،
ڏوران اُت ڏنائين، آهن ٻيڙيون منجهہ ٻهار،
پڳهہ پيا آهن پٽ ۾، در ڳنڍيون دستار،
ڌانهون ڪيائين درد مان، حيلا لک هزار،
نڪو آدم اوڏيءَ ۾، نڪا پکين ري پهار،
منڌ موئي پوئتي، پئي پاڙي منجهہ پچار،
برهہ ڦٽي تنهن وار، ماٺهو مڪائين مور ڏي

6- ماٺهو آيو مور وٽ، خاطي ڪٽي خط،
ڪاغذ پڙهي ڪارو ٿيو روئي بينو رت،
منڊي هن محتاج جا، آهن پائر وڏي وٽ،

اوباهي جي اولاد جي، مُڙهي آهي مت،
ويا ڪلاچي ڪُن تي، ڪانہ ڪيائون ڪت،
’سون مياڻي‘ سُڃ تي، هاٿي هٽن پيا هٿ،
سگهي ڪج سنبت، لهجان ڪَل ڪَلهن جي.

7- مَورڙو چڙهي ماڙيءَ تي، ڪيهون پيو ڪري،
دلوراءِ جي در متي، راتو ڏينهن رڙي،
ڪلون مون کي ڪاٽي جون، ڏي بهتر بنائي،
راوت مون کي رُڪ جي، ڏي جگري جوڙائي،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي، وڃان ڪست منجهان ڪاهي،
اهو بانور بچڙو تو منڪر مارائي،
توبهہ منهنجي ”طيب“ چئي، جيڪا قسمت ڪرائي،
ڏاتر ڏيکاري، آءٌ ونان وير اَدن جا.

8- سورهيہ سنيري هليو، سڀ ڪٽي سامان،
اچي گهر ڏنئين گهوٽن جا، ويا مير ڪري ماتام،
نڪي آهن اوطاقن ۾، نہ ڪتن متي خان،
پيرنگ پاجاين سان، رضا ڪئي رحمان،
چي: رُئو نڪي رڙو، نڪي حشر ڪريو هاڻ
گهاتو ڪهڙي گهيڙ تي، وڃي مير ٿيا مهمان،
اهو تڙ ڏيکاريو ”طيب“ چئي، ڪريان انهيءَ امتحان،
وني تن وريام، اچي رَڃ ڏيکاريس ريل تي.

9- رڃ ڏنائين ريل تي، رُنو زاروزار،
ستين پيڻ ’سيرهين‘ تي هڏ ٽوڙي هار،
پٽي تي برپات جو، وَني چوڙيو وار،
چي: پائرن ڏاران پيڻ هيءَ، جيئي پيئي جاڙ
هئس ڍر اڳيان دادلي، آءٌ اَدن جي آڌار،
هٿن سان هندورن ۾، لوڏيم بالڪ سندن بار،
تن جي اڄ ”طيب“ چئي ڪانهي تڙ تنوار،
ڪريان ڪُن متي ڪوڪار، سڏ نہ ويجها سپرين.

10- رَڇ چڏي ريل ۾، ڪؤنسل ڪيائين،
تي پهر تبيءَ جا، ٻاهر ٻوليائين،
مرڻ ۽ جيئڻ جي، ڪٿ نہ ڪيائين،
وجي تنهن ويريءَ کي، ڏوري ڏنائين،
جگر، جيرا، ٻُڪيون، تنهن جون وبهي وڍيائين،
مڙهہ تن ملوڪن جا، اکئين ڏنائين،
تني لئي ”طيب“ چئي، پئي رت رنائين،
مڇ بہ مارياِئين، پوءِ نڪري سو نروار ٿيو.
11- نڪري سو نروار ٿيو ڪيائين ڪُن مٿي ڪرڇل،
ڪتون گهرائيئين خانن لئي، سيج بنديون ساڌر،
مشڪ ڪٿوريون ساڻ عنبرين، گهوريئين مٿن گهر،
ڏنئين لاڳ لونگيون وَٿون ٻيون بهتر،
اهڙي ٻَر تي امامن سان، جيئن ڪربلا ۾ ٿهر،
تني لئي ”طيب“ چئي، تي وڻ رُنا ويتر،
گهاتو پوري گهر، اچي آسڻ آرامي ٿيا.
12- آسڻ آرامي ٿيا، اچي مور مٿيو
ختمون تن خانن جو پائرن پت ڪيو
ڇَنن مَنهن مانيون، وڏي هُل هليو
راڄ سڏي ريل جا، چي: ڪيڃئون ٻهر ڪڍيو
دشمن اهو دور ڪري، ڏيهہ کي ڏيکاريو
پٽر تن پهلوانن جو آئين مٿي ڪُن ڪريو
وبهي گهاريون ڏينهڙا، جتي ڪُسڻ ڪالهہ ٿيو
تني وٽ ”طيب“ چئي، هلي گهڙيون گذاريو
اچڻ آخري آيو جت سون مياٽي سڄ تي:
13- ماٺهن مڙي ڪيو هُل، سُڻي هيبت مڇ جي،
مڙي مَهاجڻ آئيو دلوراءِ ڪان دَل،
گهورون گهريئون اُن تان، چي: مانجهي آهين مَل،

دانهن ديواني مڇ جي، هنڌين ماڳ هڪل،
ڏاڏا ڏاند گهرايئون، ڪارا ڪوڏ ڪجل،
بڳا، ميٽا، راوا، ساوا، لاڪيا، لال لڳل،
ڏيئي پانجاريون پڙ ۾، ڪيئون هارين جيئن هڪل،
اُٺ اُٺايئون ۽ گهوڙا، جانور سي جبل،
پير نہ ڪوڙين پڙ ۾، جڻ آيو اُن اَجل،
ريهون تن روڏن جون، ڪُن متي ڪرڪل،
گهوڙيون آٽي سهج سنيائي، ڏنئون مشڪين کي موڪل،
پوءِ ڪلمو پريو ڪُل، نڪتو ڪوبر ڪُن مان.

----------

# روايت [14]

## بيت گُلوميا ٹيءَ جا •

1- ساراهيان سچو ڏٽي جنهن سان هجن حمايتون.
ملاح جاوا مورڙا، سَت ئي سوغاتون،
سانديا ماءُ سهاڳ مان، جنهن جي روح آيون راحتون،
چوڙلايو چميون ڏيئي، سَڪرون سَپراتيون،
برٹائيندس پُٽن کي، مَرڪي ماساتون،
گهٹا ويس، "گلو" چئي، بَڏنديسانءِ بخمل بَناتون،
موڙ بڏنديسانءِ منهن تي، زريون زيناتون،
پورِ الله اهي آسُون، مرهج ملاحن کي.

2- مرهج ملاحن کي، الله! اهائي اُميد،
خاوند سڀ ڪنهن کي خوش رکي، هر ڪنهن مرهيج،
هئي! کٽي ويا کٽن تان، ويڙهي ڏسي ڏيج،
سجي چڏي سيج، مڙئي هليا تنهن مچيءَ ڏانهن.

3- مڙئي تنهن مچيءَ تي، وچي چلائي چڙهيا،
نُڙيا هٹي ناکِيڙو گهاتو سڀ گهڙيا،
پار نہ لنگهيا پڏرا، وڃي ڪنهن اوکيءَ منجهہ اڙيا،
وچي ڪين وريا، منهن چڙهي ويا مچ جي.

• گلو پٽ خان ذات مياڻو مياڻن جي ڳوٺ "نت" لڳ جُهن، تعلقي ڏيپلي، ضلعي ٿرپارڪر جو وينل هو. سندس وڏن کي هڪ سؤ چاليهه تليون معافيءَ ۾، ۽ تروٽ صاحب کان پروانا مليل هئا، جي اٽڪل ٽيهارو سال اڳ رد ٿي ويا. ان بعد گلو مياڻو مسڪيني حالت ۾ ساڳيءَ زمين تي هارپو ڪندو هو. بيت تمام گهٹا چيائين. اٽيڙهيل هو. سن1956ع ۾ وفات ڪيائين.

4- منهن چڙهي ويا مڇ جي، ڇڏيائون ورڻ جي وائي،
گهرائي تو گلو چئي، مورڙو مائِي،
کُتي تي کست مان، هو متو ملاحي؛
تہ کَل کري کائِي، هلي وڙهہ تنهن وير‌يءَ سان.

5- هلي وڙهہ تنهن ويريءَ سان، ڪٽي ٿمر جو سبرو
متان دل ڏڙڪائين، تون زوراور ذرو،
ڇڏي حال هتي جو تون هل ملاح مامرو
مار هلي سو مڇڙو جنهن ڪيا آهن خون خمار سان.

6- جنهن ڪيا آهن خون خمار مان، تنهن ويريءَ سان وڙهجي،
ڪَچُون ڪُن ڪُلاچيءَ ۾، تو گينوارو گجي،
دال تنهن دشمن سان، لڙندي ڪانہ لڳي،
ڀڙا، ڀَن، ڀَچاڙيون، ڇنديو سڀ ڇني،
مورڙي کي، مياٹو چئي، تو ڏان ويرِ ڏي،
تہ متان لک لڏي، گهاتو گهٽا لنگهيا.

7- گهاتو گهٽا لنگهيا، جن تي ڇَت ڇڳا،
ڪپڙا رکيائون ڪپ تي، ويڙهائي وڳا،
ڪلاچيءَ جي ڪُن کي، ڪڍي لُنگ لڳا،
ڪانهي مڇي ڪُن ۾، پليا تنهنجا پاءُ،
گهڙي پيا، گلو چئي، سٽي جو راٹو جهڳاءُ،
ويا سيئي ور ۾، مُوڙها ڪري ملاح،
اُو موتيا نہ مُرڳا، جي وڃاياسون ورهين کي.

8- وڃاياسون ورهين کي، سي اوڙيءَ پيا عاشق،
ملاح! ماري مَڇڙو اڄ ڪجان تون ڪو قوت،
ڪات تنهن ڪَچُئين لاءِ، تون گهڙائي هل گهُوڪ،
وساٹا وينا آهن، اتي اڄ محبن جا معشوق،
اهڙا مور ملوڪ، گذري ويا، گلو چئي،

9- گذري ويا، گلو چٽي، هتان هزارون،
ملاح رسيا مماتيءَ کي، پهتيون پاڙي پچارون،
وڏي سڏ ورن لاءِ، ڪيون اِستيَن اُچنگارون،
لاهي ملاح ميارون، وڃي سک سُتا رهيا.

10- وڃي سُک سُتا رهيا، گهاتو سپ گهَرين،
ملاح منهنجي من تي، وير نٿا وسرين،
الله سائين ان تي، ڪهڙي ڏوهه ڏمريين،
جن نهاريو نيڻ نرين، سي مور سپ مري ويا.

----------

# روايت [15] *

## شاعر نامعلوم

1- ماڙيءَ چڙهيو مورڙو جر واهي جال،
ويا ڪين وريا، منهنجا ڪلاچيءَ ڏي ڪال،
جيڪس اهي جونجهار جهليا، منهنجا لاڪيڻا لال،
انهي جهوريءَ جهُڙ لاتو، هنئڙي اندر حال،
سيد لهج سنيال، موتي ميڙائو ٿئي.

2- موتي ميڙائو ٿئي، اڳڻ شال اچن،
لٿي رونڪ رڃن تان، اهي ڇتون شال ڇُٽن،
محابي جنهن محمد جي، برڪت چئين يارن،
سيّد ساريو تن، سي تار لنگهي پار پيا.

3- تار لنگهي پار پيا، آڳهه ڪيائون علي،
مهندان تن ملاحن جي، ٿي سرور سام جهلي،
پلي سانگو ساهه جو آيا مرڻ لاءِ ملهي،
پوءِ تولي جا ٿَلِي، سا رهي ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾.

4- رهيا ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، سرا سوپيارن،
اهڙو ڪري ڪونڪو پڙڪو ري ياون،
پلي سانگو ساهه جو، ڪي جلهه جُونجهارن.
جيڪس خان ڪپي ويا، ٿيو مارو ملاحن،
امر هو اهو الله جو، نه ته اهي مانجهي ڪيئن مرن،
لڳا ڇٽ پٽن سان، ويو ڀڪو ڀانهيارين،

---

* هي بيت ساماري ۾ (30- نومبر1964 ع) سگهڙ محمد خان ڪپري، (عمر اسي ورهيه)، جي زباني قلمبند ڪيا ويا. بيتن ۾ شاعر جو نالو ڏنل ڪونهي.

مهاڻين سان ماتام ٿيو پٽيو پار ڪين،
سائين سندو تن، تون والي ورق وارئين.
-5 والي ورق وارئين، سڀاجها سائين،
مولي' تون هن مورڙي کي، مانگر ملائين،
مولي' تون هن مورڙي کي، مانگر منهن ملائين،
مولي' تون هن مورڙي جي، برور پت راهين،
مهاڻيون هن ملاحن جون، ڪر سرهيون سدائين،
ساراهيان سائين، منهنجا گهاتو گهر نہ آئيا.
-6 گهاتو گهر نہ آئيا، وڃي لکيو لوڙيائون،
شرف شهادت تنين کي، مڙني مٿاهون،
هن ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، وڃي لائون لڏائون،
اهي رب جون آهن رضائون نہ تہ هي تہ مڇ ملڻ جا ڪين هئا
-7 هليا ڪلاچيءَ جي ڪُن تي ڪٽي ڪڙهين جا بہ ڪمام،
هٽي نعرو هليا، مڇيائون محمّد جام،
ائين جاتائون ڪو نڪو تہ آهي ڪواجل جو آجام،
آين موت اوچتو، تنهن ماري ڪيا ماتام،
چڏي محل ماڙيون، اچي گهنگهر اڏيائون گام،
مانگر ٿين مقام، ڪهنيون قبرون تن جون.

----------

# روايت [16]*

## مدو فقير نظاماڻيءَ جا چيل بيت•

1- ساراهيان سچو ڏڻي، جنهن عالم ڪئين خلقيا،
سج چنڊ پيدا ڪيائين، ٻيو تارن جو شعاع،
هن زمين تي ڪيترا، ڪي شاهه سڪندر هئا،
انسان بنايئين آدمي، ٻيا بي شمار بانڪا،
جن روزو نماز قبول ڪيو سي وارو وڃائي ويا،
ڪلمون جن قلوب ۾، سي پار وڃي پيا،
هلبو هڪ نپيءَ ۾، جت ڏوهاري پيا ڏڪندا،
مرڻ ويلي موت جي، سهنجي سير ڪندا،
محشر ۾ مَدو چئي، اچي پُڇاڻو پڇندا،
وڃي وٽج وهائيندا، ساجن پنهنجي ساٿ جو.

2- ساجن پنهنجي ساٿ جو ڪج واپار وٽي ،
اينديئي مَلڪ الله جا، ڪنديئي پيرن هيٺ پٽِي،
ڪانهي مَدي مَن ۾، جاٽي هڪ ڏٽي،
مجلس تن ماڻهن جي، مون ڪي وير وٽي،
محبت ۾ "مَدو" چئي، مون هيءَ ڳالهه ڳٽي،
سچڻ ڳالهه سُٽِي، پئجي رهيو پيرن تي.

---

*خود شاعر جي زباني قلمبند ڪيل.

• مدو فقير عرف مدد علي پٽ خميسو خان نظاماڻي، ڳوٺ نذر علي خان نظاماڻي، تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ جو وينل هو. عام طرح "مدو فقير" جي نالي سان مشهور آهي. 16- رجب 1296هه/1878ع تي جمعي جي ڏينهن ڄائو. سندس ننڍپڻ نهايت مسڪينيءَ ۾ گذريو. بلا جي ڪنڌي لڳڻ سبب هڪڙي پير کان معذور ٿي پيو. پوءِ نواب فتح محمد خان لغاريءَ جي مدد ۽ همدرديءَ سان لڏي وڃي اُن جي ڳوٺ رهيو. هن وقت فقير ٻوٻي (تعلقو سنجهورو) لڳ رهي ٿو.

مرد جيڪي مري ويا، سي ويا وارو وڃائي،
هڪڙي آڳ اندر ۾، بيو ويا ڏونهان دکائي،
تَيتر موت نہ ماري، جيتر ماريان انهيءَ مڇ کي.

8- مرد موڪلايو مائٽن کان، پيرن تي پئي،
انهيءَ وقت اوباهي کي، پيا لُڙڪ وهي،
هنڌين ماڳين مشهور هئا، منهنجا سورهيہ سپوئي،
مور نہ وسرندس، ”مدو“ چئي، سک سڄڻ سيئي،
ڪونتر جن جا ڪالهہ ويا، تن کي ويا ڪات ڪُهي،
هاڻي موڪل ڏيئين ڪهڙي، مورا انهيءَ مڇ جي.

9- مور چيس مُنهن تي، تہ تون سانگو ڪٽي لاهہ،
ڇهہ پُٽ تو اڳئي سهسايا، مون پوري ۾ آهي چا؟
نيٺ مري وڃبو، ”مدو“ چئي، آهي پرايو پساهہ،
مون کي تن پائرن لاءِ، لڳي برهہ سندي باهہ،
هاڻي جهل نہ جيجل ماءُ! تہ ماريان انهيءَ مڇ کي.

10- ماءُ چيو مور کي، تہ پير پروڙي پاءِ،
آسڏا دور درياهہ جا، جتي سختي لڳي ساهہ،
آڌيءَ رات اوڙاهہ ۾، جتي ڪُن ڪري ڪڙڪا،
برين! ويندين پاڻيءَ ۾، تنهنجو ڪونہ سُڃي پڙلاءُ،
توسان هلندو ڪونڪو، پيڙوئي ڪو پاءُ،
پنيهہ ڏارون بخشيم توکي، تون جيئري ٿئين جدا،
سڄڻ! ڳالهہ سڻاءِ، ڪا سورهيہ پنهنجي سُور جي.

11- سورهيہ پنهنجي سُور جي، ڳالهہ بہ ڳالهائي،
مردن بنان مُلڪ ۾، مون کي ڪونہ چوي پائي،
جيئري شال ڪام ٿئي، پائرن کان جدائي،
قسمت آندا ڪُن ۾، تيو اَمر الاهي،
ڪانهي مَن ۾ مدائي، ڪا مونڻ جي مور کي.

12- مرد سنبريو مڇ ڏي، ڪٽي ڪات ڦهار،
مدد تجانءِ مور سان، ڏجئين سوپ ستار،

تن مردن جي ”مدو“ چئي، اٿم اندر منجهہ اُڪير،
ٻردو رکج پير، اٿم سعيو جنگ جو مڇ سان.

17- اٿم سعيو جنگ جو آيس ڪوڏ منجهان ڪاهي،
دونهان منهنجي دل تي، ويا دوست بہ دکائي،
ڪلاچيءَ جي ڪُن تي تو ٻهڳڻ ٻولائي،
ماڻهن لاءِ ”مَدُو“ چئي، هو وينو واجهائي،
مور پنهنجي مائٽن کان بينو موڪلائي،
اوباهيو آزيون ڪري، تو ڳهلو ڳالهائي،
تہ پُٽن پوءِ منهنجو جڏو جيئڻ آهي،
چڏ لوڙهہ بہ ورائي، مون تي مورا متيءَ جو.

18- مرڻ وس نہ ماڻهو جي، توڙي هزار ڪري حيلا،
پيٽون تن پائرن لاءِ وينيون ڪيڏن ويلا،
چوڙيليون چريون ٿيون، جن جا هئا البيلا،
نڪي ٽِڪن ڪٽ راتڙيون، نڪي اچن اويلا،
گهاتن جي گهرن ۾ تا ڪِيهُون ڪن ليلا،
هاڻي سُاجهر سويلا، موٽي ايندم مياڻ تان.

19- موٽي تنهن مياڻ تي، ايندا وير وري،
مور پنهنجي مائٽن وٽ، ٽِڪي نہ هڪ گهڙي،
جڏهن ماريان انهي مڇ کي، تڏهن ٻت ٻَري،
رهندي ڳالهہ ذري، مُئي پڄاڻا مور جي.

20- مُئي پڄاڻا مور جي، وڃا وسيعت ويئي،
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، سڄڻ هئم سيئي،
منهنجي تن پائرن لاءِ، ڏکي تي ڏيهي،
تن مردن جي ”مدو“ چئي، ڳالهہ ڪريان ڪيهي،
هاڻي ذکن ۾ ويهي، رهي رهندس ڪيترو.

21- رهڻ جون راٽا هتي، ڪوڙين ڪنائون ڪن،
پائر هن غريب جا، من حياتي هجن،
ٻگل وڄو بانشا اُتيا، جوان جنگ چڙهن،

پايو پيٽ ورن ۾، ٽيون روزان روز روئن،
مُئي پڇاڻان، ”مدو“ چئي، ڪو سُک ٿيندو سڄڻ،
گهوڙا! منجهه گهتين، ڏين فاتحائون ”فقير“ چئي.

22- ڏين فاتحائون ”فقير“ چئي، مڙيا سڀ ملاح،
ڪاهيو هلن ڪُن ڏي، دل جهليو داناهه،
موٽندا ڪين، ”مدو“ چئي، ڏيندن سوڀ الله،
دوکو دل مٿانءُ، لالڻ سڀ لاهي ڇڏيو.

23- لالڻ سڀ لاهي ڇڏيو، اندر مان ارمان،
جنهن ڪي تہ آهن مڇ جا، ٿهري لڳل ڪانَ،
موٽندا ڪونہ ”مدو“ چئي، هلي ٿيندا مڇ سندا مهمان،
ساري ڏج سلام، موٽي تن ملاحن کي.

24- موٽي تن ملاحن ڏي، وڃان ڪَهي ڪهڙيءَ ٻر،
گهمي ڏٺا هٿم گهوٽن جا، اُتي وڃي گهر،
ماري ويا هٿا مٿيءَ ڪي، ڏيئي ڏک ڏمر،
ماري ويا هٿا مٿيءَ ڪي، ڏيئي سور ٿمر،
ماري ويا آهن ”مدو“ چئي، غم ڏيئي گوندر،
ڪات ڪٽي ڪونڌر، اڇي مور بيٺو ميدان ۾.

25- مور بيٺو ميدان ۾، جيئن واڪا ڪري واءُ،
سُٽي ٻالهه سرير ۾، لڳس برهہ سندي باهہ،
چي: ڪونہ ڏسان ٿو اڪين سان، پيڙو وري پاءُ،
ڏيان برين وٽ پساهہ، سورهين پهرہ سُپرين.

26- سورهين پهر سُپرين، هُن صندوق سٽائي،
ڪائو آندائين ڪيترو هن جوڏئون جوَڙائي،
ڪو جو ڪُوڪٽ ڪُن ۾، ٿيو ٿهر الاهي،
مڇ اڳئي مستان سُجهي، جنهن خان ڇڏيا کائي،
تن مَردن جي ”مدو“ چئي، شل ونگي نہ ٿئي وائي،
ڏج حضرت همراهي، ويريءَ جي وڙهڻ جي.

27- ويريءَ جي وڙهڻ جي، موليٰ ڏجئين مَت،
ڪافر ماريان ڪُن ۾، گھائي ڪريانس گھٽ،
امر ٿيو الله جو، تي واڳ ويرين جي هٿ،
لاڪيٽا لڏي ويا، وري مڪئون ڪونہ خط،
تن مردن جي موليٰ! ڪجئين ڪا مدت،
ڏيان ڪات ڪلين وٽ، سُتي تنهن کي سير ۾.
28- چوٿين ڏينهن چريو ٿيو، بينو سورهيہ سڏ ڪري،
اُتان ميڙو ملاحن جو، آيو پير پري،
انهيءَ مڇ جي مون سان، ڪو خان خبر ڪري،
اوباهيو تن پُٽن لاءِ، تو ڳَٽيءَ منجھہ ڳري،
تن مردن جي، "مدو" چئي، ماريس ڳالھہ ذري،
بنان ڏنڊ ترَئي، خبر نہ پوي تنهن خونيءَ جي.
29- لاڪيٽو لهي پيو، ڪري توڪل منجھہ تار،
سڏ ڪيائين سنگتين کي، ڪري الله تهار،
جيئڻ منهنجو جڏهن ٿئي، وجي پوندس منجھہ پاتار،
ٻڇيون، ڀالا ڪيترا، ٻيا ڪات ڪنيائين ڪٽار،
بارود خانو "بلوچ" چئي، ٻيون بتيون بيشمار،
بتيون اُتي بس ٿيون، ٿيو اوندھہ انڌوڪار،
ڪولي اکيون قلب جون، هڪدم ٿيو هوشيار،
وجي ڏنائين اکين سان، ڪي جاني جگر يار،
بدلجي بيهي رهيو ڪيائين ڪپڻ جي ڪار،
جيرا، ٻُڪيون، اوجهري، آنڊا تنهين وار،
چوري رسيون چريو ٿيو ڪيائين ڇڪڻ جي پچار،
اوباهي روئي اُتي، ڏني هئي اوچنگار،
سَتين ٻڌا سندرا، اُت حُورن چنا هار،
ٻَرين اُتي پٽڪو ڪيو، چوڙي ڪارا وار،
تن مردن جي، "مُدو" چئي، ٻري پئي پچار،
ڏني سوڀ ستار، ٿيو فيصلو "فقير" چئي.

30- تيو فيصلو "فقير" چئي، ڪيائون چڪڻ جو چوهہ،
صوبا سڏايائون ڪيترا، اُت امير انبوهہ،
مَهري آندائون ڪيترا، جوڙا متي جُوءِ،
پاڏا آندائون پڙ ۾، تن جو پَرو ڪونہ پيو
تن مردن کي، "مَدو" چئي، اچي سالڪ سمجهايو
تہ گهوڙيون سڄي ملڪ جون، ڪٽي هتي هلايو
ڪڙيون ڪمريون نيريون چينيون لاسيون ڳاڙهيون اچي مَڪُڙين ملهايو
هنن جا ڦَر، "فقير" چئي، ڪٽي باهر بڏايو
وٽائي رسيون، پَٽ جون، چوهئون چڪايو
تڏهن چڪيائون چوهہ مان، آيو ڪنڌي ڪنارو
ماٿهو مڙيئي گڏ ٿيا، آيو لوڪ سارو
ڦاڙيائون پيٽ مڇ جو تہ آيو اوبارو
اوباهيو تن پُٽن لاءِ ڪڙهي تيو ڪارو
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، منهنجو ڀاڳ ڦٽو ڀائرو!
هاڻي ميندي تن ملوڪن کي، لاڳ ڪري لايو
ڪفن تي خانن جا، اوهين گهوت بہ گهرايو
ڏنئون تڙ توڪل جو، تيو رب سندو رايو
ڪٽو مڙهہ مقام ڏي، اِهو آواز آيو
مني مير محمد جو ڪونهي مٽ بيو
جَن ڪلمو ياد ڪيو سي اُمتي چتندا ايمان سان
لا الـٰه اِلاالله محمّد رسول الله

----------

# روايت [17] *

## نالي چڳـي شر جا چيل بيت •

1- ٻُٽ اوباهيي ملاح جا، ست ئي جوان سَٻر،
ڇهه ڪار ڪندا هئا ابي واري، ستون اڇي نہ ڀائن ٻر،
ڇهه موٽن مهل ساڻ، ستون موٽي ڪُمهل،
ڇهه ڳالهائيندا فهميدو، ستون ڳالهائيندو اوَ جهل،
تڏهن ڀائن ڇيو ڀيڻ کي، هيءُ ڀوندو ڪنهن جنجل،
چي: ادا! هو منٺ مڃيندو ڪينڪي، آهي اَرڏو اٽجهل،
هڪ ڏهاڙي ڪُتيون گر ڪيون پاڻ ۾، جن ٻڌي جينل،
ٻڌندو آيو ڪنن سان، مورڙو انهي مهل،
سنبت ڪيئين تنهن مهل، هاٽي ويندس ديري دلوراءِ جي:

2- ويندس ديري دلوراءِ جي، ڪجهه ڪيان ڀائن سان ڀلائي،
سڏ ڪيو هُئين ڀيڻ کي، جا جُمڙي اڳ آئي،
چي: پيغام منهنجو ڀائرن کي، پورو پهچائي،
تہ تي ڪُنڊان اوهان جون، چوٽين ناهيوَ چڱائي،
رهندئو تہ ڀلا هوندئو نہ تہ ٻڌندس ٻي ڪا وائي،
چئي ڀائن کي چڱائي، ويو ديري دلوراءِ جي:

3- ويو ديري دلوراءِ جي، ساجهر ڪري سلام،
دلوراءِ پڇي تون ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، ڪهڙي ذات جوان

---

* هيءَ روايت خود شاعر جي زباني تاريخ 5- ابريل 1965ع تي ڪچهري سنجرپور (تعلقي صادق آباد) ۾ قلمبند ڪئي وئي.

• نالي چڳو پٽ ميهو ذات شر بلوچ، پاڙو تاجاڻي، وينل ور واري، لڳ ڏيڏي اسٽيشن، تعلقو صادق آباد، سن1905ع ڌاري ڄائو، سسئي، مارئي ۽ ٻين قصن تي بيت چيا اٿس.

چي: نوڪر بيهندس تنهنجو ٻڌي آيو آهيان نام،
منڊئون مير بحر پٽ اوباهي ملاح جو مورڙو منهنجو نام،
پگهار وٺندس پنجن جي، ڪونہ ڪندومانءِ ڪام،
جڏهن اوکي آيئي دلوراءِ، تڏهن سر ڪندس قُربان،
مان ملڪن ۾ مشهور هان، پورو ئي پهلوان،
چي: مون کي منظور آن، تون تڙ ڪري ڪٽي تازو ٿي.

-4 تڙ ڪري تازو ٿيو آيو دانهين دلو وٽ،
چي: دلوراءِ بادشاهہ منهنجو حال سڄ ثابت،
آيو شينهن بادشاهيءَ ۾، جنهن ماري اسان جي مت،
چار ماريا اٿس چؤنڪ تي، نرواري نَوَ ست،
تيلاهين دانهن ڪٽي مان آيو آهيان تو وٽ،
دلو ڪٽي دوڙ ڪئي، ڪري فوجان هٿ،
ڪٽي تراريون تيز مؤن، سورهين ڪئي سَٽ،
ير ڪونہ بيٺو ڪو ميدان تي، اُتي مورڙي کي آئي مت،
تنهن سڏي هٽي سينڌ مٿي، ڪيس تڪئون تڪ،
نر ڪٽي نگاهہ ڪري تہ ڪڙو آهي ميدان ۾ سورهيہ سلامت،
مورڙا منگ جيڪي منگندو آن، توکي ڏيان ڏت،
چي: سون مياٽي ساريءَ جي، ڪج معافي معلومت،
پوءِ لکي ڏنئينس هٿ، تہ ملڪ مورڙا آهي تنهنجو.

-5 اتي مورڙي بہ مارن ڏي مڪو ڏوراپو ڏيئي،
سَرهو ڪيو هئو سندن کي، مَندو مورڙي کي ٿي،
مان ڀي عزيز اوهان جو، جڏهن بابي ڀي جايو ئي،
جڏهن رنو ويس توهان کؤن، تڏهن راضي سيئي،
لٿ اوهان جي من ۾، مڙ مورڙي کي هئي،
جيڪي مورڙو ڪمتوئي، اُها ڏنئين پڙ ياڻرن کي.

-6 شڪاري نڪتا شڪار تي، زير زور ڪري،
ير وٺي ياڻرن جي، پئي 'جُمڙيءَ' اڳ ڦِري،
مٽيا ساڻ مورڙو اوهان کي ويو آ پل ڪي،

جهلئي جهليا ڪينڪي، هليا تانگهہ تري،
وعدي وريا ڪينڪي، اٿن پنڌ ٻري،
آڏيءَ هو نہ آئيا، ٿي جُمڙي ڳچ ڳري،
ٻرهہ ڦٽي پيرن سان، رويو رت مري،
ڏسي نيشانيونَ نرن جون، ڳوڙها ڳل ڏري،
وينٺي پڪ ڪري، تہ ويا ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾.

7- ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، منهنجو ولر ويو ڳِهري،
ميڙي لتا هنن جا، ٻڌئين سورن جي، پري،
پوءِ آئي ونهين ڏانهن وري، ماٺهو مڪئين مورڙي ڏي

8- ماٺهو مڪئين مورڙي ڏي، ڪري ڪاڳر پي ڪارو،
وڃي چئجان مورڙي کي، مون سان مڇ ڪيو مارو،
ڀاڻون پيو اٿئي پيٽ ۾، تنهنجو ساڳوئي سارو.
پوءِ رب ڏسڻ وارو، تہ آهيان پالڻ انهيءَ ڀاوَ جي.

9- آهيان پالڻ انهي ڀاوَ جي، ٻر مورڙي ڪاٺ ماندي،
اَنَ پاڻي حرام ٿيو نکي سمهڻ سيراندي،
پيرن ۾ ڪڙي هان، جيئن بانڊياٽي باندي،
موت تہ چٽي وارا، توکي ڪهڙي ڏنئين ورندي،
چوڻ پاڻ چرئي کي، آڳ اندر ٻرندي،
چوندو تہ صبر ڪجانءِ پيڻ جُمڙي مان ساجهر ٿيان ڪانڌي،
پوءِ راند جيڪي ايندي، سا منجهہ ڪندو اچي مورڙو.

10- ميڙ ڪري ويو مورُڙ دانهہ دلوراءِ ڏي،
اڄ ياٿر سارا منهنجا، هٿ مانگر جي ڙي،
جهڙي ڪئي اتس مان سان، اهڙي ڪندو نہ ڪنهن ٻئي،
ڪٽي تابع ڪري منهنجي، لوهر اجوڪي رات لئي.

11- رُڪ جو نهرائي ڏئي پيچرو جنهن کي هجن نيزا نرواري،
جنجيرن سان جَڙيل هجي، ٻيا ڪات هجن ڦهري،
ٿيان اُت ڏي مهري، تہ رسان ڪلاچيءَ جي ڪُن کي.

ڏيونِ ڪپهه پنيءَ تي، ڦُوڪي باهه لائي،
پوءِ ڪِنو ڪري ڪنب ڪان، ڏنئون ٻهر ڦهڪائي،
تڏهن مڇيو ملوڪن آهي، تہ مڇ ماريو تي مورڙي

16- مڇ ماريو هو مورڙي، چاڪن سان چيري،
مُئا ڪڍيائين مڙهن ڪؤن، جيئندا جياري،
وجهي ياڪر يائن ڪي، ڪيرن ۾ ٻوڙي،
مانگر مڇ جي مورڙو، سُرڪئين رت پئي،
مذهب.وجايئين پنهنجو پوءِ ڪاوڙ هن سان ڪري،
چڏيئونس دنيؤن در تڙي، نانوَ منجهئون "ناليچڱو" چوي

----------

# روايت [18] *

## بيت چيل الله بخش مُرگر جا •

1- ڪَرِتيون ڪرئين ڪُن تي، منهنجا جگر تا ٻہ جلن،
هڙ مون وٺا هليا ويا، ورايا ويرين،
ٻاڄايون منهنجي پيڻ جون، پيون ريلن پاس رڙن،
اُڏمر تا اُتن، ملاحن جا ”مرگر“ چئي.

2- ملاحن جي ”مرگر“ چئي، اتي هئي رهاڻ،
گهايون تنهن گهوٽن سين، پڪا هئن ٻرياڻ،
ست ئي مون ڏنا سنيري، هليا چارون ڪٽي چامر،
مرونءَ نيا مستان، جو آ ڪچون پاس ڪُن جي.

3- ڪچون پاس ڪُن جي، سو وچي اَرڙُ اٿاريائين،
ڪُنڍي جا ڪپار ۾، نوڪي ٺاهيائين،
ڏسي وجهہ ويريءَ جو مانگر ماريائين،
دلوراءِ دانهيائين، مارڻ لاءِ اُن مڇ جي.

4- مارڻ لاءِ ان مڇ جي، آهن صوبا ۽ سلطان،
ڪَن ڪچهريون پاڻ ۾، وينا اُت وريامر،
جي آفت جهليون تہ انصاف ملي، ڏيهہ ساري جو ڏان،
دلوراءِ وٺ دهمان، هٽونَ پاڻ هنر جا

---

* هي بيت خود شاعر جي زباني ٻڌي قلمبند ڪيا ويا.

• الله بخش پٽ متارو گهيائي، مُرگر، وينل ڳوٺ وڏيرو احمد خان مُرگر، تعلقو مير پور ساڪرو، عمر چوونجاهہ ورهہ اٿس. مُرگرن ۾ چڱا شاعر ٿي گذريا آهن. پنيو شاعر• گهڻو مشهور ٿيو. ان بعد پيرائي بہ پنهنجو وارو وڄايو ۽ هاڻ الله بخش اُن تَر ۾ مشهور شاعر آهي.

# روايت [19]

## مورڙو ۽ مڇ: روايت علي ملاح•

اڳئين زماني ۾ سنڌ جي ڪڇ واري ڀاڱي ۾ 'گنڊا سنگ' نالي هڪ راجا راڄ ڪندو هو جنهن کي هڪ سهڻي ڌيءَ هئي. شهر ۾ هڪ ڪنڀار رهندو هو جنهن وٽ هڪڙو گڏهه هوندو هو. ڪنڀار انهيءَ گڏهه تي مٽي لڏيندو هو ۽ پنهنجو گذران ڪندو هو. سندس لنگهڻ جو گس راجا جي محلات وٽان هوندو هو. هڪڙي ڏينهن گڏهه تي مٽي ڪنيو پئي آيو ته محلات وٽ گڏهه ساٽس ڳالهيو ۽ چيائين ته: 'اي ڪنڀار راجا کي چئو ته پنهنجي ڌيءَ جو ڀرٽو مون سان ڪرائي' ڪنڀار کي گڏهه جي ڳالهائڻ ۽ راجا جي ڌيءَ جي سڱ گهرڻ تي ڏاڍو عجب لڳو پر ان سان گڏ ڊپ به اچي ورايس ته جيڪڏهن راجا کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پوندي ته مون کي مارائي ڇڏيندو. گڏهه به هر روز ڪنڀار کي اِهائي ڳالهه چوندو هو.

آخر اها ڳالهه وڃي راجا جي ڪَن تائين پهتي. راجا کي انهيءَ ڳالهه تي تمام گهڻي ڪاوڙ جاڳي ته مون کان هڪڙو گڏهه ٿو سڱ جي طلب ڪري راجا ڪنڀار کي گهرائي، ان ڳالهه بابت پڇيو. ڪنڀار چوڻ لڳو ته: حضور! اها ڳالهه برابر سچي آهي. پر منهنجو ڪوبه قصور ڪونهي. اها خبر جڏهن راجا جي محلات ۾ پهتي، تڏهن راجڪماريءَ پنهنجي پيءُ کي گهرائي چيو ته: جيڪڏهن اها ڳالهه سچي آهي ته اوهين ان گڏهه جي ڌڻيءَ ڪنڀار کي گهرائي چئو ته هڪ رات ۾ اسان جي شهر جي چوڌاري 'ڪانجهي ڪوٽ' تيار ڪري ڏي، پوءِ توکي شادي ڪري ڏينداسين.

---

• هيءَ روايت سگهڙ شاعر علي ملاح مرحوم، ويٺل 'ابراهيم حيدري' (لڳ ڪراچي) کان سنڌس حياتيءَ ۾ احمد ولد علي محمد ناڪئي ويٺل ابراهيم حيدري، ماهه رمضان 1372هجريءَ ۾ ٻڌي قلمبند ڪئي.

جيڪڏهن اهو شرط پورو نہ ٿيو تہ پوءِ توکي ۽ تنهنجي گڏهہ کي مارائي ڇڏيندا سين. تڏهن راجا ڪنيار کي گهرائي اهو حڪم ڏنو. ڪنيار ويچارو اچي ڊنو. وات ۾ پُور پچائيندو، سور کائيندو اچي پنهنجي گهر پهتو. پوءِ گڏهہ کي چوڻ لڳو تہ: راجا هيءُ حڪم ڏنو آهي. تنهن تي گڏهہ چوڻ لڳو تہ: اهو شرط مون کي منظور آهي، پر راجا کي چئو تہ هڪ اهڙو ماڻهو مون کي ڏئي، جنهن پنهنجي بہ اُگهاڙ نہ ڏٺي هجي.

صبح جو ڪنيار راجا کي گڏهہ جو اهو چوڻ ٻڌايو. راجا سڄي شهر ۾ پڙهو گهمايو پر اهڙو ماڻهو هٿ نہ آيو. پوءِ راجا خط لکي ٻين ملڪن ڏانهن ماڻهو موڪليا. جنهن تي دهليءَ جي شهر مان ٽي ماڻهو آيا ۽ سنڌ مان سَت ماڻهو آيا. پوءِ انهن مان هڪ ماڻهوءَ کي حڪم مليو تہ جيئن توکي گڏهہ چوي تيئن ڪَج. جڏهن رات پيئي، پکي پنهنجي آستانن ۾ وينا، تڏهن گڏهہ چوڻ لڳو تہ: هاڻي ڪؤنرو پاڻيءَ جو پري منهنجي پيچ تان اوتيندو هل. پر هڪڙي ڳالهہ ياد رکج جو پٺيان نظر نہ ڪج. جڏهن سڄي شهر کي ڦري آيا تہ ڪانجهي ڪوٽ تيار ٿي ويو. تنهن کان پوءِ راجا پنهنجي ڌيءَ جي شادي ان گڏهہ سان ڪري ڏني. جڏهن رات پيئي تڏهن اُن گڏهہ مان هڪ جوان تمام خوبصورت نڪري ظاهر ٿيو جنهن جو حُسن ڏسي راجڪماري گلاب جي گل وانگر ٽڙڻ لڳي ۽ خوش ٿيڻ لڳي ۽ شڪرانا ڪري چوڻ لڳي تہ: منهنجا وڏا نصيب جو خدا مون کي اهڙو سهڻو پتار ڏياريو آهي! سڄ اُيرڻ کان اڳ ان نوجوان، راجڪماريءَ کي چيو تہ منهنجي انهيءَ راز جي ڳالهہ بلڪل نہ ڪج. جيڪڏهن ڪنديءَ تہ سڄو شهر غرق ٿي ويندو. ايترو چئي پاڻ وري اڳئين وانگر گڏهہ بڻجي ويو. ان بعد هو روزانو رات جو ماڻهوءَ جي شڪل ۾ راجڪماريءَ وٽ ايندو هو ۽ صبح جو وري ساڳيو گڏهہ ٿي پوندو هو. ائين ڪيترائي ڏينهن گذري ويا.

راجڪماريءَ کي تمام گهڻو خوش ڏسي، سندس ماسيءَ کي دل ۾ اچي هورا کورا جاڳي تہ هڪڙي گڏهہ سان راجڪماري ڪيئن ٿي خوش گذاري! سا راز پروڙڻ لاءِ هڪڙيءَ رات ڪنهن ڳجهيءَ جاءِ ۾ لڪي ويهي رهي ۽ هن کي جانچي ڏسڻ لڳي. دستور موجب رات جو گڏهہ مان هڪڙو خوبصورت جوان ظاهر ٿيو. هوءَ سمجهي ويئي تہ هن تي رڳو گڏهہ جي کَل

چڙهيل آهي، سو ڇا ڪيائين جو ٻيءَ رات گهڻ جيترا چيٽا ميڙي، انهن کي ٻاهه ڏيئي ڇڏائين. هو شخص جڏهن گڏهه جي کل مان نڪري راجڪماريءَ سان رهاڻ ۾ مشغول ٿيو، تڏهن هُن کل کڻي ٻاهه ۾ وڌي خيال ڪيائين ته هاڻي کل سڙي ويندي، ۽ هيءُ جوان جهڙو آهي تهڙو هوندو ته پوءِ اسين انهيءَ خواريءَ کان ڇٽي پونداسين. جيئن کل کي تؤ آيو تيئن اُن گهوٽ کي خبر پيئي ته هاڻي منهنجو هن دنيا ۾ رهڻ نه آهي، تنهن راجڪماريءَ کي چيو ته: توکي جيڪڏهن پنهنجو ساهه بچائڻو آهي ته جلدي شهر ڇڏي وڃ، جو هيءُ شهر غرق ٿيندو. راجڪماريءَ چيو ته: توکان جدا هڪ ساعت به نٿي سري، سو آءٌ ڪيئن توکي ڇڏي وڃان؟

اُن شهر ۾ ٻه ننڍا ڇوڪرا ياڻر رهندا هئا. هڪ جو نالو ”ٻاچو“ ۽ ٻئي جو نالو ”ٻاراڇ“ هو. هي وڏا هوشيار ۽ خبردار هئا. شهر جي غرق ٿيڻ کان ٻه ڏينهن اڳي، ٻاچوءَ، ٻاراڇ کي چيو ته: مون کي پَسڻ پيو آهي ته هيءُ شهر غرق ٿيندو ۽ پاڻ کي شهر ڇڏڻ گهرجي. پوءِ ٻئي ياڻر اهو شهر ڇڏي، ”نرئي“ شهر ڏانهن هليا ويا. ٻئي ڏينهن سمنڊ ۾ طوفان آيو ۽ ’گندا سنگ‘ جو شهر غرق ٿي ويو.[1]

ٻاچو ۽ ٻاراڇ جڏهن ’نَرئي‘ شهر جي ٻاهران آيا، ته ان وقت هڪڙي سوناري مائي پاڻيءَ جا دلا کوهه تي رکيو ويني هئي. هنن ڇوڪرن کي ڏسي ڇوڙ لڳي ته: اَبا، مون کي هي دلا ته کڻائي ڇڏيو. تنهن تي انهن چيو ته: دلا اسين توکي کڻائينداسين، پر تنهنجي پيٽ ۾ آهي ڌيءَ، تنهن جو سڱ جيڪڏهن اسان کي ڏيندينءَ ته پوءِ توکي دلا کڻايون. مائيءَ چيو ته: سڱ اوهان کي ڏينديس. مائيءَ کي دلا کڻائي، هي ٻيئي ياڻر ان مائيءَ جي پنيان آهستي آهستي هليا آيا. جڏهن مائي پنهنجي گهر آئي ته پاڻيءَ جا دلا مٿي تي ڏاڍا ٿي رهيا. تنهن تي گهٽا ماڻهو اچي گڏ ٿيا ۽ عجب ۾ پئجي ويا ته هيءُ اسرار ڪهڙو! تڏهن سوناريءَ انهن ڇوڪرن وارو سڄو ذڪر ڪري ٻڌايو. پوءِ ته انهن مان ڪي ماڻهو ويا، جي ڇوڪرن کي وٺي آيا.

[1] ’گندا سنگ‘ جو اهو شهر ۽ ڪوٽ، ڪڇ جي ڪناري لڳ، جکائو بندر کان ڇهه- ست ميل ذڪڻ- اولهه پاسي، ”سيارڙيءَ جي ڪاريءَ“ کان ٻاهر، سمنڊ ۾ غرق ٿيل آهي، جنهن جا نشان سنڌ ۽ ڪڇ جي ناکوئن کي معلوم آهن.

چوڪرا چوڻ لڳا تہ: جيڪڏهن اوهين مرد اسان سان انجام ڪندا تہ اهو سڳ اوهان جو آهي تہ پوءِ پاڻيءَ جا دلا لهي پوندا. تنهن تي انهن سونارن چيو تہ: جيڪڏهن ڏيءَ ڇائي تہ سڳ اوهان کي ڏينداسين. ايتري چوڻ تي دلا پاڻيءَ جا ان مائيءَ جي مٿي تان لهي ويا.

پوءِ سوناريءَ هنن ٻارڙن کي پاڻ وٽ رهايو. هڪ ڀيري ڪين مندر ۾ ونئي ويو هو تہ هي ٻارڙا حيرت مان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳا. سوناري جڏهن ڪانئن پڇيو. تڏهن ڇيائون تہ اسان جو پيءُ اسان کي جنهن جاءِ ۾ بندگيءَ لاءِ وٺي ويندو هو، اها هن جهڙي ڪانہ هئي ۽ نڪي ماڻهو ائين ڪندا هئا، جيئن اوهين ٿا ڪريو. سوناري پڇيو تہ اتي ڪيئن ڪندا هئا. تہ هنن نِوڙي سجدو ڪري ڏيکاريو. جنهن تي سوناري سمجهيو تہ هي مسلمانڪا ٻار آهن. انهيءَ ڪري ڪين پنهنجي گهر مان ڪڍي ڇڏيائين ۽ دل ۾ رٿيائين تہ انهن کي پنهنجي ڌيءَ نہ ڏيندس.

جڏهن سوناري مائيءَ هٿ پير لٿا تہ ڌيءَ ڄڻيائين. جڏهن اها ڇوڪري جوان ٿي تہ هي ٻيئي ڀائر بہ اچي نڪتا ۽ سڳ گهرڻ لڳا، پر سونارن نابري واري چيو تہ: اسين سونارا، اوهان کي سڳ نہ ڏينداسين. تڏهن ٻاچو ۽ ٻاراڇ چوڻ لڳا تہ: اسين بہ جيڪڏهن "پاليم" هونداسين تہ اوهان کان سڳ ضرور وٺي ڇڏينداسون. "پاليم" اتي هڪ ذات هئي، جا تمام مشهور ۽ خانداني گهراڻو سڏبي هئي. آخر جڏهن اها ڳالهہ ڇوڪريءَ جي ڪن تائين پهتي، تڏهن پنهنجي مائٽن کي چيائين تہ: جڏهن آءٌ پيٽ ۾ هيس، تڏهن اوهان منهنجو سڳ ڏيڻو ڪيو هاڻي ڇونٿا ڏيو؟ آءٌ راضي آهيان. جيڪڏهن اوهين مون کي خوشيءَ سان نہ ڏيندا تہ آءٌ پاڻ ساڻن هلي ويندس. تڏهن مائٽن چيو تہ: اسين خوشيءَ سان توکي نہ ڏينداسين. پوءِ اها ڇوڪري، مائٽن کي ڇڏي، اچي ٻاچوءَ ۽ ٻاراڇ سان ملي ۽ چوڻ لڳي تہ آءٌ اوهان جي ٻانهي آهيان، هاڻي جيڏانهن اوهين هلندا، اوڏانهن آءٌ بہ اوهان سان هلڻ لاءِ تيار آهيان.

پوءِ ٽيئي ڄڻا اتان نڪري سنڌ ملڪ ۾ آيا ۽ حب ندي پار ڪري، وڃي هڪڙي جبل وٽ پنهنجا گهر جوڙي رهڻ لڳا. ۽ اتي ئي ان ڇوڪريءَ سان ٻاچوءَ جي شادي ٿي ۽ ان ڏينهن کان وٺي ان جبل تي نالو رکيائون

”سوناريءَ جو جبل“. ٻاراڄ بہ وچي ”گدور“ ذات مان شادي ڪئي، جي مڇي مارڻ جو ڌنڌو ڪندا هئا. حب نديءَ جي ڇوڙ وٽ اُنهن جو ڳوٺ هوندو هو ۽ ٻاراڄ ان ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو.

تورن گهڻ ڏينهن کان پوءِ ٻاچوءَ جي گهر ۾ پٽ ڄائو جنهن جو نالو ”اوباهيو“ رکيائون، ۽ ٻاراڄ جي گهر ۾ ڌيءَ ڄائي. جڏهن ٻيئي ٻار وڏا ٿيا، تڏهن ٻنهي جي پاڻ ۾ شادي ڪيائون. ان بعد پهريائين ٻاچوءَ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو تنهن کان پوءِ سوناريءَ بہ وفات ڪئي. جڏهن اوباهيي ڏنو تہ هاڻي هتي هيڪلو ٿيو آهيان، تڏهن پنهنجا ٻار ٻچا وٺي اچي پنهنجي چاچي ٻاراڄ وٽ رهڻ لڳو ۽ مڇي مارڻ جو ڌنڌو ڪري، پنهنجو پيٽ پالڻ لڳو. ٻر پورو گذر ڪري نہ سگهيو تنهن ڪري اتان بہ لڏي وڃي مياڻيءَ ۾ رهيو. خدا جي فضل سان مياڻيءَ ۾ اوباهيي جي نصيب وارو ڏنو، جو ڪيس مياڻيءَ جي ماڻهن پنهنجو چڱو مڙس ڪٽي ڪيو.

اوباهيي کي الله سائينءَ اولاد جي برڪت ڏني هئي. ڪيس ست پٽ ۽ هڪ ڌيءَ تمام سهڻي پيدا ٿي. ڌيءَ جو نالو ”شيرين“ رکيائون ۽ وڏي پٽ جو نالو ”شيهنڙو“ هو. ٻئي پٽ جو ”اڳاريو“، ٽيون ”محمود“، چوٿون ”صالح“، پنجون ”عيسب“، ڇهون ”يعقوب“ ۽ ستون ”موڙو“ هو. موڙو هڪ ٽنگ کان منڊو هوندو هو جنهن کي ڀائر ٻاهر ڌنڌي تي وٺي نہ ويندا هئا. سيئي ڀائر تورو گهڻو علم ڄاڻندا هئا. اڳاريو انهن سڀني ۾ قابل هو جنهن کي پيءُ ڌنڌي جي سڀيال ۽ حساب ڪتاب جو ڪم هٿ ۾ ڏنو هو. شينهڙو درياهہ تي ٻيڙين جو اڳواڻ هوندو هو. جنهن ٻيڙيءَ ۾ شينهڙو چڙهندو هو ان ٻيڙيءَ جو نالو ”هنجڙو“ ڪري سڏيندا هئا. ڀائر سيئي پهلوان، هوشيار ۽ هڪ ٻئي سان محبت رکندا هئا. آخر انهن جي مال ۾ خدا ايتري برڪت وڌي، جو سندن پنج سؤ ٻيڙيون مڇي مارينديون هيون، ۽ انهن سڀني ٻيڙين جو اڳواڻ ”هنجڙو“ هوندو هو. جنهن مياڻ تان اوباهي جا پٽ مڇي ماريندا هئا، ان کي ”ياليمن جي مياڻ“ ڪري سڏيندا هئا. اُن مياڻ مان ايتري مڇي مرندي هئي، جو روزانو سوا سير سون رڳو دلوراءِ بادشاهہ کي مڇيءَ جو ڏن اُڳرندو هو. تنهن ڪري ان مياڻ تي نالو ئي پئجي ويو ”سون مياڻي“.

مورڙو سيني ڀائرن ۾ ننڍو ۽ ھڪڙي ٽنگ کان منڊو ھو. تنھن ھوندي بہ ڏاڍو ھوشيار ۽ پھلوان ھوندو ھو. مورڙ ھر روز شڪار ڪندو ھو. ان کي ڀائر مڇي مارڻ نہ ڏيندا ھئا، پر ڪيس گھرن وٽ ڇڏي پاڻ مڇي مارڻ ويندا ھئا. ھڪ ڏينھن مورڙو جيئن پنھنجي گھر ۾ وينو ھو تہ سندس ڀاڃاين ھن تان کِلون ڪيون ۽ طعنا ڏنائون تہ اسان جي مردن جي ڪمائي وينو کائي.

جڏھن مورڙي جا ڀائر موٽي آيا، تڏھن انھن کي چيائين تہ: مون سان اڄ ھيتري تعدي ڀاڃاين ڪئي آھي، پر ڀائرن اُن جو چوڻ ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيو. جنھن تان مورڙي کي ڏک ٿيو تہ مون مان شايد ڀائر ناراض آھن. سو پنھنجا ٻار ٻچا وٺي "رني ڪوٽ"[1] ۾ دلوراءِ راجا وٽ آيو. دلوراءِ اڳي ئي مورڙي جي بھادريءَ جي ھاڪ ۽ ڌاڪ پيو ٻڌندو ھو. تنھن مورڙي کي گھڻي عزت ڏيئي پاڻ وٽ ويھاريو. ٿن ڏينھن گذرڻ کان پوءِ، مورڙي دلوراءِ کي چيو تہ: ھاڻي مون تي تنھنجي ماني حرام آھي. دلوراءِ پڇيو تہ: ڇو؟ مورڙي چيو تہ: ٽي ڏينھن آءٌ تنھنجو مھمان ھوس. ھاڻي مون کي ڪا نوڪري ڏي تہ پنھنجو گذران ڪريان. دلوراءِ چيو تہ: تون ڪھڙي نوڪري ڪندين؟ مورڙي چيو تہ: جيڪي ڪم تنھنجا ٻيا پھلوان نہ ڪندا، اھو ڪم آءٌ ڪندس. تنھن تي دلوراءِ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انعام ڏيئي پنھنجي دربار ۾ وڏو مرتبو ڏنائينس. جنھن تان ٻيا پھلوان ناراض ٿيا تہ ھڪ ٽنگ کان منڊو اسان کان ڪيئن مرتبي ۾ دلوراءِ مٿي ڪيو آھي، پر ڪُجھ ڪونہ سگھيا.

گھڻن ٿورن ڏينھن کان پوءِ دلوراءِ جي راڄ ۾ ھڪ شينھن اچي نڪتو. جنھن ڏاڍو نقصان ڪيو. تڏھن دلوراءِ چيو تہ: آھي ڪو اھڙو پھلوان جو اُن شينھن کي ماري؟ تڏھن انھن سيني پھلوانن چيو تہ: اسان کان اھو شينھن ڪونہ مرندو. جنھن پھلوان کي بادشاھ وڏا مرتبا ڏنا آھن ۽ جنھن چيو ٿي تہ جيڪو ڪم ٻيا پھلوان نہ ڪندا اِھو ڪم آءٌ ڪندس،

[1] رني ڪوٽ جا ڊٻل نشان ڪراچيءَ جي ڏکڻ طرف چوڏھن - پندرھن ميلن جي مفاصلي تي موجود آھن.

هاٿي ان جو وارو آهي. اسين بہ ڏسون تہ برابر بادشاهہ حق تي ان کي وڏو مرتبو ڏنو آهي. تڏهن دلوراءِ هڪ وڏو ڪٽڪ شينهن جي مارڻ لاءِ چاڙهيو پر مورڙي کي نہ چيائين. چوتہ هو ڏکويل هو. پر جڏهن مورڙي کي اها خبر پئي، تڏهن دلوراءِ کي چيائين تہ: هڪ شينهن مارڻ لاءِ ايڏو وڏو ڪٽڪ چو چاڙهيو اٿئي؟ جيڪڏهن مون کي اجازت ملي تہ آءُ اُن شينهن سان مقابلو ڪريان! تڏهن دلوراءِ چيو تہ: اوهان کي اجازت آهي. پوءِ دلوراءِ هڪ گهوڙو ۽ هٿيار ڏيئي مورڙي کي شينهن مارڻ لاءِ روانو ڪيو.

اها خبر سڄي شهر ۾ هُلي ويئي تہ مورڙو شينهن مارڻ لاءِ روانو ٿيو آهي، جنهن تي ڪيترا ماڻهو تماشي ڏسڻ لاءِ مورڙي جي پنيان پئي ويا. جڏهن مورڙو شينهن کي ويجهو آيو تڏهن هل ڪيائينس تہ: هوشيار ٿي! شينهن جو پاڻ ڏانهن ماڻهو ايندو ڏٺو. سو بہ ان کي ڪاٺڻ آيو پر مورڙي وٽ هڪ هٿيار ڍال مثل هو جنهن ۾ گهنگهرا پيل هئا. جڏهن شينهن ويجهو آيو تڏهن اها ڍال ڪٽي شينهن ڏانهن اڇلايائين. شينهن سمجهيو تہ مون تي اهو وار ٿيل آهي، تنهن ان ڍال جو خيال ڪيو. مورڙي بہ ڦُڙتي ڪري اهڙو تہ تلوار جو ڌڪ هنيس جو شينهن پورا بہ اڌ ٿي پيو. ماڻهن ۾ هُل مچي ويو تہ مورڙي برابر بهادري ڪئي آهي، تڏهن دلوراءِ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مورڙي کي چيائين تہ: جيڪي بہ گهرڻو هجيئي سو گهر. مورڙي چيو تہ: منهنجا ڀائر سون مياڻيءَ ۾ مڇي ماريندا آهن، انهن تان محصول معاف ڪري ڇڏ. تڏهن دلوراءِ مهاڻن تان محصول معاف ڪيو ۽ مورڙي کي وڏا انعام اڪرام ڏيئي پاڻ وٽ ويهاريائين ۽ آخرڪار مورڙي کي پاڻ وٽ وزير مقرر ڪيائين.

اوباهيو پنهنجي پٽن کي هميشہ چوندو هو تہ ڪلاچيءَ[1] جي ڪُن تي مڇي مارڻ نہ وڃجو. چوتہ جيڪو ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ ويجي ٿو اهو وري ڪونہ ٿو موٽي. پر جڏهن اوباهيو مُئو تڏهن هڪ ڏينهن ڀائرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ اڄ هلي ڪلاچيءَ جو ڪُن ڏسون تہ اُن ڪُن ۾ ڇا آهي. پوءِ تہ بيڙيون هاڪاري اچي ڪُن ۾ رڇ وڌائون. ڪلاچيءَ جي ڪن

---

[1] ڪلاچي هڪ مائي هئي. جا مڇيءَ جو واپار ڪندي هئي. ڪراچي شهر ۾ جتي هينئر ڪارو در آهي، اتي هوءَ مائي رهندي هئي. اتي ڇڳي آبادي بہ هئي، جتي بيا مال وارا ۽ مهاڻا بہ رهندا هئا. سنڌ کان بلوچستان ڏانهن ويندڙ رستو پڻ اتان لنگهندو هو. (راوي)

۾ به وڏا مانگر مڇ رهندا هئا، جن کي ڪيئون چوندا هئا. اهي مهاڻن کي ڪُن جي ويجهو اچڻ ئي ڪونه ڏيندا هئا. سو جڏهن رَڇ ڪُن ۾ ڏنائون، تڏهن نر ڪيئون رَڇن تي چنبا رکي ويهي رهيو. مهاڻن ڏاڍا زور لاتا پر نه نڪتا. ڇهئي ڀائر حيران ٿي ويا ته رَڇ ڇا ۾ اٽڪيا. نيٺ هڪڙي ڀاءُ چيو ته: آءٌ ڏسيو ٿو اچان ته رَڇ ڪهڙيءَ شيءِ ۾ اٽڪي پيو آهي. جيئن ئي پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻي اندر ويو تيئن ان کي ڪيئون کائي ڇڏيو. پوءِ ٻيو جيٺو لٿو ته ان کي به ڪيئون کائي ويو. تان جو سڀئي ڀائر ڪيئون کائي ڇڏيا ۽ ٻيون ٻيڙيون جيڪي انهن سان گڏ هيون، تن ۾ ويٺل مهاڻن اها خبر وڃي سون مياڻيءَ ۾ ڪئي.

سون مياڻيءَ ۾ جڏهن انهيءَ قهر جي خبر پئي، تڏهن شيرين ۽ سندس ڀاڄاين ۾ ماتم پئجي ويو. هاڻي مورڙي کان سواءِ سندن ڪوبه اوهي واهي ڪونه هئو. سو شيرين مورڙي ڏانهن قاصد روانو ڪيو. قاصد ڪاغذ کڻي مورڙي وٽ رني ڪوٽ ۾ آيو. مورڙو ڪاغذ پڙهي اکين مان زار زار پاڻي هارڻ لڳو ۽ دلو راءِ کي چيائين ته: مون کي موڪل ڏي ته آءٌ پنهنجي ڀائرن جو وير انهن مڇن کان وڃي وٺان. دلوراءِ چيو ته: توکي جيڪا مدد گهرجي، اها آءٌ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. مورڙي چيو ته: لوهه جي هڪ قبا يعني پچرو نهرائي ڏي.

دلوراءِ يڪدم ڪيس قبا نهرائي ڏني. پوءِ ٻيا به هٿيار کڻي اچي ڪلاچيءَ جي ڪُن تي پهتو جتي ڪيئون رَڇ جهليو ويٺو هو. مورڙي لوهه جي قبا پنهنجي بدن تي چاڙهي، سمنڊ ۾ لهي، هٿيارن سان ڪيئون کي زخمي ڪري، ڪُن مان گهلي ٻاهر ڪڍيائين ۽ پوءِ ڪيئون کي چيري، پنهنجي ڀائرن جا لاش ڪڍي ڪيئون کان ڀائرن جو وير ورتائين. تنهن کان پوءِ مورڙي به اتي ئي دم ڏنو ۽ شيرين به پنهنجي ڀائرن جي فراق ۾ پساهه ڏنو. انهن سنئي ئي ڀائرن ۽ ڀيڻ جون قبرون اڃا تائين ڪراچيءَ جي اُتر طرف ماڙيپور جي پاسي ۾ آهن. ان بعد سندن اولاد به اچي ڪلاچي وسائي. ڇوته سندن مائٽن جون قبرون اُتي ويجهيون هيون. انهن مان جيڪو اولاد ٿيو سي پاڻ کي ”مورڙي- پوٽا“ سڏائڻ لڳا.

# ضميمه

## روايت [20]

### بيت مورڙي جا چيل امين فقير چارڻ *

1- الله جل جلاله رازق رب جليل،
مهل متي ماڻهن کي ڏئي وقتي وقت سبيل،
دوڙايم دليل، توکي معلوم سڀ کي.

2- توکي معلوم سڀ کي، سڀ ڪنهن راهه رشيم،
باچو ۽ باراچ هئا ذات پَلي ٻهليم،
حڪمت ڪاڻ هلي ويا راور جوڳي ريم،
سبق ڏئين تون شيم، جنهن مان گن گهڻو ٿئي.

3- هڪڙي سبق شروع ڪيو ٻيو ٿيو خدمتگار،
پڙهيائون پريت مؤن جوڳي ڪيس جهار،
تهان پوءِ تڪرار، اچي ڪامل گهڻو ڪکوريا.

4- موڪل وني هليا سوڏي ساميءَ ڪانءِ،
هڪ عقلوند اڳي هئا ٻيو جو پين سماء،
ننڍي چيو وڏي کي تہ ادا اوري آءِ،

---

* هيءَ قصو دادو ضلعي جي مشهور چارڻ قبيلي (اصل رهندڙ ڳوٺ ڪنڊي، لڳ ڦلجي) جي ٻن موروثي قلمي ڪتابن مان نقل ڪيو ويو. هڪ ڪتاب، ميان دين محمد چارڻ کان ۽ ٻيو مرحوم ڪمڻ فقير چارڻ کان مليو. جن کي پيٽي قدري صحيح متن قائم ڪيو ويو. هنن بيتن جي روايت ٻهرين ٽن روايتن (ص59، 68 ۽ 85) سان ملي ٿي. البت چارڻ فقيرن جي موروثي ڪتابن ۾ ان جو هجڻ هڪ دليل آهي تہ هن منظوم روايت جو اصل شاعر غالباً امين فقير چارڻ آهي. غالباً ٻهريان 36 بيت جدا روايت سان تعلق رکن ٿا. جن کان پوءِ امين جا بيت شروع ٿين ٿا.

13- سٽي ڪِراڙيءَ سڏڙا، متئون آيس هوءِ،
باچوءَ پڇيس ٻاجهہ مؤن، تون جر ڇو هارين جوءِ،
تو سان ڪهڙي ويڏن ووءِ، ڪر حقيقت حال جي.

14- تي ڪري حقيقت حال جي، سومل سوناري،
مون گهر آهي گهوٽيا! نانگو نظاري،
آيس خاطر آب جي، وهلو تي واري،
ڪا جا تي ڪاري، دِلو ڏرتيءَ ۾ اڙيو.

15- دلو ڏرتيءَ ۾ اڙيو تي زال پري زاريون،
آٽي آب اکين ۾، تي هئي هنجون هاريون،
ميان ڙي ماريون، پرو ڪا پيٽي ٿئي.

16- چئي: پرون تان پيٽي ٿئي، جي تون مجين هيءَ،
باسين سگ بچاءِ ٿئي، جا تو پيٽ اٿئي ڏيءَ،
توکي ديي دٻائيو ڏاڍي قبض قويءَ،
جوکو اٿئي جيءَ، متان ڀهگڻ مارئي ٻہ- ٽٽي.

17- ٻٽي ڳوتي ڳالهڙي، ڏس تي ڏيان ڏري،
تہ هي وسن ڪنهن ولائت تي، هنن جو پنڌ ٻري،
گهٽي توري ڏينهڙي، جي تي ڏيءَ مري،
ڪي امر هوئي الله جو تہ لکيو تا نہ ٽري،
اها ڳالهہ ڪري، باسي سگ پري هلي.

18- چئي: زالن سندي ڳالهڙي، حيلي تا نہ هلي،
هلو ڪيڏ ڪهي، ڏسون محل مڪان اُن جا.

19- اُڏي هلي لاڏلي، در ماندي در خاص،
تنهن کؤن اُتي دِلو وَدو سوناري سهجاس،
هئي هئي هٿ اڙياس، اُرهہ برابر اُن جي.

20- مَهتو چَيُونْ مهتِيءَ کي، ڪو تو جولي جاڻ،
هاري هن هٿن مؤن، توکي ڏاڍا پيڙا ڏاڻ،
سومل سرت سجاڻ، ڪيئن تياسين ڪانڌ چئي!

-21 وريُون پنهنجي ور سان تي ڪري حقيقت حال،
وئي هيس پوڇڻ پير خضر تي آيس سان الحال،
آڏو گڏيا هئم مير ميندرا، اڙيو هئم لالڻ دِلو لال،
ڪيم سائين لڳ سوال، اڇي گهڙو ڪٽايو مون گَهري
-22 تڏهن نيڪن جي نظر سان ٿيا اتيئي آجا،
وير وهاري وچ تي، طعام ڪيائون تاجا،[1]
پنهنجا ڪم ڪري هليا، راون جا راجا،
صبح سباجها، هليا ڪَهي ڪلاڪوٽ تي.
-23 ”ڪپر“ ۽ ”ڪانڙيو“، هئا ڪنهن ديس دَنوار،
ويندي گڏيا وات تي، ڪلي ڪيائون ڪيڪار،
ٿيا يقينئون يار، چور چارئي پاڻ ۾.
-24 ’ڪپر‘ آندي هئي ڪاٺ مؤن، ڪا تالهي منجهئون تان،
تنهن ۾ هئا ڪيترا، قيمت جا ارڪان،
ست رَڇيءَ جو ساء ايندو هو ظاهر ساڻ زبان،
اها مصلحت من پيانَ، هي تہ چور رهندا ڪينڪي.
-25 ڪٽي رکيائون متي چڪي تانُو يري،
تالهي آب نہ تانهرو مٿئون ڊول ڊري،
باچؤ نُيس نِير نڙ سان، ظاهر هڪ ذري،
پري پنڌ ڪري، وڃي رڃ هنيائون ريڻ ۾.
-26 جاڳي ڏسن جا، تہ تالهي ڪانهي تان تي،
جرجي جاسُونگن کي، هئي ڪَل اڳيئي ڪا،
اُنايائون آب ۾، پاٽيءَ پيرو پاء،
پاٽيءَ پيرو پاء، وڃي رڃ ڪڍيائون ريڻ مؤن.
-27 ايڏن آزمَتن[2] جا، پوءِ تا پيرن پير،
جهلي پينا جهنگ ۾، ڪوڙين پڇن ڪير،

---

[1] تاجا = تازا.
[2] آزمتن = آزمودن.

سهڙ وَدائون سيگهه مؤن، گهٽ نهاري گهير،
تنَگيون اچن تيز ڪي پاٽون واٽو پير،
پنجون واگهه پيدا ٿيو واٽ تي، ثابت ڏٺي سير،
من مؤن ڪيو مير، اهو ڏيو تہ ڪٽي هلان.
-28 پاٽئون سهڙ ستي، هٿ ڏنائون واگهه جي،
ويا شوقَ شڪار تي، اهو ماڳ مَتي،
هي پاڙئون جنگهه پٽي، سڄي ڪائي ويو سهڙ جي.
-29 وري منجهه وٽاڻ، آيا چور چارئي پاڻ ۾،
ڪيڏي ڏي بہ اَماڻ، جو سهڙ ڏنوسونءِ سانيڍو.
-30 ڪيڏي ڏنائين ڪڇ مؤن، هو تا ڪن تڪ تور،
همراهن جي حق جي توکي لڄ نہ پيئي لغور،
چئوڙي پٽي چور، سڄي ڪائي وئين سهڙ جي.
-31 جيڏا آهيو جي، سوڳنڊ سيئي ڏيو
عضوا اٿس ايترا، ساري ڏسو سي،
تنگون آهن تي، سدائين سهڙ ڪي.
-32 هاريا، ڪوڙ مَ ڪُڇ، سهڙ جنگهون چار،
چئي: مٿي هن ماري، تو هان مڙي ٿيا آهيو مڇ،
سهڙ آهن ٿي جنگهون، چوٿون اَٿو پڇ.
-33 ٻُريا پنجيئي، دزد چٽائي ديس تي،
هنيائون سَنڌ سراهہ ڪي ساجهر سنجهيئي،
واگهه ٻنڌي ڏيئي، خزانا بہ ڪٽي ويا.
-34 جاڳي ڏسن جان تہ صبح لڳي آ سَنڌ،
ٻڌو ڏسن آدمي، حاضر انهي هنڌ،
تون ڪي چاري چورن جو ڪي تون راهين رَند،
بي ناحق ۾ بند، آڻي اهائين ڪيو.
-35 تڏهن ڪپڙو تري تيل، سر ٻڌائونس سهرا،
باڇو ۽ باراڄ هئا، ٻَٽ اُتيئي ٻيلهہ،
هوند بچايونءِ هَيلهہ، جي سچي ڪرين سهڙ جي.

53- تڏهن ڏنس ڏيراٽين مهٽا: تون ڪانئر ور جي،
ڪامٽي، تنهنجو ڪانئر ڪم جو چور،
واتون ويٺي ناهه ڪو، ياڱو ڪيس ڪور،
ويڻ بڌندو آيو پنهنجي ڪنين مور،
ويو ملي ملاح جو هنيون لپيٽي هور،
شرط منجهائون شور، هليو رسي دلو راوَ ڏي

54- تڏهن جويون پلي پانهجون، پائر پيس پيري،
ميڙ نہ مچي موزڙي، چڏيائين ڦيري،
چڏي ساڱهہ سڱ جي، هليو نحسو نبيري،
دلوءَ کي ديري، گڏيو ڀهڳڻ ٻانيڻ واهہ تي.

55- دلوءَ دلاسو ڪري، وهاريو آ وير،
متان تون ماندو ٿئين، هنيون ڪج سڌير،
ڪندون، ڪانڻ، ڪير، توکي مولي ڏيندو موزڙا!

56- دلوءَ دلاسو ڪري، وهاريو وريا م،
هڪ چوکي تيس چاڪري، ٻي تيس تعظيم تمام،
تيو داروغو در تي، هاڙهي ڪري هاگام،
لِکي مڪو لاڏڪي، پيءُ مٽيون پيغام،
تان غيرت ڏنه غلام، روحئون لاهيو رنج جي.

57- تڏهن پڙهي پروانو، ڪبو تيو خمار ۾،
اکر اوباهيو ڏسي تيو تن ۾ توانو
صحيح پريائين ساهہ جو، خوشيءَ مؤن خانو
چيو پيءُ پٽن کي، ابا حڪم رباني
ڪري جاءِ منجهئون جانو، ياءُ برچائي اچو پانهنجو.

58- تڏهن ڀهڳڻ ٻانيڻ واهہ تي آيس پائر ميڙ ڪري،
سون مياٽي سپرين، هل تون پير پري،
اوباهيو آهون ڪيون، تو تو لئي مور مري،
پٽ هلي تون پيءُ کي، ڳوڏا لاءِ ڳري،
اسان جي نہ سري، توريءَ مانجهي موزڙا.

59- چئي: ڪڏيم غيرت غم جي، مون جو ڪيو پرچاءِ،
آءُ جو چوان تو ڳالهڙي، سا مصلحت من ڪجاءِ،
ٻجهي انهي پار ڏي تو ڏپ سچوٽي ڏاءِ،
جي ياڻيو مون ياءِ، تہ هي مصلحت ڪيو من ۾.

60- چئي: ادا! توجا ڪئي ڳالهڙي سا اسان مصلحت ڪئي آ من،
ڪلاچيءَ جي ڪُن کي ڀڳڻ ڏيون ڀن،
شابس وڏئي ڪن، آ دانهن ديواني مڇ جي.

61- ياءُ ٻرچائي پانهجو وري آيا وير،
پيٽن اڇي ٻاپ کي ڏني هيءَ سڌير،
اجهو ايندئي مورڙو ٻرچايو آ پير،
ڪنڊون، ڪاٺڻ، ڪير، سؤ مچيائون صدقي.

62- موڪل وٺي دلوراءِ کؤن، ڏينهن انين آيو
ماءُ پيءُ مانجهي مورڙو ڳوڏو ڳل لايو
ياچاين پيرين پئي، ٻر ڏر ٻرچايو
تيو سهج منجهئون سعيو لک ڪيائون صدقي.

63- اُڪنڊ لاهي مورڙو آيو دلوءَ لوءِ،
اڳيئون پڇيس پاتشاهہ، ڪڄاڙو تيوءِ،
مورا وڏو وهم سونڊءِ، ٻہ تي لاتئي ڏينهڙا.

64- چئي: سائين ٻہ تي لاتم ڏينهڙا، وچ ماٽڻ ويهي،
ماءُ پيءُ موڪل نہ ڏئي، مون کي ٻہ هئي اُڪنڊ اڳيئي،
ماٺهو مياٺيءَ جا مون کي ڏر گڏيا ڏيهي،
قبلا تون اڳيان ويهي، کهڙي کهان ڪوڙ جي.

65- تڏهن سيباٽو سيني کي، دلوءَ جي دربار،
دنگ ڏنائينس دست ۾، دارون درس پيار،
ڪرول ڪوپي آئيو چڙهيا شوق شڪار،
سپ وڙهيا تي سنگهہ سان، سورهہ ۾ سنسار،
هي يي مڙس ماريا هٿا ماري، نَو پوريائين چار،
ٻئي ٻہ ڪنهن ڪيهر سان نہ ڪئي آٽڻ متي آر،

مور وهائي واڳهہ کي، تائي جان بہ ترار،
لنگهي پئي سا پار، لکئون لاهي تنهن ليٿ کي.

66- لکئون لاٿو اٿئي ليٿ کي، درميان آئين داءِ،
ڏنائينس ڏينهن تنهن، گهوڙو ۽ سروپاءِ،
بادشاهہ چيس آفرين، جي ويائي ماءِ،
مارڪن ۾ مورڙا، مر مرڪي پياءِ،
جَدئون توهان جي جنگ جي، اَڏ وڏائي آءِ،
پلي پيءُ ياءُ، جيڪي گهرين سو لهين.

67- چئي: سون مياٽي سپ جو لاهي ڏن ڏيار،
جي تون راءِ راضي ٿئين تہ ڪندون کير پيار،
ملاحن نہ مار، ڪٽي آجا ڪر "امين" چئي.

68- تڏهن ورنه اُاتي ويل تنهن. ٿيو بادشاهہ مهربان،
محڪم ڏنائينس مجرا، سون مياٽي دان،
لکي مُڪو لاڏڪي، پيءُ مٽي پيغام،
کٽو ڏيهہ انعام، کٽي راجا رائر چڏيو.

69- هاٽي سون مياٽي سپ جي، وينا ڍلن ڍل،
ڪلاچيءَ جي ڪُن جي، ڪن ڏهاڙي ڪَل،
پيءُ بہ پلين ڪينڪي، جهليا ڏين نہ جهل،
ارادي ازل، بنهي وير وڪوڙيا.

70- ڪان ڪڏهن ڪاني، ٿئي جنگ قلاش سان،
ڪرهہ تني ڪان اجهي موڪ جني ماني،
ڦيري فهميدن کي تي دولت ديواني،
پُٽ اوباهي پڌرا، ڏيهہ جاٽي ڏاني،
جڏهن ٿئڙا انعامي، تڏهن وهم رکيائون ويڙهہ جو.

71- وهم رکيائون ويڙهہ جو ٿين هڙ ۾ نَڪا روڪ،
پيءُ پي پليا ڪيترو، متيون ڏنين موڪ،
تہ ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ قبيا ويندا قوڪ،
هنن کي مستيءَ ڪيو موڪ، ڪي دولت ديوانا ڪيا.

72- دولت ديوانا ڪيا، تا چؤتالا چوڙين،
ڏاڳا ريشم پٽ جا تا سگ سبر جوڙين،
جٺراٽين جي جنگ ڪؤن، من ڪي نہ موڙين،
ڪِير ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ تا ڪاھہ منجهئون ڪوڙين،
اڄ سيان لوڙين، تا اکر ارادت جو.
73- تڏهن اُتن اوباهي اُسري، وري ڙي ويهو،
ٿهارٽي ڪلاچ سان، اَتو لئون لڳو ڪيهو،
جوراٽي جيهو هت مڇ ٻجهي تو ماري
74- اُتن اوباهي اُسري، گهوٽيا گهاريو گهر،
ڏھہ ڏھہ پيرا ڏينهن ۾، اضافو خرچو زر،
پليا گهٽو پدر، ٻر ٻيٽن ميجي نہ باپ جي.
75- سڙھہ سنوان لاچو نوان، پڳهہ تا پائين،
اولين اُتي عاج جي جهور جڙائين،
ڪشتؤن ڪشت ڪلاچ ڏي، تا مانجهي مڪائين،
دَل نہ دِل لائين، هت بانڪا چوڻ باب جي.
76- ڪشتيون ڪاهيو ڪاھہ هليا ڪَهي ڪلاچيءَ ڪُن ڏي،
اصل تارو هئا آب جا، بانڪا بيپرواھہ،
ماري ڪيون مڇ ڪي، هي چِت رکيائون چاھہ،
هنن جي سڳن نہ آئي ساھہ، رڇ رنديا ماڳ رهيا.
77- وڏائون وڏانجهہ ۾، ڳٽيون ڳاٽ ڪٽي،
سڳن سٽون آئيون، وينا رڇ وٽي،
گهاتوئڙن گهٽي، ٿي دلگيري دل ڪي.
78- وڏو اڳاري اُڇلي، جارو منجهان جاڻ،
سڳن ستون آئيون، تندن آئي تاڻ،
وينا ڪن برياڻ، گهڙ 'مانجهاندا' جر ۾.
79- 'اڳاري' جي رڇ ڪي، ڇهئي تا ڇڪين،
چِنا تا بہ اچين، ڪي ڏاڳا ريشم پٽ جا.

80- ڇَئي: ادا! ڪنهن اڙيو ڪلي ڪاٺ ۾ جنهن سنج جهليا ساهي،
پچن موييءَ ياءُ ڪؤن، سگهون نا لاهي،
آزمودو آهي، ظاهر تنهنجي زور جو.
81- ڇئي: ادا! سؤ وَرهہ جي ورک کي، جي پاٽي پوڙي،
تنهن ۾ اچي اوچتو ريچ اڙي توڙي،
سو وڻ وڇوڙي، مان جولي ڪيان چار سان.
82- تڏهن پهہ ڪيائون پاڻ ۾، پڪو برياٽي،
تہ ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، هڪ گهڙي هاٽي،
خبر سو آٽي، آهن ريچ جنهن ۾ رنديا.
83- اُتو پڙ 'پڙهيل' پائن کي، ادا آن گهڙندوس،
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾، پرو پائيندوس،
ترو تانگهي ڪُن جو، پهر انين ايندوس،
خبر سان ڏيندوس، آهن ريچ جنهين ۾ رنديا.
84- بئي 'اڱاري' پائن کي، ڏنو ڏس کرو
ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ پائيندس پرو
ستين پهر سير ڪري، وڃي تانگهيان ڪُن ترو
تهان پوءِ ڏرو، مون جيئڻ ڪجو نہ آسرو.
85- ٽئين 'مانجهاندي' مٽيار، پڙ چيو پائن کي،
پيهي ڪُن پاتار ۾، لهان سنجن جي سار،
ٿاٽو آهي تبيءَ جو، ڇهين پهر شمار،
تهان پوءِ پچار، مون جيئڻ ڪجو نہ آسرو.
86- چوٿين 'للي' لال، پڙ چيو پائن کي،
پيهي ڪُن پاتار ۾، جر نهاريان جال،
ٿاٽو آهي تبيءَ جو، پنجين پهر ڪمال،
تهان پوءِ في الحال، جيئڻ ڪجو نہ آسرو.
87- 'سانئڙ' سخن سال، پڙ چيو پائن کي،
مان بہ پيهي ڪن پاتار ۾، جر نهاريان جال،
ٿاٽو آهي تبيءَ جو چوٿين پهر ڪمال،
تهان پوءِ في الحال، مون جيئڻ ڪُجو نہ آسرو.

88- هئي هڏائين ’هنجھ‘ جي، ٽبي پهر ٽي،
جيائين تارو نہ گهڙي، جنگ تيائين جي،
ڀائر ٻرتئو رب کي، وهم نہ لڳجو ٻئي،
جيئرو هوندو هي، تہ ڪَل سڀ ڏيندو ڪُن جي.

89- گهڙيو ڪلاچي ڪن ۾ ’ڀڙهيل‘ ڀهريائين،
انجامي ”امين“ چئي، جُنگ هليو جائين،
آيو ويريءَ وات ۾، هاڙهي هنڌائين،
موٽيو نہ ڪيائين، راوت رپ رهائيو.

90- مرڪڻ مويءَ ياء جي، ڳاراٽي ڳاريو
ڪاهي پيو ڪُن ۾، اَجهل اڳاريو
پيهي ڪُن پاتار ۾، تاروءَ تنواريو
سوڀي مانجهي مڇ ماريو راوت رپ رهائيو.

91- جُنگ سيني ۾ جهانجهرو هنر گهٽي هشيار
ڪاهي پيو ڪُن ۾ مانجهاندو مٽيار
ڀائر ٻرتئو رب کي الله تو آهار
سو بہ هئو دانهہ دعويدار پر راوت رپ رهائيو.

92- وينا ڪن وائي، تہ ڪاڪا موٽيا ڪينڪي،
ڪاهي پيو ڪُن ۾ ڪري ’للو‘ لالائي،
اصل هئو ”امين“ چئي، ڀڙ سندن ڀائي،
سو بہ ڪاهوڙي ڪائي، راوت رپ رهائيو.

93- ڀڙ ڀائن ريء هيڪلا، دونُون ٿيا دلگير،
اصل هئو ”امين“ چئي، سانئڙ واقف سير،
تنهن بہ وس وڏا ڪيا وير، پر راوت رپ رهائيو.

94- ڇهون ’هنجھ‘ گهٽيري هٺ سان، سورهہ وڏو شان،
ڀڙ ڀائن ريءَ هيڪلو، وڃي ميو ٿيو مستان،
ڪاهي پيو ڪُن ۾ هاڙي ڪري هاگام،
ڪُهڻ ڪلاچي مانَ، نہ تہ ڪٽي ماٺهو مُنجو مور ڏي

95- اج نہ هِيرن هَٽ، مُهَنَ ميڙائِي مَڪُرئين،
جنهن تڙ ڏنيرئين ٻَرنِ، ڪَنَ ڏهاڙي گهَٽ،
گهاتو گهر نہ آئيا، ڪٽي ماتيون مَٽ،
سيئي پسي پَٽ، ماڇهو موتي آئيا.

96- نَتَر نہ سڃاڻانِ، سڌ نہ سڻن گهاتئا،
سي منهن نہ ڇاڻانِ، الائي ڪلاچي ڪيئن ڪيا.

97- ساتي سڌ ڪري، تڙئون ترسي آئيا،
رنائون ٻاجهہ پئي، ڳوڙهن ڳاٽ ڀري،
پڻڙن پنڌ پري، جي اوري هئا تہ آئيا.

98- وٽ اوباهي اُسري، خبر هيءَ آئي،
تہ ڪالهہ ڪلور تي گذريو، سُڌ سگهيا سائي،
تنهنجا ڪاهوڙي ڪائي، راوت رپ رهائيا.

99- نٿون جن نڪن ۾، ٻانهيون ڪُلهي ڪر،
آهون ڪن الله کي، دانهون مٿي در،
تنين سندا ور، هت ڪالهہ ڪلاچي رانئيا.

100- ڪلاچيءَ جي ڪُن کي، ويا ملاح مڙي،
جوڌئون ٻڌي جنگ جي، پائن خوب پڙي،
ويا جي گهوٽ گهڙي، ڪونہ منجهائن موٽيو.

101- جوش جَلائِي 'جُمڙي'، مڏيءَ ڏسي نہ ملاح،
بيٺيءَ چيو باپ کي، منجهان سهج صلاح،
بابا! ماڇهو منج ڪو مور ڏي، وڃي هيءَ ڪري آگاهہ،
تہ آءُ وهيٺو واهہ، تنهنجا ڪاڪِهن ڪُن رهائيا.

102- دانهن وني دانهين، ويو مانجهي مور ڏي،
جتي پائڙ هِن ماريا، مان بہ آيس اُتائين،
وينو چو آهين، ڪارهين چونہ ڪلاچ سان.

103- دانهين تو دانهن ڏئي، ٻسو ڪهڙيءَ ٻر،
ڪا جا ٻرين ڪوس جي، آوَهہ ڪُن اندر،
ويا وير نہ آئيا، گهاتو موتي گهر،

سون مياٽي سور تي اوتيهڙو اڀر،
تي ياجايون بانوريون، ماندي تو مادر،
جوش جلائي جُمڙي، تي نِوائي نبتر،
اتي سگهو سعيو ڪر، ڪِلي جو بہ ڪلاچ سان.

104- چئي: ادا! ڪيئن گهڙيا تي ڪُن ۾، تين ڪنهن پَت ڪيڏارو
چئي: ادا! پڙهيل پهريائين گهڙيو جو هئو هنر هاڪارو
ٻيو اڳارو جوهري، قوت ڪرارو
مانجهاندي مضبوط ڪيو منجهہ پاٽيءَ پسارو
للو لال تہ ويڙو جيئن تُرت ڪِڙي تارو
سانئر سنگيو ڪينڪي، توڙي هو جر جالارو
هو جو هنجهہ گهٽيري-هٽ سان، سو مانجهي مڇ ماريو
اندر سچ نہ سوجهرو اوندهہ انڌارو
منجهہ ڪٽي تو مامرو، ڪڇون منهن ڪارو
آيو تو وارو ڪِلي جو بہ ڪلاچ سان.

105- تڏهن وَٽِي وير هٿانءِ، وڃي پئي پَٽ پُٽون تي،
پڇيو مانجهيءَ مور ڪان، دانهَہ دلوراء،
ڪهڙي خبر ڪاءِ، اڄ پڻ آيئي اوچتي.

106- تڏهن در دلوءَ جي دانهن، ڪئي مانجهيءَ مورڙي،
تہ يائر مون ڀَلا هئا، ڀهڳڻ ٻيلي ٻانهن،
وڏي ڪنهن وٽانهہ، ڪالهہ ڪلاچي رانئيا.

107- چئي: ٿانهر وڏو ٿانءِ، جيو رَت جٿا جنگ جي،
نہ تي مور اُباهرو توڪي ڏاتر ڏيندو ڏانءِ،
الله جهين جو نانءِ، وير وڻايون سو ڏئي.

108- تڏهن دلوءَ جي دربار ۾ تو ٻر ٻر ٻاڏائي،
تہ ڪانہ چلي تِي ڪُن سان، ڪَرَهہ بنا ڪائي،
ڪات نلوئي رُڪ جو ڏي سگهو سانباهي،
وڙهان واڏائي، خونيءَ سان خمار ۾.

109- ڪات نِلوئي رُڪ جو ٻي ڪائي جي ڪَل،
ڏنائينس ڏينهن تهين، انهيءَ ويل اجهل،
دلوءَ ميڙيا دَل، تہ هلي جنگ پسون تنهن جُنگ جي.
110- دلو ديمن ساڻ، هليو مانجهي مور سان،
ڀڳڻ ٻانيڻ واھ جا چڏيا وير وتاڻ،
پري پسو سي پاڻ، جتي گهاتو ماريا.
111- منجھ مياڻي مورڙو، آيو ويل اجهل،
ڪيو پاڇاين ڏير سان، جوش منجهارئون جل،
تہ تنهنجي ڪاڪن جو ڪهڳل هت ڪالھ ڪلاچيءَ ۾ هئو
112- ڪيو ڏير پاڇاين سان، آ جوڙي هيء جواب،
تہ کُهي سڪ ڪاڪن جي، ڪيو آ مور ڪباب،
مران تہ موت ثواب، جي جيان تہ ماريان مڇ کي.
113- ڪيو پاڇائن ڏير سان اهوئي الاء،
تہ ڳل نہ پائين ڪنجرو لاهين پاڳ مٿاء،
پيءُ مڙني جو هڪڙو مورَ ماتيجي تي ماءُ،
جيلانہ چائين ڀيءَ پيتاءُ، تو تيلان ترسين تانهن ڪؤن.
114- ماڙيءَ چڙهي مورڙو ٿيو پسي پاڇايون،
نٿون جن نڪن ۾، ڪُلهي ڪر ٻانهيون،
اهڙيون ملاحيون، ويچاريون بہ ورن لئي.
115- ورھ اڳي هو وڊيو ٻيو ڏمر سان ڏوڙي،
مَرڪڻ مارڪن مؤن، مُڇ اُتيو موڙي،
مان بہ لُڙ منجهؤن لوڙي، وچي مئي لاهيندس مَڇ جي.
116- متو آهين مَڇڙا، ڪاڪا ساڳھ ڪر،
اٿئي پهر "امين" چئي، ڏر گهاتوءَ جي ڏر،
پڌر مٿي پر، ڪٽي ڏيڪاريندين ڏيھ کي.
117- سانوڻ بدو گذريو، آئي ائٺ اَسُوء جي وار،
متو آهين مڇڙا، ڪِيو ۾ خمار،
ننڊ نہ اچي مورڙي، دانَھ دعويدار،
ڪُتا ۾ ڪاپار، ڪٽي چُٽائينديئي چورتا.

125- دلوءَ ديميون ڪاري، آندا سانَهن سَوَ
پنيؤن برين باهڙي، تنهن تپايا تَوَ
ريلي وانگر رَوَ تن چوري ڪڍيو چورڙو.

126- چوري ڪڍيو چور کي، دسيو وچي هو ديءُ،
ڪوپي وجي ڪات سان، چل ڏنا هئس چيهہ،
تنهن کي تڪرار ڪيون تي ڏسڻ آيا ڏيهہ،
رنگ تنهين جي ريهہ، جنهن مانجهيءَ ماريو مڇ کي.

127- ياتيا مور ملاح جا آهن خاصا خدمتگار،
اڄ اجوٽي ڏينهن تائين اتي ڪن الغار،
جِد تهين جي جنگ کي واهہ چون تا وار،
جي ڪَهن ڪلمي جي سار، اگهو سڀ ايمان سان.
لا الهٰ اِلاالله محمّد رسول الله

----------

Sindhi Folklore & Literature
BOOK- XXXVI

# POPULAR FOLK STORIES
## THE STORY OF MORIRRO AND THE WHALE

compiled & Edited
by

Dr. N.A. BALOCH
M.A., LL.B. (Alig.), M.A., Ed.D. (columbia),

Sindhi Adabi Board
Jamshoro, sindh
2006

*(All Rights are reserved)*


| | | |
|---|---|---|
| Ist Edition | March 1967 | 1000 Copies |
| **2nd Edition** | **2006** | **1000 Copies** |

**[Price: Rs. 100-00]**

***To be had from***

**SINDHI ADABI BOARD KITAB GHAR**

Tilak Incline, Hyderabad

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)

**E-mail Address: sindhiab@yahoo.com**

**Website: www.sindhiab.com**

Printed by Manager Press, Syed Sikandar Ali Shah & Published by Aijaz Ahmed Mangi Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro Sindh Pakistan.

# PREFACE

This is the thirty-sixth book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore & Literature Project, approved in 1956 for the collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on this Project was started in January 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a net-work of field workers, one stationed in each *taluka* area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far, 21 volumes have been published and this is the twenty second of the forty volumes proposed to be published under this project.

This book belongs to the series of volumes pertaining to the most popular and time-honoured folk stories which have captured the imagination of the people of the Lower Indus Valley of Sindh for more than one thousand years. Of the ten volumes in this series, one (Book 28) contains the story of a great epic, seven (Books 29 to 35) are devoted to the stories of love and romance, while this last but one volume (Book 36) pertains to the story of personal valour and the inventive technique by which the hero kills a sea monster by diving deep in a specially built "Glass-Capsule Machine."

As pointed out in the introduction to the Twenty-ninth Book, 'folk stories' are those narrations which have a geo-historical basis, Thus, Morirro, the hero of this story, in supposed to have belonged to the locality where Karachi city stands today, and is said to have flourished during the reign of Dalurai, a chief figuring mainly in folklore, who might have ruled sometime during the first half of the 11th centurey A.C.

The earliest reference to this story in obtained in a verse composed by the turn of the 14th century. Subsequently, it was used as one of the main themes in the poetical compendium of Shah Abdul Latif (d. 1752). Under the present investigation, 19 versions of it have been recorded in prose and poetry from all over the regio. .

Briefly the story runs as follows:-

Two orphan brothers.Bachu and Barach, were very clever but poor, and hence they took to stealing which brought them into disrepute. They then left the village and went to Jogi Rawalzin and learnt magic from him. Barach then married a beautiful girl, and a son, Obahioby name, was born to him. Eventually, Obahio settled down at Sone Mianee[1] and became a renowned fisherman of his times.

Seven sons and one daughter were born to Obahio. Except Morirro, the youngest of them, all the other brothers took to fishing as their profession. Morirro wes very intelligent, but being lame he used to stay behind at home with his aging father. He was, however, dear to his brothers, who would pay the fishing tax themselves but give him his share of the daily catch free and regularly. But their wives would taunt Morirro's wife saying that her husband did not go to work, sat idle at home and got the share of the catch from their husbands for nothing.

Hearing this, Morirro left his home and joined the Court of Dalurai. When he killed a lion there single-handed, Dalurai was very impressed and granted him the fishing port of Sone Mianee as a tax free estate. Morirro informed his father and brothers, who were very much pleased, while the wives of his brothers blushed in shame and repented for what they had said.

---

[1] A fishing village of early times, located at some distance north-west of Karachi.

The brothers then came to the capital of Dalurai, apologized to Morirro and took him to Sone Miani to their father. Morirro met him and everyone else, stayed there for sometime, and then returned to join the court of Dalurai.

Being in possession of the tax-free port, Morirro's brothers grew rich, had bigger fishing boats and began sailing on the high seas for ever larger catch of fish. Their experienced father, finding them to be too adventurous, advised them that they might go for fishing in every direction, but should scrupulously avoid the area of the "Kun of Kalachi",[1] which was unsafe due to the deadly Maungar Machhu (Whale). These daring proud youngmen, however, did not listen to his advice, and one day, on purpose, they headed for the 'Kun of Kalachi'.

On reaching the spot, they spread their *rachchu* (the fishing net for the ocean)confidently, but when it was time to pull out the net, they found it all stuck up deep inside the water. All of them were expert divers, but the eldest brother dived first to find out the cause. It was the sea monster, and the man who dived was swallowed down. The second brother followed him, but one by one all of them were swallowed by the monster.

With alarm old Obahio sent the news to Morirro, who informed Dalurai that he must avenge the death of his dear brothers and kill the sea monster. He asked the chief's help and told him that he would need a specially built *Ka-ey ji Kull* (Glass-Capsule Machine) with all the necessary facilities, in which he could sit and lower himself down into the ocean to fight with the monster. Dalurai ordered that such a machine be built, and it was soon ready for him.

Morirro directed the operation. The Kull (Machine) was taken to the spot and he entered into it taking sharp long knives with him. He instructed that the Kull be lowered down and it

[1] Literally, the "Whirlpool of Kalachi".

should again be pulled up when he gave the signal by shaking the rope.

As he descendd, the monster attacked him; as it opened its mouth to swallow him, he fixed the knives vertically against its jaws and then leaving the capsule he entered through the mouth and cut his way through the heart and lungs of the monster and killed it. He then tied the ropes around body, gave a signal by shaking the rope and was pulled up to the surface.

The body of the monster was then pulled out of water to the shore by some hundreds and thousands of mares (or she-buffaloes). As they opened up the stomach of the monster, they found the bodies of the six brothers who were then buried coremoniously. Dalurai conferred awards on Morirro, and the hero was long after remembered for his love for his brothers whose deaths he avenged, and for his valour and the unique technique by which he killed the monster.

Most of the versions describe the monster to be Maungar Machchu (Whale) while some refer to it as Kachchaoon (a big sea Turtle). It is more plausible to think of it as a shark, or it may have been any of the big whales known as *Veesar* and *Veelrro* which are hunted and brought to the Karachi coastline to this day by the professional fishermen of Karachi who proudly proclaim themselves to be the descendants of Morirro. They live in Khaddah (Karachi city), Ibrahim Hyderi Village, and Baba and Bhit islands. the graves of Morirro's six brothers and sister stand within the Karachi city area on the road leading from Khaddah to Mauripur, while the grave of Morirro stands on a hill-top at some distance from the brother's graveyard.

University of Sindh, N.A. BALOCH
*7th March, 1967.* *Director.*

